ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) اربع 30 سيپٽمبر 2026 ع 17 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (46)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ جا حامي ناهيون، جمهوري قدرن کي اهميت ڏئي بحران جو حل ڪڍيو وڃي: صدر آصف زرداري

صدر مملڪت آصف علي زرداري ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ ملاقات دوران ڪي پي ڪي جي معاملي تي صلاح مشورا، مختلف قانوني ۽ آئيني رخن جو جائزو ورتو ويو

ڊيڊ ڪلاڪ تائين ٽيل ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي صورتحال، تحريڪ انصاف جي ڌرڻي ۽ 4 آڪٽوبر تي احتجاج جي سڏ ۽ مولانا فضل الرحمان پاران پي ٽي آءِ جي احتجاج جي حمايت جو پڻ جائزو

سنڌ اسيمبلي وڏي اڪثريت سان نون صوبن جي قيام جي ٺهراءُ کي رد ڪري ڇڏيو جهڙي ريت سنڌ جو عوام ڪالاباغ ڊيم خلاف رهيو آهي، تنهن جيان سنڌ جو عوام سنڌ جي ورهاڱي خلاف به چٽو موقف رکي ٿو: صدر

پيپلزپارٽي هميشہ جمهوريت ۽ پارليامينٽ کي مستحڪم ڪرڻ جي حامي رهي آهي ۽ پارٽي جمهوريت جي بحالي لاءِ قربانين ڪان نہ گهٻرايون، خيبرپختونخوا جو معاملو جمهوري قدمن سان حل ڪيو وڃي

صدر مملڪت آصف زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، فريال ٽالپر، ناصر حسين شاهه، شرجيل ميمڻ ۽ جام خان شورو سان اجلاس ڪري عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون ڏيڻ جون هدايتون ڪيون

صدر آصف علي زرداري، ڪراچي ۾ قيام دوران پنهنجو طبي معائنو ڪرايو، ڊاڪٽر عاصم، ڊاڪٽر نديم، قمر سميت ڊاڪٽرن ڪيس تندرست قرار ڏنو، ڊاڪٽرن صدر مملڪت کي واڪ ڪرڻ جو پڻ مشورو ڏنو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) خيبرپختونخوا بابت مختلف آئيني ۽ قانوني آپشنز تي غور جاري آهي. صدر آصف علي زرداري ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ ملاقات دوران به ان معاملي تي صلاح مشورا ڪيا ويا. خيبرپختونخوا جي صورتحال بابت مختلف قانوني ۽ آئيني رخن جو جائزو ورتو ويو جڏهن تہ معاملي تي قطعي فيصلو وزيراعظم جي ڏيهه واپسي ڪانپوءِ ڪيو ويندو صدر آصف علي زرداري ۽ گهرو وزير محسن نقوي جي ملاقات ۾ خيبرپختونخوا سان لاڳاپيل معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي گهرو وزير محسن نقوي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف برطانيا جي اسٽاڪ ايڪسچينج ٽريڊنگ اوپننگ جو اعزاز حاصل ڪندڙ پهريون پاڪستاني وزيراعظم بڻجي ويو

نار ملڪن جو بحران پيدا نہ ٿئي ها تہ پاڪستان بہ ٻين اڀرندڙ معيشتن وانگر تيزي سان ترقي ڪري چڪو هجي ها: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج مارڪيٽ جي اوپن تقريب ۾ شرڪت، ايڪسچينج گروپ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊيوڊ شوئمر ۽ سينيئر عملدارن وزيراعظم جو استقبال ڪيو

اسان چئلينجز کي منهن ڏيڻ سان گڏ آمريڪا ۽ ايران ۾ ثالثي ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون، پاڪستان جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ پهرين ترجيح آهي: شهباز شريف

لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج جي ان تقريب جو افتتاح منهنجي لاءِ خوشي ۽ اعزاز جوڳو آهي، هي تقريب يقيني طور تي پاڪستان جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي

وقت اچي ويو آهي تہ نار بحران مان نوان سبق سکون، سيڙپڪار هاڻي محفوظ تہ منڊين جو جائزو ۽ تجزيو ڪري رهيا آهن ۽ پاڪستان اهڙي منڊيءَ آهي جتي پرڏيهي سيڙپڪاري کي آساني سان راغب ڪري سگهون ٿا

اها سيڙپڪاري انتهائي منافعو ڏيندڙ، گڏيل طور تي فائديمند، محفوظ ۽ مستحڪم ٿي سگهي ٿي، ان سلسلي ۾ اسان جو ناڻي وارو وزير ۽ ٻيا اهم ميمبر اقتصادي ٽيم سان ويجهي رابطي ۾ رهندا

اسان نجڪاري جي صلاحڪار پي آءِ اي ۽ فرسٽ ويمن بئنڪ جي نجڪاري جي عمل ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، اسان ڪيترن ئي ٻين سرڪاري ادارن کي بہ نجي شعبي حوالي ڪرڻ طرف اڳتي وڌي رهيا آهيون

لنڊن (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۾ غيرملڪي سيڙپڪاري جي لاءِ پرڪشش موقعن مان فائدو کڻڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ جيڪڏهن نار بحران پيدا نہ ٿئي ها تہ اسان بہ ٻين اڀرندڙ معيشتن وانگر تيزي سان ترقي جي راهہ تي گامزن ٿي چڪا هجون ها، اسان ان چئلينج کي منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ثالثي ۽
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

عالمي بئنڪ سان حصيداري کي اهميت ڏيون ٿا، تعاون کي وڌيڪ مستحڪم بڻائينداسين: ناڻي وزارت

عوام لاءِ بهتر معاشي موقعن ۽ روزگار جا ذريعا پيدا ڪرڻ ۽ مضبوط معيشتن لاءِ نجي سيڙپڪاري کي وڌ کان وڌ متحرڪ ڪيو وڃي

پاڪستان ڪاروباري ماحول کي وڌيڪ سازگار بڻائڻ پاليسين ۾ تسلسل، سيڙپڪاري جي ماحول ۾ بهتري آڻڻ جو خواهشمند آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وزارت چيو آهي تہ پاڪستان عالمي بئنڪ سان پنهنجي حصيداري کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو ۽ ان تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي اڳاري ڏينهن هتي جاري بيان ۾ ناڻي واري وزارت چيو تہ پاڪستان مالي سال 2026ع دوران ترقياتي عمل لاءِ نجي سيڙپڪاري متحرڪ ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ سيڙپڪارن سان وڌيڪ تيزي ۽ ويجهي تعاون جي عزم تي عالمي بئنڪ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پوري قوم کي سيڪيورٽي فورسز تي فخر آهي: صدر مملڪت

بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪاررواين تي جوانن کي خراج تحسين

دوست ملڪ ۽ اتحادين جي تعاون سان امن ۽ استحڪام کي قائم ڪري سگهجي ٿو: آصف زرداري

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت جي ”آءِ ورڪ فار سنڌ“ ۾ آٽو سي وي سسٽم متعارف ڪرايو ويو آهي: شرجيل ميمڻ

پليٽ فارم تي 718 ڪمپنيون رجسٽرڊ، 21 هزار 233 فعال نوڪريون ۽ 4 لک 71 هزار کان وڌيڪ درخواستون جمع ٿيل آهن

”لرن اينڊ ارن“ پروگرام تحت 1800 کان وڌيڪ عالمي ڪورسز تائين رسائي، 4 هزار 470 کان وڌيڪ اميدوار ڪورس مڪمل ڪري چڪا

مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڪيريئر ۽ نوڪري معاون، خودڪار نوڪري انضمام ۽ روزاني جاب الرٽس متعارف ڪرائڻ جي تياري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڏمالٽي کان ڊي ايڇ اي کي 10 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪرڻ واري منصوبي جو افتتاح

ناصر حسين شاهه ۽ مرتضيٰ وهاب پاران منصوبي جو افتتاح، 12 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر

خصوصي پائپ لائن، پمپنگ، ايڇ ڊي بي اي مين ٽرانسميشن ۽ فلٽريشن سسٽم ذريعي ڊي ايڇ اي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي اضافي پاڻي فراهم ڪيو ويندو

جنوري 2027ع تائين ڪراچي ۾ روزانو 100 ملين گيلن سيوريج پاڻي ٽريٽ ڪرڻ جو هدف مقرر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ڊفينس هائوسنگ اٿارٽي (ڊي ايڇ اي) ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي ڏمالٽي مان روزانو
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ليارِي ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ جو پهريون مرحلو آگسٽ 2027ع تائين مڪمل ڪيو ويندو: ناصر شاهه

پروجيڪٽ جي راهہ ۾ ايندڙ سمورين رڪاوٽن کي ختم ڪري ۽ ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري جو سبب بڻجندڙ معاملن کي حل ڪيو وڃي

پروجيڪٽ جي رفتار جو جائزو وٺڻ لاءِ هر 15 ڏينهن ڪانپوءِ سمورن لاڳاپيل ڌرين جو اجلاس منعقد ڪيو ويندو

چونڊيل نمائندن جي شڪايت تي ايس بي سي اي ليارِي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر کي معطل ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ڪاتي واري وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ليارِي ٽرانسفارميشن پلان جي ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر نبيل گبول، ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو کاتي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ ٿي رهي آهي

سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي اجلاس ۾ نئين نصاب ۽ انٽرنشپ پاليسي جي منظوري

ايڇ اي سي جي 2025ع واري پاليسي تحت مختلف فيڪلٽيز جي نظرثاني ٿيل نصاب جي منظوري ڏني وئي

مينيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن ۽ ڪامرس فيڪلٽي لاءِ پنج سالہ رٿا منظور، آءِ ٽي فيڪلٽي لاءِ جي پڻ منظوري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽيءَ جي اڪيڊمڪ ڪائونسل جو 16هون اجلاس اڳاري ڏينهن يونيورسٽي جي سينيٽ هال ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

خانپورمهر جو صحافي عظيم سيال ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿي گهر پهچي ويو

شهرين هندو پنچائت مکي، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ صحافين عظيم سيال سان ملي مبارڪون ڏنيون

ايس ايس پي محمد انور کيتران صحافي عظيم سيال سان ملاقات ڪري ڪانئس اغوا واقعي جا تفصيل پڻ ورتا

اسان سڀني جا ٿورائتا آهيون جن صحافي محمد عظيم سيال جي بازيابي لاءِ آواز اٿاريو: وارث

خانپورمهر/ شڪارپور/سکر/پنوعاقل (نمائندن وٽان) 4 ڏينهن اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل خانپورمهر جو سينيئر صحافي عظيم سيال ڌاڙيلن جي چنبي مان آزاد ٿي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حيسڪو چيف سان سندس پيءُ جي لاڏاڻي مختلف شخصيتن پاران تعزيت

سکر: سنڌ پوليس سينيئر رپورٽر ۽ سينئر
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پوليس جي ڪامياب حڪمت عملي ذريعي عظيم کي بازياب ڪرايو: ايس ايس پي

ڌاڙيلن صحافي عظيم سيال کي انتهائي ڏکي ۽ پوليس جي پهچ کان ناممڪن علائقي ۾ رکيو

ڌاڙيلن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي جاچ مڪمل ٿيڻ تائين سندن تفصيل ظاهر نہ ڪيا ويندا

خانپورمهر: ايس ايس پي گهوٽڪي محمد
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڌاڙيلن مقامي وڏيرن ۽ سردارن خلاف خبرون هلائڻ تان اغوا ڪيو: عظيم سيال

آپريشن ڪانپوءِ اغوا ڪندڙ شڪارپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا

شڪارپور: ايس ايس پي گهوٽڪي جي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

شڪارپور ۾ مبينا جعفري برادري ۾ تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ پيءُ معصوم پٽ سميت قتل

80لاڙو وٽ هٿياربندن فائرنگ ڪري 55 ورهين جي غلام حسين جعفري کي 6 ورهين پٽ عبدالستار سميت قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ابتدائي جاچ دوران واقعو جعفري برادري جي ٻن ڌرين ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار جو نتيجو آهي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور جي علائقي ڏکڻ پرسان نبي شاهه روڊ ڀرسان ڳوٺ ٿاڻي جي حدن ۾ 80 لاڙو وٽ هٿياربندن موٽرسائيڪل سوار پيءُ
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: محڪمہ اوقاف سنڌ ۾ آفيسرن جي مقررين ۽ بدلين بابت نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) محڪمہ اوقاف سنڌ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: مارجي ويل پيءُ ۽ پٽ جا لاش پيل آهن

لنڊن: وزيراعظم شهباز شريف سٽي گروپ جي عملدارن سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي سان ميانمار جي سفير وونا هان جي ملاقات

ٻنهي ملڪن ۾ ثقافتي تعاون وڌائڻ ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي اتفاق

ٻڌ پڪشوئن جي هڪ خصوصي وفد جو نومبر ۾ پاڪستان جو دورو متوقع آهي: ميانمار جو سفير

اسلام آباد (اي پي پي) قومي ورثي ۽ ثقافت واري وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي چيو آهي تہ پاڪستان پنهنجي عظيم ٻڌمت ۽ گنڌارا ورثي جي تحفظ ۽ هٿي ڏيڻ سان گڏوگڏ سڄي دنيا کان آيل ٻڌ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪستان علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهي: مصدق ملڪ

بدلجندڙ جاگرافيائي سياسي حالتن ۾ پاڪستان عالمي استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو

پاڪستان ۽ جمهوريہ چيڪ جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم رکون ٿا: وفاقي وزير

اسلام آباد (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي تہ بدلجندڙ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

خصوصي فيول ريليف اسڪيم جي ڪاميابي حڪومت جي گڏيل ڪوشش جي عڪاسي آهي: اسحاق ڊار

نائب وزيراعظم فيول ريليف اسڪيم تي عملدرآمد لاءِ فيول سبسڊي بابت قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت

هيستائين اٽڪل 76 لک رجسٽريشن ڪاميابي سان مڪمل ٿي چڪيون آهن ۽ ٽوڪن جي استعمال جو عمل ٻئي هفتي ۾ داخل ٿي ويو: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار وزيراعظم جي خصوصي فيول ريليف اسڪيم جي ڪاميابي کي ساراهيندي چيو آهي تہ اها ڪاميابي حڪومت جي سمورن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پاڻي فراهم ڪرڻ واري منصوبي جو ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪراچي کي برباد ڪندڙ هاڻي ڪراچي جي ترقي جو ماتم ڪري رهيا آهن: سميتا افضل

علي خورشيدي ۽ ايم ڪيو ايم جا ٻيا اڳواڻ اڄ مگرمڇ جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن

ايم ڪيو ايم وارا پنهنجي ڪارڪردگي جو حساب ڏيڻ بدران ٻين تي الزام تراشي ڪن پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سميتا افضل سيد، ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻ ۽ سنڌ اسيمبلي ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير جو بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردن خلاف آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

چاغي جي نوڪنڊي ۾ 2 ۽ باڙا ۾ 5 دهشتگردن جي مارجڻ تي جوانن کي مبارڪباد

دهشتگردن وٽان هٿيار، گولا بارود ۽ بارودي مواد هٿ اچڻ کي وڏي ڪاميابي قرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

موجوده نظام تحت پاڪستان وڌيڪ نٿو هلي سگهي: مصطفيٰ ڪمال

پ پ 18 سالن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام تي ظلم ڪري رهي آهي

ملڪ کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ انتظامي ڍانچي بابت سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال چيو آهي تہ موجوده نظام تحت
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

Government of
Information
اسلام آباد: سي اين ايس جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪٽنگ مينيجمينٽ ڊائريڪٽر پريس ايسوسيئيڊ پريس سبين عثمان کي شليڊ ڏئي رهي آهي

ڪراچي کي خراب ليڊر ڏسي نٿا سگهون، ماڊل تبديل ڪرڻو پوندو: علي خورشيدي

ڪراچي ۾ رڳو ڍانچو ئي خراب ناهي ڪيو ويو پر تعليم جو نظام بہ خراب ڪيو ويو آهي

يونيورسٽي روڊ تي شاگردن کي تڪليف ۽ اذيت ڏيڻ سنڌ حڪومت جو ڪارنامو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي چيو آهي تہ 18هين ترميم ڪجهہ ڊليور نہ ڪري سگهي، ٺهندڪري نون انتظامي يونٽن ڏانهن وڃڻو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي اوڀر زون ۾ ڏوهن خلاف ڪارڪردگي جو جائزو، غير تسلي بخش آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس

ڊي آءِ جي اوڀر ڊاڪٽر فرخ علي جي صدارت هيٺ اجلاس، اسٽريٽ ڪرائيم، قتل خلاف ڪاررواين تي غور

اهم ڪيسن جي جاچ ۾ اڳڀرائي بابت ايس آءِ اوز ۽ جاچ آفيسرن کان رپورٽ طلب، جوابدارن جلد گرفتار ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي اوڀر زون ڊاڪٽر فرخ علي جي صدارت هيٺ ڏوهن جي روڪٿام ۽ پوليس ڪارڪردگي بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ اوڀر زون جي سمورن ضلعن ايس ايس پيز ۽ ايس پيز
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

WASHINGTON, D.C.
هوسٽن: وفاقي وزير قيصر شيخ تقريب ۾ شريڪ آهي

حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ پيٽروليم ليوي ختم ڪري: حافظ نعيم الرحمان

امن پسندي کي ڪمزوري نہ سمجهيو وڃي، عوام جي حقن لاءِ احتجاجي جدوجهد جاري رهندي

پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهين، سياسي ٽيبلن جي آزادي ۽ خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي تہ اسان جي امن پسندي کي ڪمزوري نہ سمجهيو وڃي، اسان جي احتجاجي طاقت سڀني ڏٺي آهي ۽ عوام
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير جو ڪراچي جو دورو، ريسڪيو ۽ فائر برگيڊ لاءِ 21 نين گاڏين جو معائنو

بلاول هائوس ۾ صدر آصف زرداري سان محسن نقوي جي ملاقات، ملڪي صورتحال ۽ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

چين مان آندل جديد گاڏين 5 ڏينهن اندر اسلام آباد پهچنديون، 4 فائر ايريل ٽرڪ، 6 فائر ٽاورز ۽ 5 فائر ٽينڪس شامل

ڪراچي ۾ وفاقي گهرو وزارت تحت ملڪ جو سڀ کان وڏو گرينڊ خدمت مرڪز قائم ڪرڻ جو منصوبو، 10 ڏينهن اندر ماسٽر پلان طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ڪراچي جي دوري دوران اسلام آباد ريسڪيو 1122 ۽ فائر برگيڊ لاءِ چين مان آندل 21 نين گاڏين جو ڪراچي پورٽ تي معائنو ڪيو ڪراچي ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ فارينسڪ ايجنسي جو دورو ڪري رهيو آهي

وزيراعظم جون مالياتي ادارن بارڪليز، جي پي مورگن، سٽي، بليڪ راڪ ۽ روٿ شيلڊ اينڊ ڪو جي اعليٰ عملدارن سان جدا جدا ملاقاتون

لنڊن (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف برطانيا جي دوري دوران دنيا جي ناليواري مالياتي ادارن بارڪلين جي پي مورگن، سٽي، بليڪ راڪ ۽ روٿ شيلڊ
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ سيڪيورٽي فورسز جا آپريشن، 7 دهشتگرد مارجي ويا

فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن تورکچہ، ويجهو هڪ خالي واٽر بازار کي باهہ ڏيڻ کان پوءِ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

علائقي ۾ موجود سيڪيورٽي فورسز فوري ۽ اثرائتي جوابي ڪارروائي ڪندي ٽنهي شرپسندن کي موقعي تي ماري ڇڏيو

خيبر جي علائقي باڙه ۾ هڪ ڪامياب انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن دوران فتنہ الخوارج جي 5 بدنام دهشتگردن کي ماريو ويو

ڪوئيٽا (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ امن دشمن ڌرين جي مڪمل خاتمي لاءِ جاري آپريشن رد الفتنہ 3 تحت ضلع چاغي جي علائقي نورڪچہ ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي 2 دهشتگردن
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

افغان حڪومت کي ذميوار رياست جي سوچ اختيار ڪرڻي پوندي: عطاءُ الله تارڙ

پاڪستان امن، ڳالهہ ٻولهہ ۽ گڏيل امن تي يقين رکي ٿو، امن جي خواهش کي ڪمزوري نہ سمجهيو وڃي

پاڪستان ۽ افغانستان پاڙيسري ملڪ آهن ۽ سدائين پاڙيسري رهندا، ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ تاريخي رابطا ۽ لاڳاپا موجود آهن

وچ ايشيا مان افغانستان جي رستي پاڪستان تائين واپاري لنگهہ قائم ٿئي تہ ٻنهي ملڪن جي عوام خوشحال ٿي سگهي ٿي

وقت جي ضرورت آهي تہ افغان عبوري حڪومت مسئلي جي سنگيني کي سمجهندي نيڪ نيتي سان ان جو حل ڳولي: وزير اطلاعات

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي تہ افغان عبوري حڪومت کي عسڪريت پسندانہ سوچ مان نڪري ذميوار رياست جي سوچ اختيار ڪرڻي
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

بيجنگ: وقتي سفير اعزاز خان چيني دفاع جي تقريب ۾ ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

سچي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 800 رپين جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) سچي ملڪ ۾ سون جي قيمت 800 رپين جي گهٽتائي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسہ عادل پاران اي پي اين ايس هائوس جو دورو

وزيراعظم جي واعدي موجب اخبارن لاءِ سرڪاري اشتهارن جا اگهہ وڌايا وڃن: سينيٽر سرمد علي

سرڪاري اشتهارن جا اگهہ اي بي سي سان ڳنڍڻ بدران مقرر سطح تي برقرار رکيا وڃن

سرڪاري اشتهارن جا اگهہ مقرر ڪرڻ جو اختيار اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت حوالي ڪيو وڃي

مسئلن کي جلد کان جلد حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون: رئيسہ عادل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسہ عادل اي پي اين ايس هائوس جو دورو ڪيو ۽ اتي اي پي اين ايس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي سنڌ سان تعلق رکندڙ ميمبرن سان ملاقات ڪئي ان
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پرنسپل انفارميشن آفيسر رئيسہ عادل اي پي اين ايس جي عهديدارن سان گڏ بيٺل آهي

وزيراعظم پاران خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

گورنر راڄ يا ايمرجنسي لڳائي وئي تہ ڀرپور مزاحمت ڪنداسين: پي ٽي آءِ چيئرمين

پيپلز پارٽي جي اڳواڻن سان ملاقات ڪري کين آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني وئي

ملڪ جي مجموعي ۽ سياسي صورتحال، خيبرپختونخوا ۾ سيڪيورٽي صورتحال ۽ صوبن جي معاملن تي ڳالهايو ويندو

دهشتگرد ڇڙتي صوبن ۽ پاڪستاني عوام جا دشمن آهن، نيشنل ايڪشن پلان تحت دهشتگردي خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي: بئرسٽر گوهر

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو آهي تہ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لڳائي وئي تہ ڀرپور مزاحمت ڪنداسين، دهشتگردي کي بنياد بڻائي گورنر راڄ لاڳو نٿو ڪري سگهجي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير پاران خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ ڪامياب آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان ۾ خوارجين خلاف ڪاميابي انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارانہ ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي آهي گهرو وزارت پاران جاري
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اولان باتور: وفاقي وزير احسن اقبال ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

سنڌ ۾ جديد فرانزڪ سائنس ليبارٽري ڊسمبر 2026ع تائين فعال ڪرڻ جو هدف

فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ اجلاس، ڊي اين اي، فنگر پرنٽس، ڊجيٽل فرانزڪ سميت جديد سهولتن بابت بريفنگ

مينيجمينٽ سسٽم ذريعي ايف آءِ آر کان اپيل تائين ڪيسن جي نگراني، دير ۽ التوا هيٺ ڪيسن جي نشاندهي جو منصوبو

عالمي معيارن موجب فرانزڪ نظام، ماهرن جي تربيت ۽ ٽيڪنالاجي منتقلي تي زور، ادارن وچ ۾ موثر رابطي سان فوجداري نظام کي جديد بڻائڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي براءِ گهرو ڪاتي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پريس ڪائونسل آف پاڪستان جو چيئرمين ارشد خان جدون جنهن کي اداري جي ڊائريڪٽر ۽ هن جي ساٿين حملي ۾ زخمي ڪيو

ملڪ ۾ جاري بحرانن جو حل صرف ۽ صرف پيپلز پارٽي وٽ آهي: نزهت رزاق

سياستدانن کي روايتي سياست کان پاسو ڪري بلاول ڀٽو جا هٿ مضبوط ڪرڻ گهرجن

دنيا تيزيءَ سان ترقي جي راهہ تي گامزن آهي، پاڪستان کي هن دوڙ ۾ شامل ٿيڻو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي عورتاڻي ونگ جي اڳواڻ نزهت رزاق چيو آهي تہ ملڪ ۾ جاري هر قسم
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڊائو يونيورسٽي سامهون نرسنگ شاگردن جو امتحاني نتيجن ۾ مبينا بي ضابطگين خلاف ڌرڻو

اسلامي جمعيت طلبا نرسنگ يونٽ جي اهتمام هيٺ وڏي انگ ۾ شاگردن جي شرڪت

ري ٽيڪ امتحاني فيس گهٽائڻ ۽ فيس واؤچر جمع ڪرائڻ جي تاريخ وڌائڻ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسلامي جمعيت طلبا نرسنگ يونٽ جي اهتمام هيٺ ڊائو ميڊيڪل يونيورسٽي جي سامهون نرسنگ
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

چڪ واسي نوجوان ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو، وارثن جو جتوئي برادري تي الزام

پينس ڪالوني ۾ واڙي تي ڪم ڪندڙ زمان عرف ابو ولد رضامحمد ڪلهوڙو کي هٿياربندن قتل ڪري ڇڏيو

واقعي جي اطلاع تي مقتول جي گهر ۾ ڪهرام، وارثن پاران کهرياڻي جتوئي ڌر تي قتل جو الزام

ڪجهہ مهينن کان پيتي جي معاملي تان تڪرار هٿياربندن نوجوان کي قتل ڪيو آهي، جاچ ڪري انصاف ڪيو وڃي

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) ڪراچي جي پينس ڪالوني واري علائقي ۾ واڙي تي ڪم ڪندڙ چڪ واسي نوجوان زمان عرف ابو ولد رضامحمد ڪلهوڙو هٿياربندن هٿان قتل واقعي جي اطلاع تي مقتول جي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

چڪ ويجهو پوليس آپريشن دوران مبينا ڊورن ڪرڻ سبب ٻہ پورهيت مارجي ويا، 7 زخمي

ڳوٺ منظور شاهه ويجهو گولو ڪرڻ سبب پورهيت حسن ميراڻي سندس پٽ منير احمد ميراڻي ٿڏي تي مارجي ويا

واقعي ۾ ٽن ورهين جي عليزه، ڪامران، صغران، شازيا، لاريب، مجيب، تحسين ميراڻي زخمي ٿي پيا

پوليس پاران پورهيتن جي مارجي وڃڻ واري واقعي بابت ڪوئي مؤقف سامهون اچي نہ سگهيو

چڪ (ن ع) خانپور مهر مان اغوا ٿيل صحافي محمد عظيم سيال جي بازيابي لاءِ ڪيل آپريشن دوران پوليس پاران ڳوٺ منظور شاهه ويجهو ڊورن فائر ٿيڻ ڪري چڪ واسي پورهيت خاندان جا ٻہ ڄڻا مارجي ويا جڏهن تہ عورتن ۽ ٻارڙن سميت
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

چڪ: مارجي ويل ٻن ڄڻن جا لاش سندن ڳهرن ۾ پيل آهن

ريبيز کان بچاءَ لاءِ عوامي آگاهي ضروري آهي: ناصر حسين شاهه

صابڻ ۽ پاڻي سان متاثر ٿيل جاءِ کي تقريباً 20 منٽن تائين ڌوئڻ جي هدايت

سنڌ حڪومت پاران آواره ڪتن جي نسل بندي جو پروگرام جاري آهي: ورڪشاپ ۾ خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي ۾ ريبيز کان بچاءَ ۽ ان بابت عوامي آگاهي جي حوالي سان منعقد ڪيل
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

بقايا: اداري ا جيسڪ چيف
حيدرآباد ا نمبر 17 آخر صفحو 2

[redacted]

امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون اهڙن خيالن جو اظهارهن اڱاري ڏينهن لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج جي مارڪيٽ اوپن تقريب ۾ شرڪت دوران خطاب ڪندي ڪيو محمد شهباز شريف پاڪستان جو پهريون وزيراعظم آهي جنهن کي لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج ٽريڊنگ اوپننگ جو اعزاز حاصل ٿيو لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج اچڻ تي لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج گروپ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊيوڊ شوئمر ۽ سينيئر عملدارن وزيراعظم جو استقبال ڪيو ان موقعي تي پاڪستان جي 3 ارب ڊالر جي Dual Tranche يورو بانڊز لسٽنگ جي پڻ مهورتي تقريب منعقد ٿي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج جي ان تقريب جو افتتاح منهنجي لاءِ خوشي ۽ اعزاز جوڳو آهي هي تقريب يقيني طور تي پاڪستان جي معيشت کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي آئون اها ڳالهه اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته اسان پنهنجي معاشي انگن اکرن کي نمايان طور تي بهتر ڪيو آهي جيڪي مستقبل جي لاءِ انتهائي حوصلي جوڳا ۽ پراميد آهن هن چيو ته ڏاڍن ڏينهن ۾ ناڻي واري وفاقي وزير ۽ سندس ٽيم پاران 3 ارب ڊالر ماليت جي يورو بانڊز ۽ خودمختيار قرضن جي انتظام جي ڪاميابي ان ڳالهه جو واضح مثال آهي اهو اسان جي ڀرپور محنت، گهري ۽ بنيادي نوعيت جي ساختي سڌارن معيشت کي ڊيجيٽل بڻائڻ ۽ معيشت کي بيهتر صحيح رخ ۾ گامزن ڪرڻ جي لاءِ ڪيل سمورن ضروري قدمن جو عملي ثبوت آهي هن چيو ته جيڪڏهن نار بحران پيدا نه ٿئي ها ته اسان به بين ابرنڊز معيشتن وانگر تيزي سان ترقي جي راهه تي گامزن ٿي چڪا هجون ها اسان ان چئلينج کي منهن ڏيڻ سان گڏوگڏ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڏالثي ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ پڻ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون هن اميد ظاهر ڪئي ته اسان انهي رخ ۾ پنهنجون ڪوششون جاري رکنداسين ايستائين جو اسان هڪ محفوظ ۽ مستحڪم مقام تائين پهچي وڃون هن چيو ته هڪ ڀيرو ٻيهر ناڻي واري وفاقي وزير بين لاڳاپيل اقتصادي وزيرن سيڪريٽرين ۽ حڪومتي آفيسرن جي ڪوششن کي ساراهيان ٿو جن اسان جي معيشت جي تعمير ۽ بهتري جي لاءِ ذڪر جوڳو ڪم ڪيو آهي وزيراعظم چيو ته هاڻي وقت اچي ويو آهي ته تاريخ جي ڊس ۾ اسان نوان سبق سکون سيڙپڪار هاڻي محفوظ ته منڊين جو جائزو ۽ تجزيو ڪري رهيا آهن ۽ پاڪستان هڪ اهڙي منڊي آهي جتي اسان غيرملڪي سيڙپڪاري کي آسانيءَ سان راغب ڪري سگهون ٿا اها سيڙپڪاري انتهائي منافعو ڏيندڙ گڏيل طور تي فائديمند، محفوظ ۽ مستحڪم ٿي سگهي ٿي ان سلسلي ۾ اسان جو ناڻي وارو وزير ۽ ٻيا اهم ميمبر اقتصادي ٽيم سان ويجهي رابطي ۾ رهندا هن چيو ته اسان يقيني طور تي توهان جي رهنمائي ۽ مشورو حاصل ڪرڻ چاهينداسين ته عالمي مالياتي منڊين کي پاڪستان ۾ وڌيڪ فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙي طرح راغب ڪري سگهجي ٿو اهو ڪردار رڳو خودمختيار قرضن تائين محدود نه هجڻ گهرجي ۽ سيڙپڪاري جي ميدان ۾ به هجڻ گهرجي، پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جا موقعا انتهائي پرڪشش آهن هن چيو ته اسان جي نجڪاري جي صلاحڪار پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) ۽ فرسٽ وومين بئنڪ جي نجڪاري جي عمل ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي هاڻي اسان ڪيترن ئي بين سرڪاري ادارن کي به نجي شعبي جي حوالي ڪرڻ طرف اڳتي وڌي رهيا آهيون ڇو ته انهن ادارن کي نجي شعبي جي ذريعي ئي هلائڻ گهرجي، اهو هڪ اهڙو شعبو آهي جتي اسان توهان سان انتهائي ويجهو تعاون ڪري سگهون ٿا وزيراعظم چيو ته مون کي اهو ڄاڻي تمام گهڻي خوشي ٿي ته توهان پاڪستان جي لاءِ اجنبي نه آهيو انهي لاءِ مون پنهنجي هاءِ ڪمشنر کي چيو آهي ته هو توهان کي پاڪستان جي دوري جي هڪ شاندار دعوت موڪلي ان دعوت تي توهان پنهنجي سهولت موجب دوري جي تاريخ طئي ڪري سگهو ۽ پنهنجي جوانيءَ جي ڏهاڙن جون پاڪستان سان وابسته خوبصورت يادون هڪ ڀيرو ٻيهر تازيون ڪري سگهو محمد شهباز شريف پاڪستان جو پهريون وزيراعظم آهي جنهن کي لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج ٽريڊنگ اوپننگ جو اعزاز حاصل ٿيو وزيراعظم محمد شهباز شريف جي مارڪيٽ اوپن تقريب ۾ شرڪت پاڪستان ۽ لنڊن جي اهم مالياتي ادارن جي وچ ۾ وڌندڙ رابطن جو مظهر آهي لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج گروپ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊيوڊ شوئمر ۽ لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج گروپ جي سينيئر عملدارن وزيراعظم جو استقبال ڪيو لنڊن اسٽاڪ ايڪسچينج جي مارڪيٽ اوپن تقريب پيٽرنوسٽر اسڪوائر ۾ موجود ان جي هيڊڪوارٽر ۾ منعقد ٿئي ٿي ۽ ان جي ذريعي لنڊن ۾ ڪاروباري ڏينهن جي ٽريڊنگ جي باقاعده شروعات ٿئي ٿي

[redacted]

جي ڪوشش جي آجيان ڪري ٿو انهن قدمن سان ان ڳالهه جي عڪاسي ٿي رهي آهي ته پائيدار انساني سرمائي جي ترقي عوام لاءِ بهتر معاشي موقعن ۽ روزگار جا ذريعا پيدا ڪرڻ ۽ اهڙين مضبوط معيشتن جي جوڙجڪ لاءِ نجي سيڙپڪاري کي وڌ کان وڌ متحرڪ ڪيو وڃي جيڪي خوشحال ۽ پائيدار اقتصادي ترقي جا موقعا فراهم ڪري سگهن بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان ڪاروباري ماحول کي وڌيڪ سازگار بڻائڻ پاليسين ۾ تسلسل سيڙپڪاري جي ماحول ۾ بهتري آڻڻ ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ اقتصادي ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ سڌارن جي عمل کي اڳتي وڌائڻ جي عزم تي قائم آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان عالمي بئنڪ سان پنهنجي حصيداري کي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ ان تعاون کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي ته جيئن نئين سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ڪري سگهجن نجي سيڙپڪاري کي وڌيڪ متحرڪ ڪري سگهجي اقتصادي ترقي جي رفتار تيز ڪري سگهجي روزگار جا موقعا پيدا ٿين ۽ ترقي جي امڪانن کي عوام لاءِ ٺوس ۽ قابل عمل نتيجن ۾ تبديل ڪري سگهجي

[redacted]

زرداري بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پوري قوم کي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي جرئت ۽ بهادري تي فخر آهي دهشتگردن جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڀرپور انداز ۾ جاري رهنديون اڱاري ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر چيو ته سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي موثر حڪمت عملي ذريعي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو آهي ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڀرپور انداز ۾ جاري رهنديون صدر چيو ته پاڪستان عالمي امن جي قيام ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي هزارين بهادر سپوتن ۽ ڌيئرن جي قرباني ڏني آهي پاڪستاني قوم ۽ ان جي بهادر هٿياربند فوج پاڪستان خطي ۽ دنيا ۾ امن ۽ استحڪام جي دشمنن جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ جو عزم ۽ صلاحيت موجود آهي صدر چيو ته دوست ملڪ ۽ اتحادين جي تعاون سان امن ۽ استحڪام جي دشمنن جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻايو ويندو

[redacted]

ياترين ۽ سياحن کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي هن اها ڳالهه ميانمار جي سفير ورنا هان سان اڱاري ڏينهن پنهنجي آفيس ۾ ملاقات دوران ڳالهائيندي چئي وفاقي وزير چيو ته سري روڊ تي هڪ اهڙي مناسب سهولت جي تعمير جي رٿابندي ڪئي پئي وڃي جتي ٻڌمت سان منسوب مقدس شين کي احترام سان محفوظ ۽ نمائش لاءِ پيش ڪري سگهجي هن چيو ته تجويز ڪيل سهولت ٻڌ ياترين ۽ ٻين مهمانن کي ان مقدس آثار آڏو عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪرڻ لاءِ موزون جڳهه فراهم ڪندي وفاقي وزير چيو ته وزارت پشاور ميوزيم ۾ محفوظ اهم ٻڌمت سان منسوب مقدس شين کي قومي ميوزيم منتقل ڪرڻ جي امڪانن جو به جائزو وٺي رهي آهي ته جيئن انهن کي هڪ مناسب قومي اداري ۾ نمائش لاءِ پيش ڪري سگهجي هن چيو ته اهم ٻڌمت جي آثارن کي هڪ مخصوص قومي مرڪز ۾ گڏ ڪرڻ سان ٻڌمت ياترين لاءِ پهچ بهتر ٿيندي پاڪستان جي گنڌارا ورثي ۽ مذهبي سياحت کي هٿي ڏيڻ ۾ مدد ملندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان گنڌارا تهذيب ۽ پنهنجي ٻڌمت ورثي کي عالمي برادري آڏو اجاگر ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته شاهه الله ڏتہ غارن کي ايندڙ مهيني ٻڌمت ياترين لاءِ کوليو ويندو جڏهن ته پاڪستان مختلف ٻڌ اڪثريتي ملڪن ۾ گنڌارا نمائشون منعقد ڪرڻ جو به منصوبو رکي ٿو ته جيئن ان عظيم تهذيب ۽ ان جي تاريخي اهميت بابت آگاهي کي هٿي ڏئي سگهجي هن چيو ته پاڪستان مختلف شعبن ۾ تعاون لاءِ ميانمار جي حڪومت کي پرڏيهي وزارت ذريعي مفاهمت جي ياداشت جو مسودو پهرين ئي موڪلي چڪو آهي هن ميانمار جي سفير کي درخواست ڪئي ته هو ان عمل کي تيز ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ته جيئن ٻنهي ملڪن وچ ۾ باضابطا تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهجي پاڪستان ۾ ميانمار جي سفير وناهان چيو ته پاڪستان ۽ ميانمار وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا آهن جن جا تاريخي لاڳاپا ٻنهي ملڪن جي آزادي کان اڳ جي دور تائين پکڙيل آهن هن آخري مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر سان ميانمار جي تاريخي تعلق جو ذڪر ڪندي چيو ته هن پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن رنگون موجوده ياڱون ۾ گذاريا ۽ اتي ئي دفن ٿيل آهي هن چيو ته ياڱون ۾ سندس مزار هڪ اهم تاريخي مقام آهي ۽ ڏکڻ ايشيا کان آيل اڳواڻ روايتي طور تي اتي حاضري ڀريندا آهن جن ۾ اڳوڻو صدر جنرل پرويز مشرف به شامل آهي قومي ورثي ۽ ثقافت ڊويزن واري سيڪريٽري اسد رحمان گيلاني چيو ته پرڏيهي وزارت ذريعي اسلام آباد ۾ مقرر ٻڌ اڪثريتي ملڪن جي سفيرن کي شاهه الله ڏتہ غارن جي افتتاحي تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي وزيراعظم جي گنڌارا بابت ڪوآرڊينيٽر عمران شوڪت چيو ته ٻڌ ڀڪشوئن جي هڪ خصوصي وفد جو نومبر ۾ پاڪستان جو دورو متوقع آهي هن چيو ته پاڪستان ٻڌمت اڪثريتي ملڪن سان لاڳاپا مضبوط بڻائڻ ۽ گنڌارا ورثي کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ سنجيده ۽ عملي قدم کڻي رهيو آهي ٻنهي ملڪن طرفان ثقافتي تعاون وڌائڻ ٻڌ ياترين جي مذهبي سفر ۽ عوامي رابطن کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي اتفاق ڪيو ويو

[redacted]

جاگرافيائي سياسي حالتن ۾ پاڪستان عالمي استحڪام لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو جمهوريه چيڪ جي قومي ڏينهن جي موقعي تي منعقد آجياڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان خطي ۾ امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪيون آهن ۽ سڄي دنيا ۾ استحڪام لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم تي قائم آهي هن 2021ع ۾ پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ وچ ۾ دفاعي، صنعتي ۽ لاجسٽڪس تعاون جي معاهدي جو حوالو ڏيندي چيو ته پاڪستان موجوده فريم ورڪ کي استعمال ۾ آڻيندي عالمي استحڪام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۽ نوجوان نسل لاءِ امن ۽ اميد کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هن چيو ته دنيا نيٽ سيڪيورٽي پرووائيڊر جي ڳالهه ڪري ٿي جڏهن ته پاڪستان پاڻ کي نيٽ پيس پرووائيڊر بڻائڻ جو عزم ڪيو آهي مصدق ملڪ چيو ته پاڪستان جو وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرعزم آهن ۽ ملڪ علائقائي ۽ عالمي استحڪام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندو پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ جي پراڻن لاڳاپن کي اجاگر ڪندي هن چيو ته ٻنهي ملڪن جا رابطا پاڪستان جي قيام کان اڳ جا آهن ۽ انهن ۾ واپاري، فني تعليمي ۽ دفاعي شعبن ۾ تعاون شامل آهي هن پاڪستان ۾ باٽا جي موجودگي ۽ بٽاپور جي قيام کي ٻنهي ملڪن جي پراڻي واپاري لاڳاپن جو مثال قرار ڏيندي چيو ته هي ڪمپني اڄ به سڄي پاڪستان ۾ وڏي پئماني تي مشهور آهي وفاقي وزير تعليمي تعاون کي به اجاگر ڪندي چيو ته سوين پاڪستاني شاگرد چيڪ يونيورسٽين ۾ تعليم پرائي رهيا آهن جتي کين جديد ٽيڪنالاجين ڪاروباري ماڊلز ۽ عالمي طريقيڪار کان آگاهي حاصل ڪرڻ جا موقعا ملي رهيا آهن هن پاڪستان ۽ جمهوريه چيڪ جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ اهڙن شعبن ۾ تعاون کي سگهه ڏيڻ جي خواهش جو ورجاءُ ڪيو جيڪي امن استحڪام ۽ خوشحالي کي هٿي ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين

[redacted]

پائلٽ منصوبي "آءِ ورڪ فار سنڌ" ۾ آئو سي وي ٺاهڻ وارو نظام متعارف ڪرايو ويو آهي سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته نئين ٽيڪنالاجي ذريعي اميدوار پنهنجو پيشوراڻو پروفائيل منظم انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ سي وي تيار ڪري سگهن ٿا، جڏهن ته جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان نوجوانن کي روزگار لاءِ بهتر نموني درخواست ڏيڻ جي قابل بڻايو پيو وڃي هن چيو ته حڪومت روزگار جا موقعا، مهارتون پيشوراڻي تربيت ۽ ڪيريئر رهنمائي فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي شرجيل انعام ميمڻ موجب پليٽ فارم تي 718 ڪمپنيون رجسٽرڊ آهن ۽ هن وقت 21 هزار 233 فعال روزگار جا موقعا موجود آهن، جڏهن ته پليٽ فارم ذريعي 4 لک 71 هزار کان وڌيڪ نوڪرين لاءِ درخواستون جمع ڪرايون ويون آهن هن ٻڌايو ته "لرن اينڊ ارن" پروگرام تحت عالمي سطح تي مڃيل 1800 کان وڌيڪ مختصر ڪورسز تائين رسائي فراهم ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته هن وقت تائين 4 هزار 470 کان وڌيڪ اميدوار ڪورسز ڪاميابي سان مڪمل ڪري چڪا آهن ۽ 5 هزار 225 کان وڌيڪ اميدوار ڪورسز ڪري رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جو ايندڙ هدف "آءِ ورڪ فار سنڌ" کي وڌيڪ جديد ۽ ذهين ڊجيٽل روزگار واري پليٽ فارم ۾ تبديل ڪرڻ آهي هن چيو ته پليٽ فارم تي مصنوعي ذهانت جي مدد سان ڪيريئر ۽ نوڪري معاون تيار ڪيو پيو وڃي جيڪو اميدوارن کي نوڪرين جي ڳولا، چونڊ، ڪيريئر رهنمائي ۽ ٻين ڊجيٽل سهولتن ۾ مدد فراهم ڪندو هن چيو ته سرڪاري ۽ خانگي شعبي ۾ موجود نوڪرين کي سڌي ريت پليٽ فارم سان ڳنڍڻ لاءِ خودڪار نوڪري انضمام وارو نظام پڻ تيار ڪيو پيو وڃي شرجيل انعام ميمڻ موجب خودڪار نظام جي ابتدائي تياري ۽ نفاذ ايندڙ ڏيڍ کان ٻن مهينن دوران متوقع آهي جڏهن ته روزاني نوڪري جا اطلاع پڻ متعارف ڪرايا ويندا هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد جديد ڊجيٽل روزگار ۽ ڪيريئر جو مڪمل نظام قائم ڪرڻ آهي

[redacted]

ادارن جي گڏيل ڪوششن جي عڪاسي ڪري ٿي اڱاري ڏينهن هتي نائب وزيراعظم جي آفيس پاران جاري بيان موجب هن نيويارڪ کان واپسي تي وزيراعظم جي خصوصي فيول ريليف اسڪيم تي عملدرآمد جو جائزو وٺڻ جي لاءِ فيول سبسڊي بابت قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪئي ڪميٽي رجسٽريشن ٽوڪن جي استعمال ادائيگين ۽ شڪايتن جي ازالي جي حوالي سان اڳڀرائي جو جائزو ورتو ڪميٽي کي ٻڌايو ويو ته هيستائين اٽڪل 76 لک رجسٽريشن ڪاميابي سان مڪمل ٿي چڪيون آهن ۽ ٽوڪن جي استعمال جو عمل ٻئي هفتي ۾ داخل ٿي ويو آهي، هيستائين 77 لک 10 هزار ٽوڪنز استعمال ڪيا ويا آهن نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار اسڪيم جي ڪاميابي کي ساراهيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اها حڪومت جي سمورن ادارن جي گڏيل ڪوشش جي عڪاسي ڪري ٿي جنهن ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪام واري وزارت، اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت، پيٽروليم واري وزارت، اوگرا اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۽ صوبن گڏيل ڪوششون ڪيون آهن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير مستحقين کي سهولت فراهم ڪرڻ ۽ سڄي ملڪ ۾ خدمتن جي بنا رڪاوٽ فراهمي يقيني بڻائڻ جي لاءِ مسلسل رابطن جي ضرورت تي زور ڏنو اجلاس ۾ انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن ۽ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت وارن وفاقي وزيرن، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، وفاقي ۽ صوبائي سيڪريٽرين ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۽ اوگرا اين آءِ ٽي بي ۽ پي ڊي اي جي عملدارن شرڪت ڪئي

[redacted]

10 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪرڻ واري منصوبي جو سنگ بنياد رکي ڇڏيو تقريب فلٽريشن پلانٽ سائيٽ، ڪريڪ ايونيو ڊي ايڇ اي فيز VII ۾ منعقد ٿي تقريب ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر مرزا اختيار بيگ، وڏي وزير سنڌ جو صلاحڪار نجمي عالم، ڪراچي جو ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر احمد علي صديقي، چيف آپريٽنگ آفيسر اسدالله خان، ايف ڊبليو او ۽ ڪينٽونمينٽ بورڊ جا آفيس چونڊيل نمائندا ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا. تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ترقياتي ويزن ڏملاڪي کان ڊي ايڇ اي کي روزانو 10 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪرڻ واري منصوبي جي صورت ۾ سامهون اچي رهيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته ايف ڊبليو او اهو منصوبو مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪري وٺندي هن چيو ته سنڌ حڪومت منصوبي لاءِ گهربل فنڊ فراهم ڪري ڇڏيا آهن جڏهن ته ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي ترقياتي منصوبا مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ ڪيترن ئي منصوبن تي ڪم جاري آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ هن وقت لڳ ڀڳ 150 شاهراهن تي ترقياتي ڪم جاري آهي، جڏهن ته شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڏيڪ منصوبا پڻ شروع ڪيا پيا وڃن صوبائي مڪاني حڪومت واري وزير ٻڌايو ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ خيابان اتحاد ۽ خيابان شهيد جي هنڌن تي به نوانڻ منصوبا شروع ڪري رهي آهي جن سان شهرين کي سفري سهولتن ۾ بهتري حاصل ٿيندي هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقي ۽ شهري مسئلن جي حل لاءِ مختلف ادارن سان گڏجي منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي جڏهن ته ڏملاڪي کان ڊي ايڇ اي کي پاڻي فراهم ڪرڻ وارو منصوبو پڻ ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي تقريب کي خطاب ڪندي ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته ڏملاڪي کان ڊي ايڇ اي تائين روزانو 10 ملين گيلن پاڻي فراهم ڪرڻ واري منصوبي تي 14 ارب رپين جي لاڳت ايندي، جڏهن ته منصوبو 12 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي هن چيو ته منصوبي سان ڊفينس ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي لکين رهواسين کي فائدو پهچندو هن چيو ته ماضي ۾ ڊي ايڇ اي کي پاڻي فراهم ڪرڻ بابت ڪيترائي واعدا ڪيا ويا، پر انهن تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو هاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نمائندن ان منصوبي کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي مرتضيٰ وهاب منصوبي ۾ سهڪار ڪرڻ تي ڪينٽونمينٽ بورڊ جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته سي بي سي هن معاملي ۾ ڀرپور سهڪار ڪيو آهي ۽ هر ممڪن مدد جي خاطري ڪرائي آهي ڪراچي جي ميئر موجب ڏملاڪي کان ڊي ايڇ اي تائين اضافي پاڻي پهچائڻ لاءِ خصوصي پائپ لائن وڇائي ويندي، جنهن ۾ ڏملاڪي سورس، پمپنگ، ايڇ ڊي پي اي مين ٽرانسميشن ۽ ڊي ايڇ اي انٽرفيس شامل هوندا ڏملاڪي مان پاڻي پمپنگ ذريعي ايڇ ڊي پي اي مين تائين پهچايو ويندو جڏهن ته ڊي ايڇ اي انٽرفيس تي پاڻي جي فلٽريشن ۽ ٽريٽمينٽ جو انتظام پڻ منصوبي جو حصو آهي هن ٻڌايو ته سنڌ حڪومت، ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ۽ ايف ڊبليو او گڏيل طور منصوبي تي ڪم ڪندا، جنهن جو مقصد ڊي ايڇ اي لاءِ پاڻي جو اضافي ذريعو ۽ جديد انجنيئرڊ ٽرانسميشن سسٽم فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته ايف ڊبليو او ۽ سنڌ حڪومت ڊي ايڇ اي لاءِ وڌيڪ ترقياتي منصوبن تي پڻ ڪم ڪري رهيا آهن جن جو سڌو سنئون فائدو علائقي جي رهواسين کي حاصل ٿيندو هن ٻڌايو ته خيابان شهيد تي فلاءِ اوور، خليق الزمان روڊ تي ٽئون فلاءِ اوور ۽ شاهراهه ڀٽو جي طيبه مسجد ڏانهن توسيع جا منصوبا پڻ عمل هيٺ آهن ميئر ڪراچي سيوريج جي پاڻي جي ٽريٽمينٽ بابت چيو ته ماضي ۾ گندو پاڻي بغير ٽريٽمينٽ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو هو پر هاڻي ڪراچي ۾ روزانو 35 ملين گيلن سيوريج جي پاڻي کي ٽريٽ ڪيو پيو وڃي هن چيو ته جنوري 2027ع تائين روزانو 100 ملين گيلن پاڻي ٽريٽ ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڏملاڪي کان ڊي ايڇ اي کي پاڻي فراهمي وارو منصوبو شهرين کي درپيش پاڻي جي مسئلن جي حل لاءِ هڪ اهم اڳڀرائي آهي منصوبي جي بروقت تڪميل سان ڊي ايڇ اي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي وڌيڪ بهتر ٿيندي

[redacted]

مڪاني ڪائونسلر وسيم شمشاد، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پرسنل سيڪريٽري جنيد احمد جيدي، سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن يوسف بلوچ ۽ شازيه ڪريم سنگهار، پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي سائوٿ جي صدر جاويد ناگوري، ٽائون چيئرمين ۽ لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ جي جاري ترقياتي ڪمن پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪال جي نظام غير قانوني اڏاوتن پاڻي ۽ سيوريج جي غير قانوني ڪنيڪشنن سميت پروجيڪٽ جي رفتار ۾ رڪاوٽن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ جو پهريون مرحلو آگسٽ 2027ع تائين مڪمل ڪيو ويندو ان لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل حڪمت عملي ۽ باهمي مشاورت سان ڪم جي رفتار تيز ڪرڻي پوندي هن هدايت ڪئي ته پروجيڪٽ جي راهه ۾ ايندڙ سمورين رڪاوٽن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي ۽ ترقياتي ڪمن ۾ سست رفتاري جو سبب بڻجندڙ معاملن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي هن چيو ته لياري ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ سيوريج جي غير قانوني ڪنيڪشنن بابت لاڳاپيل ادارن سان گڏيل حڪمت عملي جوڙي وڃي، جڏهن ته غير قانوني اڏاوتن ۽ غير قانوني ڪنيڪشنن جي سختي سان روڪٿام کي يقيني بڻايو وڃي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ چيئرمين پاڪستان پيپلزپارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايت تي شروع ڪيو ويو آهي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري لياري کي هڪ مثالي علائقو ڏسڻ چاهي ٿو هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن موجب لياري کي سنڌ جو رول ماڊل ڪائون بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪم آندا ويندا اجلاس دوران قومي اسيمبلي جي ميمبر نبيل گبول ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب پروجيڪٽ بابت پنهنجا خدشا، تجويزون ۽ مسئلا اجلاس آڏو رکيا ميئر مرتضيٰ وهاب چيو ته پاڻي ۽ سيوريج جي لائنن بابت پروجيڪٽ کي درپيش مسئلن کي حل ڪيو ويندو جيئن ترقياتي ڪمن جي رفتار متاثر نه ٿئي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پروجيڪٽ جي رفتار ۽ ڪارڪردگي جو باقاعدگي سان جائزو ورتو ويندو ۽ ان حوالي سان هر 15 ڏينهن کانپوءِ سمورن لاڳاپيل ڌرين جو اجلاس منعقد ڪيو ويندو هن لياري ٽائون ۾ سٺي شهرت رکندڙ آفيسرن جي مقرري جي هدايت ڪندي چيو ته پروجيڪٽ جي سست رفتاري ۽ غفلت جا ذميوار لاڳاپيل آفيسر فوري طور فارغ ڪيا وڃن وزير مڪاني کاتي چونڊيل نمائندن جي شڪايت تي ايس بي سي اي لياري جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر کي معطل ڪرڻ جي به هدايت ڪئي هن چيو ته عوامي مفاد سان لاڳاپيل ترقياتي منصوبن ۾ غفلت ۽ غير ضروري دير ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي لاڳاپيل ادارا پنهنجي ذميوارين کي موثر نموني انجام ڏين ۽ هڪٻئي سان مسلسل رابطي ۾ رهي پروجيڪٽ کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪن هن وڌيڪ چيو ته لياري جي بنيادي شهري مسئلن جي حل، انفرااسٽرڪچر جي بهتري، پاڻي ۽ سيوريج جي نظام کي بهتر بڻائڻ ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لياري ٽرانسفارميشن پروجيڪٽ تي ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي ويندي ۽ منصوبو مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو ويندو

[redacted]

مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته "منهنجو قاتل ئي منهنجي قتل جو منصف بڻجي ويو"، حيرت جي ڳالهه آهي ته ڪراچي کي برباد ڪندڙ ايم ڪيو ايم هاڻي ڪراچي جي ترقي جو ماتم ڪري رهي آهي هن چيو ته علي خورشيدي عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش بند ڪري، جيڪڏهن بي ضابطگين جا ٺوس ثبوت آهن ته اهي سامهون آندا وڃن هوا ۾ الزام هڻڻ بند ڪيا وڃن سميتا افضل سيد چيو ته علي خورشيدي ۽ ايم ڪيو ايم جا ٻيا اڳواڻ اڄ مگرمڇ جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن، جڏهن ته 1988ع کان 2020ع تائين ڪراچي جي وسيلن اختيارن ۽ شهري ادارن تي ايم ڪيو ايم جو قبضو رهيو هن چيو ته 32 سالن دوران ايم ڪيو ايم ڪراچي سان جيڪو حشر ڪيس ان کي درست ڪرڻ ۾ وقت لڳندو سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته يو ايس بي، ڪمپيوٽر آپريٽر ۽ ڊيٽا جي نالي تي سڄي حڪومتي نظام تي سوال اٿارڻ سياسي شعبدهبازي آهي، ايم ڪيو ايم وارا پنهنجي ڪارڪردگي جو حساب ڏيڻ بدران ٻين تي الزام تراشي ڪري رهيا آهن هن چيو ته ذاتي مفادن ۽ جماعتي سياست لاءِ ڪراچي جو جيڪو حشر ايم ڪيو ايم ڪيس اهو سڀني جي سامهون آهي سميتا افضل سيد وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت ڪنهن سياسي جماعت جي جاگير ناهي اهو هڪ آئيني ۽ جمهوري معاملو آهي سنڌ اسيمبلي صوبن بابت پنهنجو موقف قرارداد ذريعي اڳ ئي واضح ڪري چڪي آهي

[redacted]

کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ چيو ته بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ 7 دهشتگردن کي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري کي سلام پيش ڪريون ٿا سيد مراد علي شاهه چيو ته چاغي جي علائقي نوڪنڊي ۾ 2 دهشتگردن جو مارجڻ ۽ خيبر پختونخوا جي علائقي باڙا ۾ 5 دهشتگردن جي خاتمي تي جوانن کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا هن چيو ته دهشتگردن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار گولا بارود ۽ بارودي مواد هٿ اچڻ سيڪيورٽي ادارن جي وڏي ڪاميابي آهي وزيراعليٰ سنڌ چيو ته مادر وطن مان دهشتگردي جي ناسور کي پاڙان پٽڻ لاءِ اسان جي فورسز جو عزم غيرمتزلزل آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي

[redacted]

پاڪستان وڌيڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ جي برداشت نٿو ڪري سگهي ڪراچي ۾ مصطفيٰ ڪمال سان پاڪستان قبائلي موومينٽ جي عهديدارن ملاقات ڪئي ان موقعي تي مصطفيٰ ڪمال چيو ته پيپلز پارٽي 18 سالن کان ڪراچي ۽ حيدرآباد جي عوام تي ظلم ڪري رهي آهي جڏهن ته 18هين ترميم ملڪ کي ڇٽن آزاد صوبن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي هن چيو ته موجوده نظام ۾ عوام جا مسئلا حل نه ٿي رهيا آهن ۽ ملڪ کي بهتر طريقي سان هلائڻ لاءِ انتظامي ڍانچي بابت سنجيدگي سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ٻئي طرف پاڪستان قبائلي موومينٽ جي صدر عبدالرحمان چيو ته نون انتظامي يونٽن جو قيام پاڪستان جي مفاد ۾ آهي، جيڪڏهن متحده قومي موومينٽ پاڪستان پاران سڏ ڏنو ويو ته ڪراچي جا پشتون ساڻن گڏ بيهندا

[redacted]

پونڊو ڪراچي کي هن انداز سان خراب ٿيندو ڏسي نٿا سگهون حڪمراني جو ماڊل تبديل ڪرڻو پوندو ڪراچي يونيورسٽي ۾ اي پي ايم ايس او جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل جشن اردو جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي علي خورشيدي چيو ته جشن اردو سالياني پروگرام آهي، جنهن ۾ مشاعرو بيت بازي، مڪالمو ۽ ٻيا پروگرام ٿيندا آهن اردو قومي ٻولي آهي ۽ جشن اردو اي پي ايم ايس او جو قومي پروگرام آهي هن چيو ته اڄ بيت بازي جو موضوع به انتظامي يونٽ آهي عالمي رسالن ۾ چيو وڃي ٿو ته ڪراچي دنيا جو ٽيون بدترين شهر بڻجي ويو آهي اسان ڪراچي کي هن انداز سان خراب ٿيندو ڏسي نٿا سگهون هن دعويٰ ڪئي ته اڄ سنڌ جو موقف سڄي ملڪ جو موقف آهي، ٺهنڪري حڪمراني جو ماڊل تبديل ڪرڻو پوندو علي خورشيدي چيو ته هن جمهوري ملڪ ۾ عوام بااختيار نٿو ٿي رهيو سوال اهو آهي ته نوجوانن لاءِ ڇا ڪيو پيو وڃي؟ اسان جو تعلق اشرافيه سان ناهي، اسان عوام ۾ رهون ٿا هن چيو ته صوبا ته ٺهڻ ڏيڻ ٻن پارٽين جو نه پر ٻن خاندانن جو مسئلو آهي هڪ طرف ٻه خاندان ۽ ٻي طرف سڄو عوام آهي ايم ڪيو ايم جي نتيجن بابت ڳالهائيندي علي خورشيدي چيو ته ڪراچي ۾ رڳو ڍانچو ئي خراب ناهي ڪيو ويو پر تعليم جو نظام به خراب ڪيو ويو آهي ميٽرڪ ۽ انٽر بورڊ ۾ بي ضابطگين بابت رپورٽ سامهون آئي پر ڪو قدم نه کنيو ويو هن چيو ته حڪمراني جو ماڊل تبديل ٿيندو ته هر شعبي ۾ تبديلي ايندي علي خورشيدي چيو ته آرڊيننس لائن بابت ڳالهائيندي ڳالهائيندي زبان ٻڙي ٿي وئي آهي، 22 لک شاگرد يونيورسٽي روڊ جي صورتحال سبب پريشان آهن يونيورسٽي روڊ تي شاگردن کي تڪليف ۽ اذيت ڏيڻ سنڌ حڪومت جو ڪارنامو آهي هن سنڌ حڪومت تي دوغلي پاليسي اختيار ڪرڻ جو الزام لڳائيندي چيو ته 2024ع کان ٻڌي رهيا آهيون ته يونيورسٽي روڊ کولڻ وارو آهي هتي جيڪڏهن سريو به لڳايو وڃي ٿو ته افتتاح لاءِ اچي وڃن ٿا. مخالف ڌر جي اڳواڻ چيو ته اسڪول ايجوڪيشن جي بجيٽ ۾ 22 ارب رپيا رکيا ويا آهن، هاڻي اهي رقمون اسڪولن تي خرچ ٿيڻ گهرجن هن چيو ته سنڌ ۾ نظام لنگڙو آهي، جڏهن ته پنجاب ۾ ون ڊومين شو آهي ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايڊهاڪ ازم بابت سوال تي علي خورشيدي چيو ته سڄو نظام عارضي بندوبست تي هلي رهيو آهي، ٺهنڪري حڪمراني جو ماڊل تبديل ڪرڻو پوندو پيٽرول جي قيمت بابت هن چيو ته پيٽرول جي قيمت يقيناً مسئلو آهي پر سندس چوڻ سان اهو مسئلو حل نه ٿيندو دعا آهي ته عالمي معاملن ۾ بهتري اچي

[redacted]

انويسٽيگيشن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ضلعي ايس ايس پيز پاران سمورن ٿاڻن ۾ ڏوهن جي صورتحال پوليس جي قدمن ۽ ڏوهن جي روڪٿام بابت تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وئي جڏهن ته گاڏين جي چوري ۽ ڦرلٽ، اشتهاري ۽ روپوش جوابدارن اسٽريٽ ڪرائيم قتل ڦرلٽ ۽ ڌاڙن منشيات، گٽڪا ماوا جي خريد ۽ وڪري منظم ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائين جو جائزو ورتو ويو اجلاس دوران مختلف ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کان ڏوهن خلاف ڪارروائين بابت سخت پڇاڻو ڪيو ويو جڏهن ته انويسٽيگيشن ونگ جي اهم ڪيسن جي حل بابت مختلف ٿاڻن جي ايس آءِ اوز ۽ ڪيسن جي جاچ آفيسرن کان جاچ ۾ اڳڀرائي بابت رپورٽ ورتي وئي غير تسلي بخش ڪارڪردگي تي لاڳاپيل آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس پڻ جاري ڪيا ويا ڊي آءِ جي اوير ڊاڪٽر فرخ علي هدايت ڪئي ته ڪيسن ۾ ملوث جوابدارن کي جلد کان جلد قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ عادي ڏوهارين کي سزا ڏيارڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون وڃن ڊاڪٽر فرخ علي چيو ته سفيد پوشي جو لبادو اوڍي منظم ڏوهن ۾ ملوث عادي ڏوهارين جي سرگرمين تي گهري نظر رکي پئي وڃي، اهڙن ماڻهن خلاف پڻ گهيرو تنگ ڪيو پيو وڃي ۽ جلد کين بي نقاب ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو

[redacted]

صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ يونيورسٽيءَ جي تعليمي معاملن بابت ڪيترن ئي اهم نقطن تي غور ويچار ڪرڻ بعد فيصلا ڪيا ويا اجلاس ۾ اڪيڊمڪ ڪائونسل جي 15هين اجلاس ۾ ڪيل فيصلن ۽ مختلف فيڪلٽي بورڊس جي گڏجاڻين ۾ ڪيل فيصلن ۽ سفارشن جي منظوري ڏني وئي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي اجلاس ۾ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي نئين 2025 واري پاليسيءَ مطابق فيڪلٽي آف مينيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪامرس، فيڪلٽي آف سائنس ۽ آءِ ٽي، فيڪلٽي آف لينگئيج اينڊ ڪلچر ۽ فيڪلٽي آف ايجوڪيشن لاءِ نظرثاني ٿيل نصاب جو جائزو وٺڻ بعد انهن جي منظوري ڏني وئي اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي سمورن شعبن ۾ انٽرنشپ بابت هڪجهڙي پاليسي لاڳو ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ان سلسلي ۾ وائيس چانسلر ڪن ڊينس: ڊاڪٽر جمشيد عادل هاليپوٽو ڊاڪٽر اسٽيفن جان ۽ ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان ڪنٽرولر آف ايگزامينيشنز فرقان افتخار ۽ اڪائونٽنگ، بينڪنگ ۽ فنانس شعبي جي چيئرپرسن اسسٽنٽ پروفيسر قرت العين نذير احمد تي مشتمل هڪ ڪميٽي جوڙي، جيڪا ذڪر ڪيل معاملي جو جائزو وٺندي ۽ ڏهن ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪندي اجلاس ۾ فيڪلٽي آف مينيجمينٽ، بزنس ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪامرس لاءِ پنج ساله رٿا جي پڻ منظوري ڏني وئي فيڪلٽي جي ڊين پروفيسر جمشيد عادل هاليپوٽو ۽ چيئرپرسن قرت العين نذير ان رٿا جا اهم پهلو پيش ڪيا. وائس چانسلر اهڙي جامع رٿا ۽ روڊ ميپ پيش ڪرڻ تي ڊين ۽ چيئرپرسن جي ڪوششن کي ساراهيو سائنس ۽ آءِ ٽي فيڪلٽي جي ڊين ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان اڪيڊمڪ ڪائونسل آڏو پنهنجي فيڪلٽي جي ايجنڊا پيش ڪئي هن يونيورسٽيءَ کي وڌيڪ سرسبز ۽ ماحول دوست بڻائڻ لاءِ فيڪلٽي جي ڪوششن تي روشني پڻ وڌي وائس چانسلر فيڪلٽي ميمبرن کي "آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشن" جي تربيت ڏيڻ تي ڊاڪٽر عبدالحفيظ خان جي ڪوششن کي ساراهيو هن ماحولياتي سائنس شعبي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر حنا شهناز جي خدمتن کي پڻ ساراهيو اجلاس ۾ آءِ ٽي فيڪلٽي لاءِ "آئوٽ ڪم بيسڊ ايجوڪيشن" جي منظوري ڏني وئي فيڪلٽي آف ايجوڪيشن پاران ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن ۾ تحقيق جي ضرورتن بابت تجويزون پيش ڪيون ويون ۽ "رليونس اسيسمينٽ ڪميٽي" قائم ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي، جنهن جي پڻ اڪيڊمڪ ڪائونسل منظوري ڏني ۽ ڊين ڊاڪٽر اسٽيفن جان جي خدمتن کي ساراهيو اجلاس جي پڄاڻيءَ تي اڪيڊمڪ ڪائونسل وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ جي غير متزلزل عزم ۽ اداري جي بهتريءَ لاءِ ورتل ڪوششن جي تعريف ڪئي ۽ کين حڪومت پاڪستان طرفان "ستاره امتياز" جهڙو سول اعزاز حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني ڪائونسل جي اجلاس کي خطاب ڪندي وائس چانسلر ڊاڪٽر مجيب صحرائيءَ سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جي شاندار اڳڀرائي کي اجاگر ڪندي چيو ته يونيورسٽي ۾ شاگردن جو تعداد جيڪو 2020ع ۾ 1800 هيو اهو 5500 کان وڌي چڪو آهي، جڏهن ته يونيورسٽي مالي طور تي پڻ مستحڪم اعليٰ تعليمي ادارن جي صف ۾ شامل ٿي وئي آهي هن تعليمي معيار، تحقيق ۽ صنعت جي ضرورتن سان هم آهنگ تعليم لاءِ يونيورسٽي جو عزم ورجايو ڊاڪٽر صحرائيءَ يونيورسٽي جي مشن کي اڳتي وڌائڻ ۾ فيڪلٽي عملي ۽ اسٽيڪ هولڊرز جي ڪردار جي ساراهه ڪئي ۽ ميمبرن تي زور ڏنو ته اهي جديد تعليمي معيارن ۽ اداري جي مالي استحڪام کي يقيني بڻائڻ لاءِ اداري جي پنهنجون ڪوششون جاري رکن

[redacted]

گهر پهچي ويو آهي ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران خانپورمهر لڳ ڳوٺ علي احمد سيال پهچي صحافي عظيم سيال ۽ سندس وارثن کي مبارڪون ڏنيون ۽ صحافي عظيم سيال سان ملاقات ڪري ڪائنس اغوا واقعي جا تفصيل پڻ ورتا ان کان اڳ سيال برادري جي ماڻهن توڙي شهرين ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران جو شاندار استقبال ڪيو ۽ سنڌ پوليس زنده آباد ايس ايس پي گهوٽڪي زنده آباد جا نعرا هنيا هوڏانهن خانپورمهر جي شهرين پنهنجائت، مڪي جن توڙي سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ضلعي گهوٽڪي جي صحافين ڳوٺ علي احمد سيال پهچي صحافي عظيم سيال ۽ سندس وارثن کي مبارڪون ڏنيون حاجي زبردست خان مهر ٽائون ڪاميٽي خانڳوهر جي چيئرمين حاجي عبدالرزاق خان مهر جي يو آءِ، پ پ اڳواڻن توڙي مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن ڳوٺ علي احمد سيال پهچي صحافي عظيم سيال ۽ سندس وارثن ڊي ايس پي محمد خان سيال، ايڊوڪيٽ نورمحمد سيال ۽ ٻين کي مبارڪون ڏنيون صحافي عظيم سيال جي وارثن ۽ سيال برادري جي ماڻهن ايس ايس پي گهوٽڪي کي گلن جا هار پارايا هوڏانهن وارثن چيو ته خانپورمهر ڌاڙيلن هٿان اغوا بعد بازياب ٿيل صحافي عظيم سيال ۽ سندس وارثن پاران سنڌ پوليس توڙي صحافي سياسي سماجي اڳواڻن جا ٿورا مڃيا، صحافي عظيم سيال جي ڀاءُ ڊي ايس پي محمد خان سيال چيو ته سنڌ پوليس منهنجي ڀاءُ کي ڌاڙيلن کان باحفاظت بازياب ڪرايو جنهن تي اسين سنڌ پوليس ۽ ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران جا شڪر گذار آهيون صحافي عظيم سيال جي وارثن پاران صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن جا پڻ ٿورا مڃيندي چيو ته اسان سڀني جا ٿورائتا آهيون جن صحافي محمد عظيم سيال جي بازيابي لاءِ آواز اٿاريو

[redacted]

ايگزيڪيوٽو فيض الله ڏاهري ۽ ايڊووڪيٽ احسان ڏاهري جي ڀيڻ آپا نعمت خاتون جي لاڏاڻي تي مختلف سياسي سماجي شخصيتن جن ۾ ايم اين اي نيلم ڪماري اڳوڻو بي او بي ميمبر محسن عباسي، ڊاڪٽر حميده تاريجو شعيب خان ۽ ٻين فيض الله ڏاهري ۽ ڪٽنب سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي ايصال ثواب ۽ درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي

[redacted]

انور کيتران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گهرو وزير، آئي جي سنڌ جي هدايتن تي صحافي عظيم سيال جي اغوا واقعي ڪانپوءِ پهرين ڏينهن کان ئي سکر گهوٽڪي، شڪارپور ۽ ڪشمور ضلعن جي پوليس جون ٽيمون جوڙي مغوي صحافي جي بازيابي لاءِ ڪارروايون ڪري رهيون هيون، پوليس جي حڪمت عملي ڪامياب رهي، ۽ گذريل رات صحافي عظيم سيال کي باحفاظت بازياب ڪرايو ويو ايس ايس پي گهوٽڪي محمد انور کيتران چيو ته صحافي عظيم سيال کي انتهائي ڏکئي پوليس جي پهچ کان ٻاهرين ناممڪن علائقي ۾ رکيو ويو پر پوليس جي ڪامياب حڪمت عملي ذريعي کيس بازياب ڪرايو ويو هن چيو ته ڏوهارين جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي انهن جي بارڪين ۽ جاچ مڪمل تائين سندن تفصيل ظاهر نه ڪيا ويندا، جيئن ڪيس جي جاچ ۾ ڪوتاهي يا جهول نه رهي، جيو فينانسنگ ڪيس ۾ ڪم ڪري رهي آهي جنهن جا نتيجا سامهون ايندا ويندا، ايس ايس پي چيو ته پوليس هن ڪيس جي منطقي انجام تائين پهچائيندي ۽ مغوي ملوث سمورن ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ايس ايس پي چيو ته ڪجهه ماڻهن آپريشن بابت سوال اٿاريا پر جڏهن ته علائقي ۾ صحافي کي رکيو ويو هو اتي اڳ ۾ آپريشن نه ٿيو هو پوليس حڪومت کي ان علائقي ۾ آپريشن لاءِ سفارش ڪندي اميد ته جلد اتي آپريشن شروع ڪيو ويندو ايس ايس پي موجب صحافي عظيم سيال جي اغوا واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ ان جي جاچ هلندڙ آهي ڪيس جا تفصيل في الحال ظاهر نٿا ڪري سگهجن...

[redacted]

اڳواڻي ۾ گهوٽڪي سکر ۽ شڪارپور پوليس پنو عاقل ۽ شڪارپور جي ڪچي وارن علائقن ۾ گڏيل آپريشن ڪيو پوليس موجب آپريشن دوران ڌاڙيلن جي ٺڪاڻن تي ڪارروائي ۽ مسلسل پوليس دٻاءُ جي نتيجي ۾ اغوا ڪندڙ مغوي صحافي عظيم سيال کي ناپر ڪوٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا، جنهن ڪانپوءِ پوليس کيس حفاظت سان بازياب ڪرائي ورتو پوليس جو چوڻ آهي ته فرار ٿيل اغوا ڪندڙن جي گرفتاري لاءِ ڪچي واري علائقي ۾ سرچ آپريشن اڃا تائين جاري آهي جڏهن ته ڪارروائي کي وڌيڪ تيز ڪيو ويو آهي بازياب ٿيل صحافي عظيم سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته هن کي ان وقت اغوا ڪيو ويو جڏهن هو پنهنجي گهر وڃي رهيو هو سندس چوڻ موجب ڌاڙيلن کيس مقامي وڏيرن ۽ سردارن خلاف خبرون نشر ڪرڻ جي الزام ۾ اغوا ڪيو عظيم سيال جو چوڻ هو ته هن آپريشن ڪانپوءِ اغوا ڪندڙ شڪارپور جي ڪچي واري علائقي ۾ ڇڏي فرار ٿي ويا صحافي عظيم سيال جي حفاظت سان بازيابي تي سندس گهرڀاتين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته صحافي برادري پڻ اطمينان جو اظهار ڪيو آهي پوليس موجب مغوي صحافي جي بازيابي گڏيل آپريشن جي نتيجي ۾ عمل ۾ آئي آهي، جڏهن ته واقعي ۾ ملوث اغوا ڪندڙن جي گرفتاري اڃا تائين عمل ۾ نه اچي سگهي آهي ۽ سندن گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي

[redacted]

۽ پٽ مٿان فائرنگ ڪري ڏني، جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڄڻا موقعي تي ئي قتل ٿيا پوليس موجب مارجي ويلن جي سڃاڻپ 55 ورهين جي غلام حسين جعفري ۽ سندس 6 ورهين جي پٽ عبدالستار جعفري طور ٿي آهي واقعي بعد پوليس لاش تعلقه اسپتال گمبٽ منتقل ڪري ڇڏيا، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ ناڪابندي ڪري ڳولا شروع ڪئي وئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو پوليس ذريعن موجب ابتدائي جاچ دوران واقعو جعفري برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي تڪرار جو نتيجو معلوم ٿئي ٿو جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

[redacted]

۾ آفيسرن جي مقررين ۽ بدلين بابت نوٽيفڪيشن جاري ڪيا ويا آهن نوٽيفڪيشن موجب اسسٽنٽ (بي ايس-16) سيد محمد علي شاهه، مئنيجر اوقاف حيدرآباد سرڪل ٽو کي مئنيجر اوقاف سيوهڻ سرڪل مقرر ڪيو ويو آهي جڏهن ته غلام رسول سومرو کي اضافي چارج تان هٽايو ويو آهي سينيئر اڪائونٽنٽ (بي ايس-16) غلام محمد کي سندس موجوده ذميوارين سان گڏ مئنيجر اوقاف حيدرآباد سرڪل ٽو جو اضافي چارج ڏنو ويو آهي مئنيجر اوقاف لاڙڪاڻو سرڪل ولايت حسين جتوئي کي چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف سنڌ حيدرآباد جي آفيس ۾ رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي اسسٽنٽ (بي ايس-16) ۽ مئنيجر اوقاف درگاهه سعيدي موسياڻي حفيظ چنا کي مئنيجر اوقاف لاڙڪاڻو سرڪل جو اضافي چارج ڏنو ويو آهي جڏهن ته قاسم چنا کي مئنيجر اوقاف لاڙڪاڻو سرڪل مقرر ڪري حفيظ چنا کي اضافي چارج تان فارغ ڪيو ويو آهي ايڊمنسٽريٽر اوقاف سکر ۽ لاڙڪاڻو زون شاهه محمد ناصر راشدي کي سندس موجوده ذميوارين سان گڏ مئنيجر اوقاف دراڙا سرڪل جو اضافي چارج پڻ ڏنو ويو آهي

[redacted] "روزاني عبرت"

جي حق تان ڪنهن به صورت ۾ دستبردار نه ٿينداسين هن چيو ته جماعت اسلامي جي جدوجهد جي نتيجي ۾ عوام کي جيڪو رليف مليو آهي اهو ڪافي ناهي حڪومت ماهوار 25 کان 30 ارب رپين جي رليف کي وڏو ڪارنامو قرار ڏئي رهي آهي پر حڪومت کي پيٽروليم ليوي وارو ٽيڪس ختم ڪرڻو پوندو ڪراچي جي اداري نور حق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري واقعي اسٽيبلشمينٽ جي چونڊ نظام خلاف آهن ته هو ڪراچي جي جعلي ميئرشپ ۽ قومي توڙي صوبائي اسيمبلين ۾ فارم 47 جي بنياد تي ملندڙ سيٽن تان دستبردار ٿين هن چيو ته ملڪ جي موجوده سياسي ڇڪتاڻ ۽ افراتفري سبب عوام جا اصل مسئلا نظرانداز ٿي رهيا آهن، جماعت اسلامي هر ان سياسي جماعت جي آئيني ۽ قانوني احتجاج جي حمايت ڪري ٿي ۽ حڪومت کي گهرجي ته تحريڪ انصاف سان لاڳاپيل معاملن کي سنجيدگي سان ڳالهين ذريعي حل ڪري حافظ نعيم الرحمان مطالبو ڪيو ته عورتن سميت سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي هن ڊاڪٽر ياسمين راشد، اعجاز چوڌري، شاهه محمود قريشي ۽ محمود رشيد جو ذڪر ڪندي چيو ته انهن مان ڪيترن جي صحت بابت خدشا آهن ۽ کين جيلن ۾ رکڻ مناسب ناهي هن چيو ته رڳو ڪميٽي جو اعلان ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو حڪومتي وزيرن جون ڌمڪيون ۽ لهجا درست ناهن

[redacted]

وفاقي گهرو وزارت جي انتظام هيٺ ملڪ جو سڀ کان وڏو خدمت مرڪز قائم ڪرڻ بابت لاڳاپيل اختيارين کي هدايتون جاري ڪيون جڏهن ته بلاول هائوس ڪراچي ۾ صدر مملڪت آصف علي زرداري سان پڻ اهم ملاقات ڪري ملڪ جي مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ڪراچي پورٽ تي نين ريسڪيو گاڏين جي معائني دوران محسن نقوي چيو ته اسلام آباد ريسڪيو ۽ فائر بريگيڊ لاءِ نين گاڏين جي پاڪستان آمد خوش آئند آهي نين گاڏين جي شموليت 2009ع کانپوءِ وڏو اضافو آهي هن چيو ته نين گاڏين جي جلد فراهمي تي چين جي حڪومت جا ٿورائتا آهيون نيون ريسڪيو گاڏيون پنجن ڏينهن اندر ڪراچي کان اسلام آباد پهچنديون ۽ اسلام آباد جي 6 اسٽيشنن تي هر وقت موجود رهنديون بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته نين گاڏين ۾ 4 فائر ايريل ٽرڪ، 6 فائر ڪاورز ۽ 5 فائر ڪينٽڪس شامل آهن، جڏهن ته جديد ريسڪيو گاڏيون جديد ترين اوزارن سان ليس آهن ۽ 256 فوٽ جي اوچائي تائين آپريشن ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿيون ان موقعي تي چيف ڪليڪٽر ڪسٽمز اپريزمينٽ سائوٿ، ڪليڪٽر اپريزمينٽ ايسٽ، ايڊيشنل ڪليڪٽر اپريزمينٽ ايسٽ، چيئرمين سي ڊي اي ۽ چيف ڪمشنر اسلام آباد، ڊائريڪٽر سي ڊي اي ۽ اين ايل سي جا نمائندا پڻ موجود هئا. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي آءِ آءِ چندريگر روڊ تي گهرو وزارت جي آفيس جو پڻ دورو ڪيو جتي ڪراچي ۾ وفاقي گهرو وزارت جي انتظام هيٺ ملڪ جو سڀ کان وڏو خدمت مرڪز قائم ڪرڻ بابت بريفنگ ورتي محسن نقوي چيو ته گرينڊ خدمت مرڪز ۾ گهرو وزارت جي سمورن ادارن جا ڪائونٽر موجود هوندا ۽ شهرين کي هڪ ئي ڇت هيٺ پاسپورٽ، شناختي ڪارڊ، هٿيارن جا لائسنس، مختلف اين او سيز ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن خدمت مرڪز جو ماسٽر پلان 10 ڏينهن اندر طلب ڪندي هدايت ڪئي ته سمورن ضروري معاملن کي نظر ۾ رکندي ماسٽر پلان تيار ڪيو وڃي ۽ خدمت مرڪز جي قيام لاءِ سمورا ضروري قدم يقيني بڻايا وڃن هوڏانهن صدر مملڪت آصف علي زرداري سان وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي بلاول هائوس ڪراچي ۾ اهم ملاقات ٿي، جنهن دوران ملڪ جي مجموعي صورتحال ۽ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

[redacted]

صدر آصف زرداري سان ملاقات ڪئي، ڏيڍ ڪلاڪ تائين ٿيل ملاقات ۾ ملڪ جي صورتحال، تحريڪ انصاف جي ڌرڻي ۽ 4 آڪٽوبر تي احتجاج جي سڏ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

[redacted]

اينڊ ڪو جي اعليٰ عملدارن سان جدا جدا ملاقاتون ڪيون

[redacted]

کي جهنم پهچائي ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن نوڪنڊي ويجهو هڪ خالي واٽر بازار کي باهه ڏيڻ کان پوءِ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي علائقي ۾ موجود سيڪيورٽي فورسز فوري ۽ اثرائتي جوابي ڪارروائي ڪندي ٻنهي شرپسندن کي موقعي تي ماري ڇڏيو ذريعن موجب ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگرد اين 40 قومي شاهراهه تي ڪيترن ئي هنڌن تي باهيون ڏيڻ ۽ دهشتگردي جي وارداتن ۾ ملوث هئا واضح رهي ته ان کان اڳ 31 آگسٽ تي به ان علائقي ۾ ان نوعيت جي تخريبڪاري ۾ ملوث 11 دهشتگردن کي ماريو ويو هو سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته بلوچستان جي ڌرتي تان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون ٻئي طرف ملڪي سلامتي جي قومي ويزن عزم استحڪام تحت سيڪيورٽي فورسز خيبر پختونخوا جي قبائلي ضلعي خيبر جي علائقي باڙه ۾ هڪ ڪامياب انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن ڪندي فتنه الخوارج جي 5 بدنام دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آهي سيڪيورٽي ذريعن مطابق آپريشن دهشتگردن جي موجودگي جي تصديق ٿيل ڳجهي ڄاڻ تي ڪيو ويو فورسز جي اثرائتي ۽ تيز رفتار ڪارروائي جي نتيجي ۾ خوارجي دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي مڪمل طور تباهه ڪيو ويو جڏهن ته مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار گولا بارود ۽ بارودي مواد هٿ ڪيو ويو سيڪيورٽي ذريعن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيدار قومي امن جي قيام لاءِ پرعزم آهي

[redacted] 27 "روزاني عبرت"

پونڊي پاڪستان امن ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل امن تي يقين رکي ٿو جڏهن ته پاڪستان جي امن جي خواهش کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي

[redacted] 28 "روزاني عبرت"

موقعي تي سائٽس گڏ پي آءِ ڊي ڪراچيءَ جي ڊائريڪٽر جنرل مس ارم تنوير پڻ موجود هئي اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي، پرنسيپل انفارميشن آفيسر جي آجيان ڪندي کيس اخبارن جي صنعت کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو هن چيو ته وزيراعظم پاران پرنٽ ميڊيا لاءِ سرڪاري اشتهارن جا اگهه وڌائڻ جو واعدو اڃا تائين پورو نه ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اخبارن جي صنعت سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهي آهي هن حڪومت تي زور ڀريو ته وزيراعظم جي واعدي موجب اخبارن لاءِ سرڪاري اشتهارن جا اگهه وڌايا وڃن ان کانپوءِ سرڪاري اشتهارن جا اگهه آڊٽ بيورو آف سرڪيوليشنز (ABC) سان ڳنڍڻ بدران مقرر سطح تي برقرار رکيا وڃن جيستائين اخبارن جي اشاعت ۽ پڙهندڙن جو انگ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪو نئون طريقو جوڙيو وڃي هن اها تجويز پڻ ڏني ته آڊٽ بيورو آف سرڪيوليشنز (ABC) ۽ پريس رجسٽرار جي آفيسن کي ضم ڪري هڪ ئي ادارو بڻايو وڃي اي پي اين ايس جي صدر چيو ته سرڪاري اشتهارن جا اگهه مقرر ڪرڻ جو اختيار ڪابينا ڊويزن کان وٺي اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت حوالي ڪيو وڃي، جيئن ٻين ميڊيا ادارن لاءِ لاڳو موجوده پاليسيءَ سان هم آهنگي پيدا ٿي سگهي اي پي اين ايس جي ميمبرن آڊٽ بيورو آف سرڪيوليشنز (ABC) ۽ رجسٽرار جي آفيس ۾ سڌارا آڻڻ ۽ انهن جي جوڙجڪ نئين سر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن چيو ته سڀني لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت ڪري اخبارن جي رجسٽريشن جا ضابطا آسان بڻايا وڃن ميمبرن ٻڌايو ته 2020ع جي نئين اشتهاري پاليسيءَ کانپوءِ پي آءِ ڊي اسلام آباد طرفان ميمبر اخبارن کي جاري ڪيل رقمن جو وڏو حصو اڃا تائين ادا نه ڪيو ويو آهي هنن پرنسيپل انفارميشن آفيسر کي درخواست ڪئي ته رهيل ادائيگين جو عمل تيز ڪيو وڃي ۽ پرنٽ ميڊيا لاءِ سرڪاري اشتهارن جي مجموعي بجيٽ مان مناسب حصو مختص ڪيو وڃي هنن اهو مطالبو پڻ ڪيو ته پي آءِ ڊي جي علائقائي آفيسن کي اختيار ڏنا وڃن ته جيئن اهي پنهنجن علائقن جي ميڊيا ادارن جي سفارش ڪري سگهن ۽ اشتهار ڏيندڙ کاتن کي پنهنجي پسند جي ميڊيا چونڊڻ جو اختيار هجي اي پي اين ايس جي صدر وڌيڪ چيو ته حڪومت جي موجوده اشتهاري پاليسي گهٽ ۾ گهٽ 1964ع جي جوڙيل نظام تي ٻڌل آهي، ٺهنڪري اڄوڪي دور جي ميڊيا جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ان جو جامع جائزو وٺڻ ضروري آهي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جي ميمبرن تجويز ڏني ته پي آءِ ڊي جي علائقائي آفيسن ۽ اشتهار ڏيندڙ سرڪاري کاتن کي اختيار ڏنا وڃن ته جيئن اهي پنهنجن رابطن جي مقصدن ۽ ٽارگيٽ پڙهندڙن کي نظر ۾ رکندي ميڊيا پلان تيار ڪري سگهن پرنسيپل انفارميشن آفيسر ملاقات تي اي پي اين ايس جا ٿورا مڃيا ۽ ميمبرن کي خاطري ڪرائي ته مسئلن کي جلد کان جلد حل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون ملاقات ۾ اي پي اين ايس جي صدر سينيٽر سرمد علي، سينيئر نائب صدر مس نزا فرين سيگل لکڪهاڻي، نائب صدر شهاب زبيري، سيڪريٽري جنرل محمد اطهر قاضي، جاويد مهر شمسي (ڪليم)، قاضي اسد عابد (عبرت)، يونس مهر (هلچل)، ڊاڪٽر جبار خٽڪ (عوامي آواز)، بلال فاروقي (آغاز)، مس فوزيه شاهين (دستڪ)، ممتاز ڦليوٽو (عوامي پرچار)، طاهر قريشي (نئين افق)، سيد اڪبر طاهر (جسارت)، نجم الدين شيخ (ديانت)، عامر ملڪ (مشرق)، علي حمزا ۽ محمد عرفان (امت) شرڪت ڪئي

[redacted]

سان في تولو سون 4 لک 37 هزار 336 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اڱاري ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 800 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ في تولو سون 4 لک 37 هزار 3 سؤ 36 رپين جو ٿي ويو آهي ۽ 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت ۾ 686 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 3 لک 75 هزار 631 رپين مان گهٽجي 3 لک 74 هزار 945 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 44 هزار 340 رپين مان گهٽجي 3 لک 43 هزار 712 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صراف جيولرز ايسوسيئيشن مطابق في تولو چانديءَ جي قيمت 20 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 6558 رپيا ۽ 10 گرام چانديءَ جي قيمت 17 رپين جي گهٽتائي کانپوءِ 5622 رپيا ٿي وئي ايسوسيئيشن رپورٽ ڪيو آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمت 4156 ڊالرز سان گهٽجي 4148 ڊالرز ٿي وئي

[redacted]

ڪندي چيو آهي ته سيڪيورٽي فورسز پنهنجي پيشيوراڻي صلاحيتن جرئت ۽ بهادري جو مظاهرو ڪندي دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا آهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران اڱاري ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پنهنجي بهادر سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏ بيٺل آهي ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون جاري رهنديون پاڪستان جي امن ۽ استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن کي سندن ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ويندو وزيراعظم ڪامياب آپريشنز ۾ حصو وٺندڙ سيڪيورٽي فورسز جي آفيسرن ۽ جوانن کي سلام پيش ڪندي چيو ته پوري قوم کي پنهنجي بهادر سپوتن تي فخر آهي

[redacted] 31 "روزاني عبرت"

ڏاهگل ناڪي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته 4 آڪٽوبر واري مارچ جي ڪال في الحال برقرار آهي

[redacted] 32 "روزاني عبرت"

بيان مطابق محسن نقوي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي بهادر سپوتن وقت سر ۽ اثرائتيون ڪارروايون ڪندي فتنه الخوارج جي ناپاڪ عزمن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هن خيبر پختونخوا جي قبائلي ضلعي خيبر جي علائقي باڙه ۾ 5 ۽ بلوچستان جي ضلع چاغي جي علائقي نوڪنڊي ۾ 2 خوارجين کي مارڻ تي جوانن جي پيشيوراڻي صلاحيتن جي تعريف ڪئي محسن نقوي چيو ته خوارجي دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي مسلسل ۽ ڪامياب ڪارروايون پوري قوم قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿي هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن ۽ آفيسرن تي اسان کي فخر آهي ۽ پوري قوم کي پنهنجي محافظن تي فخر آهي هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته انشاءالله عوام جي مڪمل حمايت سان ملڪ جي ڌرتي خوارجين ۽ دهشتگردن جي ناسور کان مڪمل پاڪ ڪئي ويندي

[redacted]

صدارت هيٺ سنڌ اسيمبلي ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو

[redacted]

جي بحران جو حل صرف ۽ صرف پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ آهي سينيٽر سياستدانن کي نوان ڪشتي واري روايتي سياست کان پاسو ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ملڪ جو مستقبل نوجوان ئي سنواري سگهن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو نزهت رزاق وڌيڪ چيو ته دنيا تيزيءَ سان ترقي جي راهه تي گامزن آهي

[redacted]

ڪاليجن جي شاگردن جو امتحاني نتيجي ۾ مبينا بي ضابطگين ۽ ٻين مطالبن جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو ڌرڻي ۾ تبديل ٿي ويو جنهن ۾ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي مظاهرين مطالبا منظور ٿيڻ ۽ يونيورسٽي انتظاميا پاران ڳالهين لاءِ اچڻ تائين ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

[redacted]

گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مقتول جي ڀاءُ الله رکيو ڪلهوڙو جو چوڻ آهي ته سندس ڀاءُ کي ڪهرياڻي جتوئي ڌر سان لاڳاپيل هٿياربندن قتل ڪيو آهي وارثن موجب ڪلهوڙا ۽ ڪهرياڻي جتوئي ڌرين وچ ۾ گذريل ڪجهه مهينن کان پٽي جي معاملي تان تڪرار هلندڙ هو جنهن دوران مبينا پوليس ڊرون ڪارروائي ۾ ڪهرياڻي جتوئي ڌر جا ڪي ڄڻا مارجي ويا هئا، جن جو الزام ڪهرياڻي ڌر پاران ڪلهوڙا ڌر تي لڳايو ويو الله رکيو ڪلهوڙو جو وڌيڪ چوڻ هو ته سندس ڀاءُ جهيڙن ۽ تڪرار جي آزار کان بچڻ لاءِ ڪراچي وڃي واڙي تي محنت مزدوري ڪري رهيو هو پر هٿياربندن کيس ناحق گولين جو نشانو بڻائي ڇڏيو وارثن پاران جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

[redacted]

7 ڄڻا زخمي مارجي ويلن جا لاش خانپور اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا ويا ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته چڪ شهر جي غريب آباد محلي اندر سوڳ ڇانئجي ويو اسان جا ماڻهو ترڙ جو لابارو ڪرڻ ويل هئا رات جو لاڻيي مٿان گولو ڪرڻ سبب واقعو پيش آيو آهي انصاف ڏياريو وڃي اسان مسڪينن جو اجهو ئي اجڙي ويو (تفصيل موجب) خانپور مهر مان اغوا ٿيل ڪي ٽي اين نيوز جي رپورٽر محمد عظيم سيال جي بازيابي لاءِ ڪيل آپريشن دوران مبينا طور سکر شڪارپور گهوٽڪي پوليس پاران مارٽر گولا فائر ٿيڻ سبب پورهيت محمد حسن ميراڻي جي جهوپڙي مٿان ڪري پيو جنهن ۾ پورهيت محمد حسن ميراڻي سندس پٽ منير احمد ميراڻي ٿڏي تي مارجي ويا جڏهن ته سندس خاندان جا 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ڪن ورهن جي عليزه ڌيءُ ڪامران، ڪامران پٽ گل خان مسمات شازيا زال منير صغران زال گل خان ميراڻي لاريب ڌيءُ منير مجيب پٽ منير تحسين پٽ منير ميراڻي شامل آهن پورهيت خاندان جي ٻن ڄڻن جي مارجي وڃڻ 7 ڄڻن جي زخمي ٿيڻ واري واقعي جي اطلاع تي چڪ شهر جي غريب آباد محلي اندر سوڳ واري صورتحال پيدا ٿي وئي مارجي ويلن جا لاش پنوعاقل اسپتال منتقل ڪيا ويا جتان کين واقعو شڪارپور جي حد اندر ٿيڻ جو چئي روانو ڪيو ويو

[redacted]

ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي ورڪشاپ ۾ پروفيسر ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ پروفيسر ڊاڪٽر خالد احمد شيخ صحت کاتي جو سيڪريٽري ڊاڪٽر سراج سانگي، ڊاڪٽر سليمان، ڊاڪٽر عرفان سميت ڊاڪٽرن ٻيا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

آڇون گهرائجن ٿيون

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) هيٺ ڏنل تعميراتي ڪمن لاءِ اهل تعميراتي ٺيڪيدارن کان مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

Name of Work	EARNEST MONEY	Closing Date and Time of Submission	Date & Time of Opening
Rehabilitation of Admin Block at Nawabshah Airport	Rs. 200,000/-	27-10-2026 at 11:00 Hrs	27-10-2026 at 11:30 Hrs

1. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) ۾ ڪيٽيگري C-6 يا ان کان مٿي جي ڪيٽيگريءَ ۾ رجسٽرڊ ۽ صحيح / فعال نيشنل ٽيڪس نمبر (NTN) رکندڙ لائسنس يافته تعميراتي ٺيڪيدار مٿي ڄاڻايل ڪم جي ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ جا اهل هوندا.
2. واڪ دستاويز جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، فني خصوصيتون (Specifications)، گهرجون ۽ ٻي لاڳاپيل معلومات (صفحو نمبر102 کان 188 تائين) شامل آهن. اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) تي ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ موجود آهن: https://vendors.epads.gov.pk/.
3. آڇون اليڪٽرانڪ طريقي سان PPRA جي E-PADS v2.0 پورٽل https://vendors.epads.gov.pk/ تي جمع ڪرايون وينديون. جيئن PPRA پاران وقت بوقت جاري ڪيل شرطن ۽ هدايتن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. آڇ جو عمل پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004، اي_پاڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليشنز 2023 ۽ PPRA پاران وقت بوقت جاري ڪيل لاڳاپيل قاعدن، ريگيوليٽري گائيڊز، پروڪيورمينٽ گائيڊ لائينز يا هدايتن مطابق هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت منعقد ڪيو ويندو. هي ٽينڊر E-PADS v2.0 ۾ رجسٽرڊ سمورن امڪاني اهل واڪ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي. اهي تعميراتي ٺيڪيدار/فرم جيڪي اڃا تائين E-PADS v2.0 جي نئين ورزن تي رجسٽرڊ نه آهن، اهي https://vendors.epads.gov.pk/ تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت لاءِ هڪ رهنما ويڊيو هيٺ ڏنل لنڪ تي موجود آهي: -https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc _
4. بڊ سيڪيورٽي جا اصل دستاويز آڇون کلڻ جي مقرر تاريخ ۽ وقت تي جمع ڪرائڻ لازمي هوندا. جڏهن ته ان جي اسڪين ٿيل ڪاپي E-PADS v2.0 تي جمع ڪرائڻ واري آڇ سان گڏ لڳائڻ ضروري هوندي. جيڪڏهن آڇ سان گڏ پي آرڊر/بينڪ ڊرافٽ جي شڪل ۾ گهربل بڊ سيڪيورٽي لڳل نه هجي يا ڪا غلط جاءِ يا جعلي دستاويز فراهم ڪيو وڃي ته اهڙي آڇ تي غور هيٺ نه آندي ويندي. بڊ سيڪيورٽي PAA DEVELOPMENT جي نالي تي جاري ٿيل هجڻ گهرجي.
5. شرطيه ٽينڊر قابل قبول نه هوندا. جيڪڏهن ڪو واڪ ڏيندڙ پنهنجي آڇ جي درست ڪيل / جاچ ڪيل ماليت قبول نه ڪندو ته ان جي آڇ رد ڪئي ويندي ۽ ان جي بڊ سيڪيورٽي ضبط ڪئي ويندي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) کي پي پي آر اي رول 33 مطابق ڪنهن به يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ هوندو.
6. خبردار: واڪ ڏيندڙن ۽ ٺيڪيدارن پاران بڊ سيڪيورٽي ۽ بينڪ گارنٽي طور جمع ڪرايل پي آرڊرز، بينڪ ڊرافٽس يا ٻيا مالي دستاويز جيڪڏهن معاملي جي ڪنهن به مرحلي تي، منظوريءَ کان اڳ يا منظوريءَ کان پوءِ، لاڳاپيل جاري ڪندڙ بينڪ يا مالي اداري طرفان جعلي يا ناقابل ادائيگي (Dishonoured) ثابت ٿيا، ته لاڳاپيل ڌر خلاف ملڪي قانون مطابق بليڪ لسٽنگ ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڊپٽي چيف انجنيئر اي ايس (سول)
CATI ڊويزن، حيدرآباد ايئرپورٽ، حيدرآباد
فون: 022-9260334
www.paa.gov.pk

PID (K) - 1082/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ٽيڪس وصولين ۾ واڌ سان گڏ شفافيت ۽ عوامي رليف ۾ ضروري آهي
صفحو 4

محمد خان ابڙو
ڪينجهر جي نوري، منڇر جون لهرون
صفحو 4

آڪٽوبر: موسم تبديل ٿيندي يا سياسي منظرنامو؟
محمد فاروق راجپوت
صفحو 4

مختيار ائڙ
اڄوڪو ڏينهن ...... 30 سيپٽمبر
صفحو 4

ڪوٽ غلام محمد ۾ سماجي تنظيم جي سهڪار سان 15 غريب ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب

شادي ڪندڙ جوڙن کي ڏاج ۾ ضرورت جو سامان فراهم ڪرڻ سان گڏ شاندار وليمي جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

تقريب دوران 15 جوڙن کي ڏاج طور هنڌ، بسترا، ڪپڙا، الماريون، ڪچن جو سامان، ڊنر سيٽ ۽ ٻيو ضروري گهرو سامان فراهم

تنظيم ملڪ جي مختلف علائقن ۾ غريب ۽ ضرورتمند خاندانن جي جوڙن لاءِ اجتماعي شادين جو اهتمام ڪري رهي آهي: اڳواڻ

ڪوٽ غلام محمد سماجي تنظيم جي سهڪار سان 15 غريب ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد ۾ سماجي تنظيم بليڪ برن يو ڪي ٽرسٽ جي سهڪار سان 15 غريب ۽ يتيم جوڙن جي اجتماعي شادي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شادي ڪندڙ جوڙن کي ڏاج ۾ ضرورت جو سامان فراهم ڪرڻ سان گڏ شاندار وليمي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. اجتماعي شادي جي تقريب سماجي تنظيم بليڪ برن يو ڪي ٽرسٽ جي اڳواڻن خالد يو ڪي، آصر خالد پاڪستان ۽ ميرزمان جت سنڌ جي اڳواڻي ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ڪوٽ غلام محمد تعلقي جي صدر حاجي محمد رفيق پرڳڙي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب دوران 15 جوڙن کي ڏاج طور هنڌ، بسترا، ڪپڙا، الماريون، ڪچن جو سامان، ڊنر سيٽ ۽ ٻيو ضروري گهرو سامان فراهم ڪيو ويو جڏهن ته گهوٽن ڪنوارن ۽ ساڻن آيل مهمانن لاءِ ڪاڌي جو پڻ انتظام ڪيو ويو. ان موقعي تي بليڪ برن يو ڪي ٽرسٽ جي اڳواڻن چيو ته سندن تنظيم ملڪ جي مختلف علائقن ۾ غريب ۽ ضرورتمند خاندانن جي جوڙن لاءِ اجتماعي شادين جو اهتمام ڪري رهي آهي. هنن چيو ته ڪوٽ غلام محمد جي علائقي جو دورو ڪرڻ دوران هتي غربت ۽ مفلسي جي صورتحال وڌيڪ نظر آئي جنهن سبب 15 غريب ۽ يتيم جوڙن جي شادي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سندن چوڻ هو ته غريب ۽ ضرورتمند خاندان جي شادي ڪرائڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي ۽ سنت نبوي صم جي تعليمات سان پڻ هم آهنگ آهي. هنن چيو ته ضرورتمندن جي خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سندن سهارو بڻجڻ سان کين دلي سڪون ۽ خوشي حاصل ٿي آهي. تقريب ۾ شادي ڪندڙ جوڙن ۽ سندن وارثن پاران سماجي تنظيم جي خدمتن کي ساراهيندي خوشي ۽ تشڪر جو اظهار ڪيو ويو.

سجاول پوليس جو منشيات ۽ گٽڪي خلاف جاري ڪريڪ ڊائون، فارچونر گاڏي سوگهي

دمدمون چيڪنگ پوائنٽ تي سفيد فارچونر گاڏي کي پوليس اهلڪارن بيهڻ جو اشارو ڪيو ۾ فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

سجاول-ٺٽو مين روڊ تي سيدپور اسٽاپ پرسان فارچونر گاڏي ڪاهي ۾ ڪريل ملي، جنهن کي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو: پوليس

گاڏي جي تلاشي دوران 1460 پيڪٽن ۾ مجموعي طور هڪ لک 60 هزار 600 پيڪٽ انڊين سفينا گٽڪو هٿ آيو ماليت 23 لک ٿيندي

سجاول پوليس جو منشيات ۽ گٽڪي خلاف جاري ڪريڪ ڊائون ۾ هٿ آيل فارچونر گاڏي جو ڏيک

سجاول(ن ع) ايس ايس پي سجاول محمد عثمان سدوزئي جي هدايتن تي منشيات ۽ گٽڪي خلاف جاري ڪريڪ ڊائون دوران ايس ڊي پي او سجاول عزيز جميل ميمڻ جي نگراني ۾ ايس ايڇ او سجاول حامد علي اوڍو پوليس اهلڪارن سان گڏ دمدمون چيڪنگ پوائنٽ تي گاڏين جي چيڪنگ ڪري رهيو هو ته بنا نمبر پليٽ سفيد فارچونر گاڏي اتي پهتي. پوليس اهلڪارن گاڏي کي بيهڻ جو اشارو ڪيو ۾ ڊرائيور گاڏي روڪڻ بدران تيز رفتار وڌائي ناڪابندي ٽوڙي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي پوليس موبائل گاڏي جو پيڇو ڪيو. پوليس موجب تعاقب دوران سجاول-ٺٽو مين روڊ تي سيدپور اسٽاپ پرسان فارچونر گاڏي ڪاهي ۾ ڪريل ملي جنهن کي تحويل ۾ وٺي ٿاڻي منتقل ڪيو ويو. گاڏي جي تلاشي دوران 1460 پيڪٽن ۾ مجموعي طور هڪ لک 60 هزار 600 پيڪٽ انڊين سفينا گٽڪو هٿ آيو جنهن جي ماليت 23 لک رپين کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. پوليس موجب واقعي جو ڪيس چار نامعلوم جوابدارن خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت داخل ڪري وڌيڪ جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. هوڏانهن ساڳئي ڏينهن سجاول پوليس جي ٻي ڪارروائي دوران سجاول-بلڙو روڊ تي ڪاري موري پرسان هڪ شڪي آلٽو ڪار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن دوران ڪار سوار گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويو. پوليس ڪار تحويل ۾ وٺي تلاشي ورتي ته ان مان 18 ڪلوگرام گٽڪو ميٽريل، هڪ هزار تيار گٽڪا ۽ هڪ لک 2 هزار رپيا روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب فرار ٿيل جوابدار خلاف پڻ گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري سندس گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڪارروائي جاري آهي.

بنيادي مسئلا حل ڪريو: شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي احتجاجي جدوجهد 17هين ڏينهن به جاري

شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ نعريبازي

شهرين کي واٽر سپلاءِ ذريعي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي، پر شهري گندو پاڻي پيا واپرائين: اڳواڻ

احتجاجي جدوجهد جاري رکڻ باوجود لاڳاپيل اختيارين طرفان شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم نظر نه اچي رهيا آهن

احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
احتجاجي مظاهرو
ٻاران شهري اتحاد ۽ شهر جو باشعور عوام

ميهڙ بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ شهري اتحاد 17هين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر ۾ صفائي ستراڻي جي ناقص صورتحال، ڊرينيج جو نظام تباهه هجڻ ۽ واٽر سپلاءِ ذريعي شهرين کي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي احتجاجي جدوجهد 17هين ڏينهن به جاري رهي. ان سلسلي ۾ شهري اتحاد جي چيئرمين نياز علي برڙو، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ مير کوسو، پي ٽي آءِ اڳواڻ محمد ايوب کوسو، فيروز تاريجو، زبير علي سمون، ڪائونسلر اسماعيل بروهي، سيد فتاح شاهه، اشتياق ٿئيم، محبوب کوسو، رمضان بروهي، جاويد منگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سٽيما چونڪ کان آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ نعريبازي ڪئي جڏهن ته لاڳاپيل انتظاميا خلاف پڻ سخت نعريبازي ڪئي وئي. مظاهري ۾ شريڪ شهرين جو چوڻ هو ته ميهڙ شهر ۾ صفائي جو نظام انتهائي خراب آهي، مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن ۽ ڊرينيج جو نظام به بهتر نه هجڻ سبب گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ بيٺل رهي ٿو جنهن ڪري شهرين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. مظاهرين چيو ته شهرين کي واٽر سپلاءِ ذريعي صاف پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي پر ان باوجود ڪيترن ئي علائقن ۾ صاف پاڻي جي فراهمي جو مسئلو برقرار آهي. گندو ۽ غير معياري پاڻي استعمال ڪرڻ سبب شهرين ۾ مختلف بيمارين جي خدشي کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. شهري اتحاد جي اڳواڻن چيو ته ڪيترن ئي ڏينهن کان احتجاجي جدوجهد جاري رکڻ باوجود لاڳاپيل اختيارين طرفان شهر جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم نظر نه اچي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته ميهڙ شهر ۾ فوري طور صفائي ستراڻي جو موثر نظام بحال ڪيو وڃي، ڊرينيج نظام کي بهتر بڻائي بيٺل گندي پاڻي جي نيڪال جو بندوبست ڪيو وڃي ۽ شهرين کي صاف محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن شهر جا بنيادي مسئلا ترت حل نه ڪيا ويا ته احتجاجي تحريڪ جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو ۽ شهرين سان گڏجي احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو.

مورو ويجهو ڳوٺ يوسف ڏاهري جي موري جي رهواسي جو احتجاج

لياقت علي ملاح پنهنجي امڙ مسمات صدوري سان گڏجي احتجاج ڪيو

بااثر مسرور ڪورائي اسان کي بنا جواز تنگ ڪري رهيو آهي: لياقت علي ملاح

مورو(ن ع) مورو ويجهو ڳوٺ يوسف ڏاهري جي موري جي رهواسي نوجوان لياقت علي ملاح پنهنجي امڙ مسمات صدوري سان گڏجي مورو پريس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي جتي هنن الزام هڻندي چيو ته بااثر مسرور ڪورائي اسان کي بنا جواز تنگ ڪري رهيو آهي مونکي بي گناهه چوري ۾ ڦاسائي پوليس کان تشدد ڪرايو آهي هنن چيو ته اسان جو گهر به ڊاهرائي ڇڏيو آهي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ميهڙ لڳ تيز رفتار ڊمر گاڏي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر

حادثي جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار موقعي فوت ٿي ويو

ڳوٺ گاهي مهيسر جي رهواسي عابد حسين ولد غلام رسول چانڊيو طور سڃاڻپ ٿي

ميهڙ(ن ع) ميهڙ انڊس هاءِ وي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد روشن تارا هاءِ اسڪول پرسان تيز رفتار ڊمر گاڏي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر حادثي جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار موقعي فوت ٿي ويو جنهن جي سڃاڻپ ميهڙ جي ڳوٺ گاهي مهيسر جي رهواسي عابد حسين ولد غلام رسول چانڊيو طور ٿي آهي واقعي جو اطلاع ملڻ بعد بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ تعلقه اسپتال ميهڙ گسس منتقل ڪيو جتي ڊيوٽي ڊاڪٽر سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن پوليس ترت ڪارروائي ڪندي گاڏي جي ڊرائيور کي گرفتار ڪري گاڏي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

حيدرآباد جي علائقي گدو چوڪ لڳ چانڊيا پاڙي جي رهواسڻ جو احتجاج

ڪزبانو زال سليم لاشاري مائٽن جي ظلم خلاف پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو

جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: ڪزبانو زال سليم لاشاري

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي گدو چوڪ لڳ چانڊيا پاڙي جي رهواسڻ ڪزبانو زال سليم لاشاري مائٽن جي ظلم خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيوته ممتاز،شوڪت،سومار، اعجاز ۽ ٻين گهريلو تڪرار تان 3ڏينهن اڳ گهر ۾ بند ڪري تشدد جو نشانو بڻايو آهي هن چيو ته ڄاڻايل ماڻهن کان وجهه وٺي نڪتي آهيان جنهن سبب مونکي جاني خطرو آهي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

حيدرآباد جي علائقي هيرآباد جي رهواسي پيرسن جو احتجاج

عبدالوهاب زال ۽ پٽن پاران ملڪيت تي قبضو ڪري گهران زبردستي ڪڍڻ خلاف دانهون

زال بسمه،پٽن رضوان،شهباز ۽ ٻين مونکي مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي: پيرسن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي هيرآباد جي رهواسي پيرسن عبدالوهاب زال ۽ پٽن پاران ملڪيت تي قبضو ڪري گهران زبردستي ڪڍڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو هن الزام هنيو ته زال بسمه،پٽن رضوان،شهباز ۽ ٻين مونکي مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي هن الزام هنيو ته زال ۽ پٽن 10تولا سونا زيورن ۽ 2 منهنجي گهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي هن چيو ته ڄاڻايل ماسري بابت حد جي پوليس وٽ دانهيو ۾ پوليس منهنجي هڪ نه ٻڌي هن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

شاهپور ڊرپور ٿاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي

مسوڀرڳڙي (ن ع) شاهپور ڊرپور ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ۽ ڦرلٽ جون وارداتون وڌڻ سبب علائقي جا شهري سخت پريشاني ۽ خوف ۾ مبتلا ٿي ويا آهن شام ٿيندي ئي روڊ رستن تي ڦورن جي مبينا سرگرمين سبب شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ هڪ وڏو سوال بڻجي ويو آهي. تازي واردات ۾ ڳوٺ پينار هموپوٽو جو رهواسي معياري ڏگري ڪاليج جو ڪلارڪ بشير احمد هموپوٽو مبينا طور ڦورن جي ور چڙهي ويو. متاثر شهري موجب، ٻن موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن هٿيارن جي زور تي کانئس 18 هزار رپيا روڪ رقم، ATMڪارڊ، شناختي ڪارڊ، موبائل فون ٻئون ۽ ٻيا ضروري ڪاغذات ڦري فرار ٿي ويا.

تعليم لاءِ جاڪوڙيندڙ حاجي محمد عثمان مري جي 52 هين ورسي ملهائي وئي

ڪيرو(ن ع)سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سهڪار سان هلندڙ حاجي محمد عثمان مري سيڪنڊري اسڪول پٽ پائيٽي ۾ ضلعي سانگهڙ جي جي اهم شخصيت، تعليم لاءِ جاڪوڙيندڙ حاجي محمد عثمان مري جي 52 هين ورسي ملهائي وئي. سندس آخري آرام گاهه تي گلن جي چادر چاڙهي دعا گهري وئي.پروگرام ۾ تمام وڏي انگ سان ماڻهن سان شرڪت ڪئي. اسڪول جي پرنسپال اشوڪ ڪمار سينگهواڙ پاران آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو.ان کانپوءِ اسڪول جي شاگردن حاجي محمد عثمان مري کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ٽيبلو، تقريرون ۽ شاعري ٻڌائي آيل مهمانن کان داد وصول ڪيو.اسڪول پارٽنر ڊاڪٽر مير عالم مري سڀني آيل مهمانن کي ڀليڪار چيائين ۽ اسڪول جي شاگردن جي محنت کي ساراهيو .سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ريجنل آفيسر مقبول احمد لغاري ۽ ضلعي هيڊ آفيسر نورمحمد جوڻيجو حاجي جي زندگي تي پنهنجا خيال ونڊيا .ان کان علاوه ميرحسن مري ، محمد جمن سولنگي حاجي عثمان جي زندگي تي روشني وڌي. آيل خصوصي مهمانن ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح ڪيو انهن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا ڏنا ويا

حيدرآباد ۾ جهيڙي ڪيس ۾ پوليس جي هڪ طرفي ڪارروائي خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)حيدرآباد جي ڳوٺ عدل نوناري جي رهواسي عورتن جهيڙي ڪيس ۾ پوليس پاران مبينا طور هڪ طرفي ڪارروائي خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون عائشه نوناري،امير زادي نوناري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته 47ڏينهن اڳ اسان جي ڳوٺ ۾ بجلي جي ڪريل تارن ۾ وچڙڻ سبب فوت ٿي وڃڻ واري ماسري تي فوتي ٿينگر جي وارثن ۽ اسان ماڻهن وچ ۾ جهيڙو ٿيو جنهن واقعي جو ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻي خلاف ڪيس داخل ڪرايا ويا هئا جنهن ڪيس عدالت ٻنهي ڌرين جي ماڻهن جي ضمانت رد ڪئي آهي جنهن حد جي پوليس هڪ طرفي ڪارروائي ڪندي اسان کان اسان مردن ۽ عورتن جي گرفتاري جي زبردستي گهر ڪري رهي آهي جيڪا ناانصافي آهي. هنن چيو ته جهيڙو ٻن ڌرين ۾ ٿيو هو عدالت به ٻنهي ڌرين جي ماڻهن جي ضمانت رد ڪئي آهي ته پوءِ ٻنهي ڌرين جي ڪيسن ۾ گهربل ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪئي ٿيڻ گهرجي هڪ طرفي ڪارروائي ڪنهن صورت قبول نه ڪئي ويندي هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته جهيڙي ڪيس ۾ برابري جي بنياد تي ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

ڪڪڙ پورهيت جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪڪڙ ۾ پورهيت جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي عورتن مردن احتجاجي مظاهرو ڪيو

نوجوان پٽ جعفر ڪلوئي کي برادري جي ماڻهن قتل ڪيو آهي:پري خاتون

ڪڪڙ (ن ع)ڪڪڙ ۾ 20 ڏينهن اڳ قتل ٿيل نوجوان پورهيت جعفر ڪلوئي جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف، ڳوٺ شاهه محمد ڪلوئي جي رهواسي عورتن مردن مسمات پري خاتون ، مسمات رحيمان، مسمات امام زادي، مسمات آمنه، غلام فاروق، معشوق، جان محمد، اسماعيل ۽ ٻين پريس ڪلب ڪڪڙ اڳيان مارچ ويل مقتول پورهيت جعفر ڪلوئي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مسمات پري خاتون ڪلوئي چيو آهي ته منهنجي نوجوان پٽ جعفر ڪلوئي کي بي گناهه پنهنجي برادري جي ماڻهن جوابدار سومر علي بخش، انور عبدالله، احمد بخش سميت 7 ڄڻن قتل ڪيو آهي واقعي کي 20 ڏينهن گذري ويا آهن جوابدار بااثر هجڻ ڪري ٻوڙي پوليس پٽ جي قتل ڪيس ۾ گهربل جوابدارن کي گرفتار نه ٿي ڪري ۽ نه وري انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، هنن چيو ته جوابدار سرعام آزاد گهمي ڦري رهيا آهن جيڪي اسان کي ڪيس تان هٿ کڻڻ، ڳوٺ مان لڏو کڻڻ سميت سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪري رهيا آهن اسان کي انهن مان جان ۽ مال جو خطرو آهي هنن آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي دادو ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته پورهيت جعفر ڪلوئي جي قاتلن کي جلد کان گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

محبت سان مديني جو گليون گهميون: شاهنواز ڪلهوڙو

عزت عظمت مان مرتبو انسان جو تڏهن وڌندو آهي جڏهن الله سائين ڪرم ڪندو

سردار شاهنواز ڪلهوڙو کي عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد جو سلسلو جاري

سيوهڻ(ن ع) عزت عظمت مان مرتبو انسان جو تڏهن وڌندو آهي جڏهن الله سائين جي الاهي محمد سلام جي بادشاهي مرتضيٰ جي ڏسيل خدا جي راهه تي جيڪو به هلندو ان کي دنيا ۽ آخرت فرحتو هاسل ٿيندي آهن رسالت مآب ملڪ مديني جو جنهن به ديدار ڪيو حج ۽ بيت الله جي زيارت ڪئي محبت سان مديني جو گليون گهميون پيار محبت سان سجدا ڪيا ان جي خدا جي خدائيءَ ۾ رهي حق ۾ سدائين فتح ۽ ڪامرانيون عطا ڪندو آهي، سردار شاهنواز ڪلهوڙو عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ کان بعد پنهنجي رهائشگاهه تي آل پاڪستان عباسي ڪلهوڙا ڪوندر ڪنبڙا ۽ ٻين برادرين جي بزرگن ۽ ٻين صحافين اديبن احبابن ۽ معززن ٻين پارن مبارڪون ڏيڻ باد الحاج سخي سردار شاهنواز ڪلهوڙي وڌيڪ چيو ته مديني جي زيارت گنهگار بدن کي پاڪ ڪري ٿي ٿيڻ ۾ نور جو واڌارو ٿئي ٿو قول ۾ قوت پيدا ٿئي ٿي سلو ڪردار ۾ ٻي مثال عنايتون پيدا ٿين ٿيون سخي خدا جي خدائيءَ ۾ خوش هوندو آهي ان موقعي تي ساڻس گڏ فرزند ارجمند نور چشم صاحبزادا گلبهار خان ڪلهوڙو صحافي منصور علي ملاح ۽ ٻيا شامل هئا

سيوهڻ سردار شاهنواز ڪلهوڙو کي عمره جي سعادت حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني پئي وڃي

منگهوپير ۾ چيئرمين پاران روڊ ڪارپيٽنگ جي ترقياتي ڪم جو تفصيلي دورو

استعمال ٿيندڙ ميٽريل، تعميراتي معيار ۽ ڪم جي مجموعي اڳڀرائي جو جائزو ورتو

ڪارپيٽنگ جي ڪم ۾ معيار کي هر صورت ۾ اوليت ڏني وڃي: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يونين ڪميٽي 12 ۾ جاري روڊ ڪارپيٽنگ جي ترقياتي ڪم جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ موقعي تي پهچي روڊ ڪارپيٽنگ جي جاري ڪم، استعمال ٿيندڙ ميٽريل، تعميراتي معيار ۽ ڪم جي مجموعي اڳڀرائي جو جائزو ورتو. چيئرمين مختلف مرحلن جو پاڻ معائنو ڪندي لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کان ڪم بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ورتي. ان موقعي تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي لاڳاپيل آفيسرن ۽ تعميراتي عملي کي هدايت ڪئي ته روڊ ڪارپيٽنگ جي ڪم ۾ معيار کي هر صورت ۾ اوليت ڏني وڃي ۽ تعميراتي ميٽريل جي معيار تي خاص ڌيان ڏنو وڃي. هن واضح ڪيو ته عوامي وسيلن سان ٿيندڙ ترقياتي ڪم رڳو رسمي ڪارروائي نه، پر شهرين جي سهولت ۽ علائقي جي بهتري لاءِ ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري انهن جي مضبوطي، پائيداري ۽ ڊگهي مدي واري افاديت کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. هن هدايت ڪئي ته روڊ ڪارپيٽنگ جو ڪم مقرر ڪيل فني معيارن موجب مڪمل ڪيو وڃي جيئن تعمير ٿيڻ کان پوءِ روڊ ڊگهي عرصي تائين بهتر حالت ۾ برقرار رهي. حاجي نواز علي بروهي موقعي تي جاري ڪم جي مختلف حصن جو جائزو وٺندي ميٽريل ۽ ڪارپيٽنگ جي معيار کي پڻ چيڪ ڪيو ۽ لاڳاپيل عملي کي هدايت ڪئي ته ڪم جي هر مرحلي جي مؤثر نگراني کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته ترقياتي منصوبن ۾ ڪم جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته عوام لاءِ اهڙا منصوبا فراهم ڪيا وڃن جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ فائديمند، مضبوط ۽ پائيدار ثابت ٿين. دوري دوران چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يونين ڪميٽي 12 جي مختلف علائقن مان آيل شهرين ۽ علائقي واسين سان پڻ ملاقاتون ڪيون، هن شهرين جا مسئلا، شڪايتون ۽ تجويزون سڌيءَ ريت ٻڌيون ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ضروري هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ڪارپيٽنگ روڊ جي ترقياتي ڪم جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪوهستان ۾ مالوندن جي جانورن لاءِ مفت ويڪسينيشن ڪئمپ

جانورن جي صحت، بيمارين کان بچاءَ ۽ بروقت علاج بابت آگاهي پڻ ڏني وئي

ويڪسينيشن ڪيل جانورن ۾ 3213 ٻڪريون، 245 رڍون، 614 ڳئون ۽ 22 مينهون شامل

ٿاڻوبولاخان(ن ع) ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊيوليپمينٽ ڪوهستان ايٽ ٿاڻو بولا خان ڊاڪٽر عبدالعزيز رستماڻي جي هدايتن تحت ڪوهستان جي علائقي ٿاڻو عارب خان ۽ ڀرپاسي جي مختلف ڳوٺن ۾ مالوندن جي جانورن لاءِ مفت ويڪسينيشن ڪئمپ لڳائي وئي جنهن دوران 4000 کان وڌيڪ ننڍين ۽ وڏن جانورن کي مختلف خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ويڪسين ڪئي وئي.ويڪسينيشن مهم ۾ ڊاڪٽر محمد آصف رڄڙ وٽرنري آفيسر عاشق علي سولنگي، سينيئر اسٽاڪ اسسٽنٽ ۽ سيد سجاد رضا شاهه لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽر عملي طور حصو ورتو. عملي پاران مالوندن جي جانورن کي حفاظتي ويڪسين لڳائڻ سان گڏ جانورن جي صحت، بيمارين کان بچاءَ ۽ بروقت علاج بابت آگاهي پڻ ڏني وئي.ويڪسينيشن ڪيل جانورن ۾ 3213 ٻڪريون، 245 رڍون، 614 ڳئون ۽ 22 مينهون شامل آهن جانورن کي ٿڻڪڙي، رتاوڻ دست، ڪاري ٽنگ ۽ گهوڙگهو سميت مختلف بيمارين کان اڳواٽ بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا لڳايا ويا.واضح رهي ته مهم دوران 729 کان وڌيڪ ننڍين ۽ وڏن جانورن کي پيٽ جي جوئن خلاف دوا پڻ پياري وئي ۽ چمڙي جون سيون پڻ لڳايون ويون.مهم دوران ٿاڻو عارب خان، ڳلڻ برهماڻي، خلز برهماڻي، بچو باريجي، نندو شهتو ۽ امينو ڪاسوڪو سميت مختلف ڳوٺن ۾ مالوندن جي جانورن کي مفت ويڪسينيشن ۽ جانورن جي صحت بابت سهولتون فراهم ڪيون ويون.جڏهن ته ويڪسينيشن ڪئمپون رئيس محمد علي ملڪاڻي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز سنڌ، ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ، ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو، ڊائريڪٽر جنرل لائيو اسٽاڪ سنڌ ۽ ڊاڪٽر ارشد حسين خانزادو، ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري سنڌ جي هدايتن ۽ نگراني هيٺ جاري ويڪسينيشن مهم جو حصو آهن.ان موقعي تي لائيو اسٽاڪ کاتي جي عملي مالوندن کي زور ڀريو ته هو پنهنجي جانورن جي بروقت ويڪسينيشن ضرور ڪرائين ۽ ڪنهن به بيماري جون علامتون ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور ويجهي سرڪاري ويٽرنري مرڪز سان رابطو ڪن جيئن جانورن کي بروقت طبي سهولتون فراهم ڪري سگهجن

ايس ڊي او متياري مسوڀرڳڙي جي جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر تي ڏمريل

سوين ڳوٺن جي بجلي روزانو ڏينهن جو بند، بل ڀريندڙ صارفين عذاب ۾ مبتلا

ايس ڊي او پاران سوين ڳوٺن جي سڄو سڄو ڏينهن بجلي بند ڪرڻ روزانو جو معمول بڻيل

مسوڀرڳڙي (ن ع) ايس ڊي او متياري مسوڀرڳڙي جي جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر تي ڏمريل سوين ڳوٺن جي بجلي روزانو ڏينهن جو بند، بل ڀريندڙ صارفين به عذاب ۾ مبتلا تدارڪ جي گهر تفصيل موجب مسوڀرڳڙي جي جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر تي حيسڪو متياري ايس ڊي او پاران سوين ڳوٺن جي سڄو سڄو ڏينهن بجلي بند ڪرڻ روزانو جو معمول بڻيل بجلي ناجائز بند ڪرڻ واري عمل خلاف علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته بجلي بند ڪري علائقي واسين کي سزا ڏني پئي وڃي، جنهن سبب عورتن، ٻارن بزرگن، ڪاروباري ماڻهن ۽ شاگردن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي علائقي واسين موجب جيٽنڊل ڪوٽ فيڊر سان لاڳاپيل ڪيترن ئي ڳوٺن جي بجلي ڊگهي وقت تائين بند رهڻ سبب روزاني زندگي مفلوج بڻجي وئي آهي. جڏهن ته پاڻي جي فراهمي، ننڍا ڪاروبار، زرعي سرگرميون ۽ ٻيا ضروري ڪم پڻ متاثر ٿي رهيا آهن علائقي واسين جوچوڻ آهي بجلي فراهم ڪندڙ اداري جي انتظامي ناڪاميءَ جو بار عام صارفين تي وجهڻ ناقابل قبول آهي

سنڌ يونيورسٽيءَ جي ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ جو 162 هون اجلاس منعقد

وي سي جي صدارت هيٺ منعقد اجلاس ۾ 140 کان وڌيڪ پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل اسڪالرن کي ڊگريون ڏيڻ جي منظوري

سنڌ يونيورسٽي جي ڊگري جي وڏي اهميت آهي، اسڪالرن لاءِ پوري دنيا ۾ ڪيريئر جا لاتعداد موقعا موجود آهن: فتح مري

سنڌ يونيورسٽي معياري تعليم ۽ تحقيق جا موقعا مهيا ڪرڻ سان گڏ وقت سر ڊگريون پڻ ايوارڊ ڪري ٿي ته جيئن اسڪالر فائدو حاصل ڪري سگهن

ڄامشورو ؛ سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ايڊوانس اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ بورڊ جو162 هون اجلاس سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغ امتياز) جي صدارت هيٺ سنڊس آفيس ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ پي ايڇ ڊي جي 40 کان وڌيڪ ۽ ايم فل جي 100 کان وڌيڪ اسڪالرن کي ڊگريون ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي. مختلف شعبن ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگري ماڻيندڙ اسڪالرن ۾ عبدالرحيم پرڳڙي (اسلامڪ ڪلچر)، سيد غلام شاهه (ڪرمنالاجي)، محمد عيسيٰ ميمڻ ۽ عبدالعزيز چانڊيو (سنڌي)، امداد حسين صديقي ۽ طارق محمود آرائين (بزنس ايڊمنسٽريشن)، زبير احمد ميمڻ فرزانه ملاح ۽ طاهره ملڪ (ايجوڪيشن)، انور علي چانڊيو شڪور احمد سولنگي شاهنواز بلوچ سسئي ۽ خادم علي گشڪوري (اينالٽيڪل ڪيمسٽري)، سمير اڪبر علي ميمڻ (مائيڪرو بائلاجي) ، سميرا نوناري (فريش واٽر بائلاجي اينڊ فشريز)، سنڌو الماس (پبلڪ ايڊمنسٽريشن) ، توفيق احمد چنا (سوشالاجي)، نذير احمد سيال (پوليٽيڪل سائنس)، ماريا عيساڻي (ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز)، ارباب علي لغاري ۽ نصرالله (هيلٿ اينڊ فزيڪل ايجوڪيشن) ۽ ٻيا شامل آهن. جڏهن ته ايم فل جون ڊگريون ماڻيندڙن ۾ انگريزي، سنڌي، اردو، عربي، بزنس ايڊمنسٽريشن، ايجوڪيشن، انفارميشن ٽيڪنالاجي، اسلامڪ ڪلچر، باٽني، فزيڪل ڪيمسٽري، اِن آرگينڪ ڪيمسٽري، آرگينڪ ڪيمسٽري، اينالٽيڪل ڪيمسٽري، ڪمپيوٽر سائنس، ميٿميٽڪس، انوائرمينٽل سائنس، مائيڪرو بائلاجي، زولاجي، فزيالاجي، فريش واٽر بائلاجي اينڊ فشريز، جاگرافي، اسٽيٽسٽڪس، فارماڪوگنوسي، فارماسيوٽڪس، فارميسي پريڪٽس، فارماڪالاجي، سائيڪالاجي، پبلڪ ايڊمنسٽريشن، جينڊر اسٽڊيز، انٽرنيشنل رليشن، ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز، پوليٽيڪل سائنس، ڪرمنالاجي ۽ پاڪستان اسٽڊيز شعبن جا اسڪالر شامل آهن. اجلاس ۾ پنهنجا ويچار ونڊيندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري پي ايڇ ڊي ۽ ايم فل جون ڊگريون ماڻيندڙ اسڪالرن ۽ انهن جي سپروائيزرن کي مبارڪون ڏيندي چيو ته ڪنهن به قوم جي ترقي ۾ معياري تعليم ۽ تحقيق جو بنيادي ڪردار آهي. جديد ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾ قابليت ذريعي ئي پاڻ کي مڃرائي سگهجي ٿو. قابل اسڪالرن لاءِ پوري دنيا جا دروازا کليل آهن ۽ انهن لاءِ ڪيريئر جا لاتعداد موقعا موجود آهن. هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي جي ڊگري جي وڏي اهميت آهي. هن يونيورسٽي جا ڊگري هولڊر پنهنجي ملڪ سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انتهائي اهم عهدن تي پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته يونيورسٽي ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي پروگرامن ۾ داخلا وٺندڙن ۽ وقت سر پنهنجي تحقيق مڪمل ڪندڙن جي تعداد ۾ ٿيندڙ اضافو نهايت ئي خوشي جي ڳالهه آهي. کيس يقين آهي ته مختلف موضوعن تي تحقيق ڪري ڊگري ماڻيندڙ هي اسڪالر ملڪ جي ترقي ۽ نيڪ نامي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. هن چيو ته سنڌ يونيورسٽي معياري تعليم ۽ تحقيق جا موقعا مهيا ڪرڻ سان گڏ وقت سر ڊگريون پڻ ايوارڊ ڪري ٿي ته جيئن اسڪالر پنهنجي ڊگري مان وقتائتو فائدو حاصل ڪري سگهن. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر ريسرچ اينڊ گريجوئيٽ اسٽڊيز ڊاڪٽر صائمه قيوم ميمڻ، سنڌ يونيورسٽي ٺٽو ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مصباح بي بي قريشي، ڊين فئڪلٽي آف سوشل سائنسز ڊاڪٽر نانڪ رام، ڊين اسلامڪ ڪلچر ڊاڪٽر حافظ منير احمد خان، ڊين فئڪلٽي آف آرٽس ڊاڪٽر محمد خان سانگي، ڊين فئڪلٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڊاڪٽر لڇمڻ داس ڏوميجا، ڊين فيڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو، ڊين فئڪلٽي آف نيچرل سائنسز ڊاڪٽر ناهيد ڪاڪا، ڊين فيڪلٽي آف ايجوڪيشن ڊاڪٽر عابده صديقي، ڊين فيڪلٽي آف لا ڊاڪٽر سردار علي شاهه، ڊين فئڪلٽي آف فارميسي ڊاڪٽر محمد علي گهوٽو، ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عرفانه ملاح، سوشالاجي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر احمد علي بروهي، سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر نور محمد شاهه، ڊاڪٽر نظام الدين چنه ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

ڪوهستان ۾ ڏڪار واري صورتحال، مال لاءِ چارو ۽ پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ، رهواسي لڏپلاڻ تي مجبور

سري، مول، ڪرچات، ٿونگ عارب خان، موندرخان پالاري، ڏماچ ۽ آسپاس برساتون نه پوڻ سبب ڏڪاري حالتون برپا

هلندڙ ۽ گذريل سال جي ڊگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب قدرتي چراگاهن ۾ گاهه مڪمل ختم ٿي ويو

پاڻي ۽ مال جي چاري جي کوٽ سبب ڪوهستان جا ڪيترائي خاندان پنهنجو چوپايو مال وٺي بئراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ لڳا

نوري آباد (ن ع)ڪوهستان ۾ ڏڪار واري صورتحال مال لاءِ چارو ۽ پيئڻ جو پاڻي اڻلڀ، رهواسين جي لڏپلاڻ سرڪار علائقي آفت ستيل قرار اڃان نه ڏنو نه وري عوام کي امدادي رليف جاري ڪئي وئي تعلقه ٿاڻو بولا خان ۽ ٺٽي ضلعي جي ڪوهستاني علائقن جي يونينز سري، مول، ڪرچات، ٿونگ عارب خان، موندرخان پالاري، ڏماچ، جنگ شاهي جهميير جنگشاهي جي ٻين علائقن ۾ برساتون نه پوڻ سبب ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جنهن ڪري ڪوهستان جي مالوندن جون ڏکيائون وڌي ويون آهن علائقي واسين موجب هن سال ۽ گذريل سال جي ڊگهي عرصي کان برساتون نه پوڻ سبب قدرتي چراگاهن ۾ گاهه ختم ٿي ويو آهي جنهن ڪري چوپائي مال لاءِ چارو حاصل ڪرڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تي جر جو پاڻي پڻ سڪي وڃڻ سبب پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ سنگين صورت اختيار ڪري وئي آهي رهواسين جو چوڻ آهي ته پاڻي ۽ مال جي چاري جي کوٽ سبب ڪوهستان جا ڪيترائي خاندان پنهنجو چوپايو مال وٺي بئراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن جنهن سان سندن معاشي ۽ سماجي مشڪلاتن ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي ڪوهستان واسين سنڌ حڪومت ۽ وس وارن ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڪوهستان جي متاثر علائقن کي فوري طور آفت ستيل علائقا قرار ڏئي هنگامي بنيادن تي پيئڻ جو پاڻي، مال لاءِ چارو ۽ ٻيون ضروري امدادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن ڏڪار سبب پيدا ٿيل انساني ۽ مالوند ماڻهن جي مسئلن کي گهٽائي سگهجي

سڪرنڊ لڳ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ۾ ايم آر ڊي تحريڪ جي 16 شهيدن جي 43 هين ورسي تقريب

پنهل خان چانڊيو جي 16 شهيدن جي قرباني جو نتيجو آهي جو اڄ ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي: اڳواڻ

پيپلز پارٽي جي شهيدن ان وقت آمرن ۽ جابرن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو جان ڏئي سگهن ٿا پر جهڪڻ سکيا ناهن

جلسي دوران 16 شهيدن جي تصويرون جيڪي نمايان رکيل هيون انهن مٿان گلن جي ورکا ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سڪرنڊ (ن ع) ايم آر ڊي تحريڪ جي 16 شهيدن جي 43 هين ورسي ايم پي اي غلام قادر چانڊيو جي ميزباني هيٺ ڳوٺ پنهل خان چانڊيو ۾ انتهائي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي ضلعي ۽ مختلف تعلقن جي عهديدارن شرڪت ڪئي جن ۾ محمد سالم زرداري، علي حيدر شاهه، حاجي الهه بخش لاڪو هالارخان جمالي، مير محمد سيال، سيد عذير اختر شاهه، راشد چانڊيو، فرحان لغاري، خالد حسين آرائين سميت ٻيا شامل هئا جڏهن ته مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن ۽ سينيئر ورڪرن پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ رئيس امتياز حسين راهو عبدالنبي جمالي، عاشق حسين ڳوٺاڻي عبدالغني آئي آفتاب احمد چانڊيو، راضي خان جمالي، عبدالفتاح جمالي، حاجي مراد علي ملاح، الهه بچايو پنهور، عبدالجبار چانڊيو، مجيب الرحمان چانڊيو، عطا محمد سيال، عبيد چانڊيو، شاهه محمد ڪيريو، گلزار علي جلباڻي، غلام حيدر سولنگي، لطيف ملاح، جاويد سومرو، تاج محمد مگسي ۽ باغ علي جلباڻي سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون جن کان اسٽيج سيڪريٽري ڪامران چانڊيو ترتيبوار ويچار ورتا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته پنهل خان چانڊيو جي 16 شهيدن جي قرباني جو نتيجو آهي جو اڄ ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي جڏهن ته پيپلز پارٽي جي شهيدن ان وقت آمرن ۽ جابرن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ته هو جان ڏئي سگهن ٿا پر جهڪڻ سکيا ناهن هنن وڌيڪ چيو ته اسين سلام ٿا پيش ڪيون ايم پي اي غلام قادر چانڊيو کي جيڪو هر سال شهيدن جي ورسي ملهائي کين ڀيٽا پيش ڪندا آهن ان دوران ايم آر ڊي واقعي سميت پوءِ واري پيش آيل صورتحال تي 10 منٽن جي ڊاڪومينٽري ۾ اکين ڏٺو احوال رڪارڊ ٿيل ڏيکاريو ويو جنهن تي شهيدن جي سرواڻ غلام قادر چانڊيو تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني جڏهن ته جلسي دوران 16 شهيدن جي تصويرون جيڪي نمايان رکيل هيون انهن مٿان گلن جي ورکا ڪري ڀيٽا پيش ڪئي وئي جڏهن ته ان کان اڳ تاريخي قبرستان راهو رتول ۾ جيالن جو قافلو غلام قادر چانڊيو ۽ حاجي الهه بخش لاڪو جي اڳواڻيءَ ۾ پهچي شهيدن جي قبرن جي گل نڇاور ڪيا ان دوران سڪرنڊ پريس ڪلب جو وفد پڻ جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ شريڪ هوجتي فاتح خواني بعد سيد نور محمد شاهه جيلاني دعا گهرائي جنهن بعد 16 شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ خيرات جو اهتمام ڪيو ويوجلسي ۾ ممتاز ملاح اعظم رند پڻ شريڪ هئا ان کان اڳ رئيس غلام حسين چانڊيو علي خان خاصخيلي، انور علي خاصخيلي، منصور ڪلو صدام حسين چانڊيو ۽ نثار سولنگي آيل مهمانن جو مانائتو آڌر ڀاءُ ڪيو شهيدن جي ميڙاڪي ۾ پ پ پ ليڊيز ونگ جون عورتون پڻ شريڪ هيون

ايم آر ڊي تحريڪ جو اسير محمد عالم خان نوتڪاڻي لاڏاڻو ڪري ويو

جنازي نماز ۾ پ پ جي ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري ۽ ٻين جي شرڪت

مرحوم عالم خان نوتڪاڻي جون پ پ لاءِ ڏنل قربانيون ياد رکيون وينديون: اڳواڻ

ڪنڊومحمدخان(ن ع) شهيد بينظير ڀٽو جو بهادر جيالو پي پي پي تعلقو ڪنڊو غلام حيدر جو جنرل سيڪريٽري ايم آر ڊي تحريڪ جو اسير پ پ جو سرگرم اڳواڻ محمد عالم خان نوتڪاڻي گردن جي بيماري سبب ڪافي عرصو بيمار رهڻ ڪري فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ڳوٺ ريڏنو نوتڪاڻي ۾ ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ پ پ جي ايم پي اي سيد اعجاز شاهه بخاري، سيد شعبان شاهه بخاري ،مظفر خان نظاماڻي، ليبر بيورو ضلع صدر عبدالحڪيم دستي، جمن کهيڙو چيئرمين رئيس پير بخش چانگ، حاجي عباس سليو علي غلام جلاڻي، عبدالڪريم لاشاري، علي اڪبر خاصخيلي سميت هزارين جيالن سماجي ۽ سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي ان موقعي تي پ پ ايم پي اي سي اعجاز حسين شاهه بخاري ميڊيا ڳالهائيندي چيو ته مرحوم عالم خان نوتڪاڻي جون پ پ لاءِ ڏنل قربانيون ياد رکيون وينديون هو بهادر ۽ شهيد راڻي بينظير ڀٽو جو بهادر سپاهي هو ڪيترا ئي دفعا مارشلا دئور ۾ جيل ڪاٽيا ۽ ڪوڙا کاڌا اسان سندس سياسي ۽ سماجي خدمتن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو ٿا.

ڪنڊو محمد خان شهيد بينظير ڀٽو جو بهادر جيالو ايم آر ڊي تحريڪ جو اسير محمد عالم خان نوتڪاڻي گردن جي بيماري سبب فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو

ڏگهڙي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار اياز حسين شالماڻي جو ننڍو ڀاءُ وفات ڪري ويو

ڏگهڙي(ن ع)ڏگهڙي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار اياز حسين شالماڻي جو ننڍو ڀاءُ ۽ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر در محمد شالماڻي جو سئوٽ، ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي فائر برگيڊ گاڏي جو ڊرائيور استاد يعقوب شالماڻي مختصر علالت بعد لاڏاڻو ڪري ويو استاد يعقوب شالماڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي. مرحوم جي لاڏاڻي تي صوبائي وزير مير طارق علي خان ٽالپر، سياسي سماجي شخصيت مير شارق خان ٽالپر پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ڏگهڙي جي صدر مير خدابخش ٽالپر ۽ مير شاهد ٽالپر سميت مختلف سياسي، سماجي ۽ صحافتي ڌرين پاران شالماڻي هائوس پهچي سوڳوار خاندان سان تعزيت ڪئي وئي ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ ايصال ثواب لاءِ فاتح خواني ڪئي وئي.ڏگهڙي پريس ڪلب ڏگهڙي رجسٽرڊ جي وفد صدر آغا روز امان مرغزاني جي اڳواڻي ۾ شالماڻي هائوس پهچي اياز حسين شالماڻي در محمد شالماڻي ۽ ٻين وارثن سان تعزيت ڪئي

ميهڙ ۾ اي ٽي ايم مان ذريعي هڪ لک 70 هزار رپين جو فراڊ

فراڊي شخص عورتن کي ڳالهين ڦاسائي سندن اي ٽي ايم ڪارڊ حاصل ڪيو

ڪئميرا جي فوٽيج ۾ فراڊي شخص جي تصوير واضح طور نظر اچي رهي آهي

ميهڙ (ن ع)ميهڙ جي حبيب بئنڪ ٽاور چوڪ وٽ قائم اي ٽي ايم مان فراڊ ذريعي رقم ڪيرائڻ جو واقعو سامهون آيو آهي ڳوٺ صديق ڳن جي رهواسي حاجي محمد داٺود ڳن ولد محمد ابراهيم ڳن جي خاندان جي عورتن سان مبينا طور ٺڳي ڪري هڪ لک 70 هزار رپيا اي ٽي ايم ذريعي ڪيرايا ويا. متاثر ڌر موجب هڪ مبينا فراڊي شخص عورتن کي پنهنجي ڳالهين ۾ ڦاسائي سندن اي ٽي ايم ڪارڊ حاصل ڪيو ۽ مبينا طور ڪارڊ ذريعي رقم ڪيرائي ورتي. فراڊ ڪندڙ شخص طرفان متاثر عورتن کي حيدرآباد جو هڪ مبينا جعلي اي ٽي ايم ڪارڊ پڻ ڏنو ويو. واقعي جي حوالي سان حبيب بئنڪ ٽاور چوڪ واري اي ٽي ايم جي سيڪيورٽي ڪئميرا جي فوٽيج پڻ سامهون آئي آهي، جنهن ۾ مبينا فراڊي شخص جي تصوير واضح طور نظر اچي رهي آهي. متاثر ڌر پاران خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي ته مذڪوره شخص جا ٻيا به ساٿي پڻ ٿي سگهن ٿا، جيڪي فراڊ ۾ ملوث هئا. متاثر خاندان لاڳاپيل پوليس ۽ بئنڪ انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته سي سي ٽي وي فوٽيج جي مدد سان مبينا فراڊ ڪندڙن جي سڃاڻپ ڪري کين قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي ۽ فراڊ ذريعي ڪيرايل هڪ لک 70 هزار رپيا واپس ڪرائي متاثر خاندان سان انصاف ڪيو وڃي. متاثر ڌر پاران شهرين کي پڻ خبردار ڪيو ويو آهي ته هو پنهنجا اي ٽي ايم ڪارڊ، پن ڪوڊ ۽ بئنڪ جي ذاتي معلومات ڪنهن اڻڄاتل شخص حوالي نه ڪن. ٻئي طرف متاثر خاندان پاران اعلان ڪيو ويو آهي ته ڪئميرا فوٽيج ۾ نظر ايندڙ مبينا فراڊي شخص جي سڃاڻپ يا گرفتاري ۾ مدد ڪندڙ شخص کي مناسب انعام ڏنو ويندو

بوزدارواڏا پوليس جو ڪريڪ ڊائون،جوابدار گرفتار،نشي آوور سوپاريون ۽ گٽڪو هٿ

بوزدارواڏا(ن ع)بوزدارواڏا ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر گلزار علي ڪلهوڙو وڏو منشي شوڪت علي رند سپاهه سميت منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون ايس ايڇ او گلزار علي ڪلهوڙو گشت دوران بوزدارواڏا مٺ ويندڙ رستي حاجي غلام محمد ڪاتوري واري پڳل روڊ وٽان گشت دوران جوابدار عرفان علي ولد محرم علي منگنهار کي گرفتار ڪري تلاشي دوران 160 نشي آوور سوپاريون گٽڪو هٿ ڪرڻ جي دعوي پوليس گرفتار جوابدار عرفان علي منگنهار کي بوزدارواڏا ٿاڻي تي کڻي آئي ۽ سرڪار پاران اي ايس آءِ عطا حسين جسڪاڻي جي فرياد تي گرفتار جوابدار مٿان نشي آوور سوپاريون ۽ گٽڪي جو منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جوابدار کي لاڪپ ڪري ڇڏيو پوليس جو منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلشر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
اربع 30 سيپٽمبر 2026ع

ٽيڪس وصولين ۾ واڌ سان گڏ شفافيت ۽ عوامي رليف به ضروري آهي

پاڪستان ۽ عالمي ماليتي فنڊ آءِ ايم ايف وچ ۾ ست ارب ڊالرن جي قرض پروگرام جي چوٿين جائزي لاءِ ڳالهين جي شروعات هڪ اهڙي وقت ٿي آهي جڏهن ملڪ جي معيشت ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي حڪومت لاءِ هڪ طرف قرض پروگرام جا شرط پورا ڪرڻ، مالي خساري تي ضابطو آڻڻ ۽ ٽيڪس وصوليون وڌائڻ ضروري آهي ته ٻئي طرف عوام کي مهانگائي، وڌندڙ بجليءَ جي بلن، پيٽروليم شين جي اگهن ۽ روزمره جي خرچن جي بار کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ پڻ اوترو ئي اهم آهي معاشي استحڪام جو مقصد رڳو انگن اکرن کي بهتر بڻائڻ نه پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ هجڻ گهرجي. آءِ ايم ايف مشن ۽ پاڪستاني اختيارين وچ ۾ ڳالهين جي پهرئين ڏينهن ناڻي واري وزارت، وفاقي بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) ۽ اسٽيبلشمينٽ ڊويزن جي عملدارن شرڪت ڪئي ڳالهين دوران ٽيڪس وصولين سرڪاري ملازمن جي اثاثن کي ظاهر ڪرڻ ۽ مالي معاملن جي نگرانيءَ بابت مشن کي آگاهه ڪيو ويو. سرڪاري ڄاڻ موجب، گذريل مالي سال جي پڄاڻيءَ تائين ايف بي آر 13 هزار 10 ارب رپين جون ٽيڪس وصوليون ڪيون، جڏهن ته نان ٽيڪس آمدني 5 هزار 554 ارب رپيا رهي پيٽروليم ليويءَ جي مد ۾ به مقرر ڪيل هدف کان 99 ارب رپيا وڌيڪ، مجموعي طور هڪ هزار 567 ارب رپيا گڏ ڪيا ويا. اهي انگ اکر حڪومت جي آمدنيءَ ۾ واڌ ظاهر ڪن ٿا، پر اصل سوال اهو آهي ته آمدنيءَ ۾ واڌ جو فائدو عوام تائين ڪيتري حد تائين پهچي رهيو آهي ملڪ کي هلائڻ لاءِ ٽيڪس وصوليون ضروري آهن پر ٽيڪس جو نظام اهڙو هجڻ گهرجي جنهن ۾ آمدنيءَ مطابق بار ورهايو وڃي جيڪڏهن سمورو بار اڻ سڌن ٽيڪسن پيٽروليم ليوي ۽ روزمره جي استعمال وارين شين تي وڌو وڃي ته ان جو سڀ کان وڌيڪ اثر گهٽ آمدنيءَ وارن ماڻهن تي پوندو. هڪ پگهاردار ماڻهو، پورهيت، هاري يا ننڍو دڪاندار اڳ ئي محدود وسيلن ۾ گهر جو خرچ هلائڻ لاءِ پريشان آهي اهڙي صورتحال ۾ حڪومت کي آمدني وڌائڻ سان گڏ خرچن ۾ سادگي، غير ضروري سرڪاري خرچن جي خاتمي ۽ ٽيڪس چوريءَ کي روڪڻ تي به ڌيان ڏيڻو پوندو.

آءِ ايم ايف سان ڳالهين جو هڪ اهم پاسو سرڪاري آفيسرن جي اثاثن کي ظاهر ڪرڻ جو معاملو آهي حڪومت سول سرونٽس ايڪٽ ۾ نئين شق 15 اي شامل ڪري، گريڊ 17 کان 22 تائين جي سرڪاري آفيسرن لاءِ پنهنجا اثاثا ظاهر ڪرڻ جو قانوني بندوبست ڪيو آهي حڪومت طرفان اهو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته انهن آفيسرن جي اثاثن جا تفصيل نومبر ۾ ويب سائيٽن تي جاري ڪيا ويندا جيڪڏهن اهو قدم قانون موجب، مڪمل شفافيت ۽ بنا ڪنهن فرق جي لاڳو ٿئي ٿو ته سرڪاري عهدن تي ويٺل ماڻهن جي مالي معاملن جي نگرانيءَ ۾ مدد ملي سگهي ٿي سرڪاري ملازمن جي اثاثن کي ظاهر ڪرڻ جو مقصد ڪنهن کي بنا ثبوت ڏوهاري قرار ڏيڻ نه پر عوامي عهدن سان لاڳاپيل مالي ذميوارين کي واضح ڪرڻ هجڻ گهرجي سرڪاري عهدا عوام جي خدمت لاءِ هوندا آهن تنهن ڪري انهن عهدن تي مقرر ماڻهن جي آمدني ۽ اثاثن بابت قانوني گهرجن تي عملدرآمد ضروري آهي. ساڳئي وقت، ذاتي معلومات جي تحفظ، قانوني حقن ۽ مناسب جاچ جي اصولن کي به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي شفافيت تڏهن ئي اثرائتي ٿيندي، جڏهن اثاثن جا تفصيل رڳو ويب سائيٽن تي جاري ڪرڻ تائين محدود نه رهن پر انهن جي تصديق ۽ قانون جي ڀڃڪڙيءَ جي صورت ۾ ڪارروائيءَ جو به واضح نظام موجود هجي آءِ ايم ايف سان جاري ڳالهيون پاڪستان جي معاشي پاليسيءَ لاءِ اهم آهن پر قرض پروگرام جي ڪاميابيءَ جو حقيقي معيار رڳو قرض جي قسط ملڻ يا مالي هدف پورا ڪرڻ نه هجڻ گهرجي حڪومت کي اهڙو معاشي ماحول پيدا ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ روزگار جا موقعا وڌن، ڪاروبار کي هٿي ملي، مهانگائيءَ جو بار گهٽجي ۽ تعليم، صحت توڙي بنيادي سهولتن لاءِ وڌيڪ وسيلا موجود هجن معاشي استحڪام، شفافيت ۽ عوامي ڀلائي هڪ ٻئي کان الڳ ناهن حڪومت جيڪڏهن ٽيڪس وصولين ۾ واڌ، سرڪاري خرچن ۾ سادگي، اثاثن جي پڌرائي ۽ مالي احتساب جي قدمن کي سنجيدگيءَ سان اڳتي وڌائي ٿي ته انهن سان گڏ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ به ٺوس قدم کڻڻ گهرجن آخرڪار معيشت جي بهتريءَ جو مقصد رڳو سرڪاري خزاني کي ڀرڻ نه پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي آسان بڻائڻ آهي

ڪُتي جي چڪ (Rabies) کي معمولي نه سمجهو!

اعجاز علي تيوٽو

ريبيز هڪ خطرناڪ وائرل بيماري آهي جيڪا دماغ ۽ مرڪزي نروس سسٽم کي متاثر ڪري ٿي وائرس عام طور تي متاثر جانور جي لعاب ذريعي ڇڪَ، چڪ يا کليل زخم، اکين وات ۽ ٻين حرڪتن يا رابطي وسيلي انسان ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. ريبيز جي شروعاتي علامتن ۾ بخار، ڪمزوري، درد ۽ چڪ واري هنڌ تي غيرمعمولي سنسناٽ، سڙڻ يا ڇيڻ شامل ٿي سگهن ٿا. اڳتي هلي بيماري اعصابي نظام کي متاثر ڪري ٿي پاڻيءَ کان خوف، بيچيني، فالج، ڪوما ۽ آخرڪار موت جو سبب بڻجي سگهي ٿي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته جڏهن ريبيز جون واضح clinical علامتون ظاهر ٿي وڃن ٿيون ته بيماري تقريباً 100 سيڪڙو موتمار ثابت ٿيندي آهي پر علامتون ظاهر ٿيڻ کان اڳ مناسب Post-Exposure Prophylaxis (PEP) سان موت کي روڪي سگهجي ٿو جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪتو چڪ هڻي چڪ ڏئي يا اهڙي جانور جو لعاب کليل زخم تي لڳي ته وقت ضايع ڪرڻ ڪانسواءِ هيٺيان قدم کنيا وڃن: زخم فوري طور ڌوئڻ زخم کي صابڻ ۽ وهندڙ پاڻيءَ سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين چڱيءَ طرح ڌوئڻ گهرجي جيڪڏهن صابڻ موجود نه هجي ته گهڻي مقدار ۾ صاف وهندڙ پاڻيءَ سان زخم کي چڱيءَ طرح ڌوئڻ گهرجي گهريلو ٽوٽڪن کان پاسو ڪريو زخم تي مرچ، تيزاب، الڪلي، ٻوٽن جو رس يا ٻيون ساڙيندڙ شيون هرگز نه لڳايون وڃن ڇو ته اهي زخم کي وڌيڪ نقصان پهچائي سگهن ٿيون. اسپتال يا صحت مرڪز فوراً وڃو زخم ننڍو هجي، رت گهٽ نڪتو هجي يا ڪتو عام نظر اچي رهيو هجي تڏهن به طبي معائنو ضروري آهي صحت جي عالمي اداري (WHO) موجب دنيا ۾ هر سال اندازاً 59 هزار ماڻهو ريبيز سبب فوت ٿين ٿا، جڏهن ته انساني ريبيز جي لڳ ڀڳ 99 سيڪڙو ڪيسن ۾ ڪتا وائرس جي منتقليءَ جو ذريعو بڻجن ٿا. متاثر ٿيندڙن ۾ ٻارن جو حصو پڻ اهم آهي صحت جي عالمي اداري موجب ريبيز سبب ٿيندڙ وفات مان لڳ ڀڳ 40 سيڪڙو 15 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن ۾ ٿين ٿا. ڪُتي جي چڪ کي معمولي سمجهڻ بدران هر واقعي کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ ۽ فوري تي طبي امداد حاصل ڪرڻ ضروري آهي ٻار ڪُتن جي چڪ جو خاص طور تي اهم خطري وارو گروهه آهن والدين کي گهرجي ته ٻارن کي آوارا ڪُتن کان پري رکن ٻارن کي اڻڄاتل ڪُتن کي هٿ لائڻ يا تنگ ڪرڻ کان روڪين ڪتي کي کاڌو کارائڻ وقت ٻارن کي اڪيلو نه ڇڏين جيڪڏهن ٻار کي چڪ يا خارش ٿئي ته واقعي کي لڪائڻ بدران فوراً والدين يا استاد کي ٻڌائڻ جي تربيت ڏين. ڪنهن به چڪ کان پوءِ فوري طور زخم ڌوئي طبي مرڪز پهچائين صحت جي عالمي اداري موجب ٻار ڪُتن جي چڪ سان خاص طور تي متاثر ٿين ٿا ۽ مٿي ۽ ڳچيءَ تي چڪ لڳڻ جي صورت ۾ ٻارن ۾ شديد نقصان جو خطرو وڌيڪ ٿي سگهي ٿو

سنڌ ۾ ڪُتي جي چڪ ۽ ريبيز جي وڌندڙ خطري کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت پاران صحت، بلدياتي ادارن، ريسڪيو سروسز، مقامي انتظاميا ۽ عوامي آگاهيءَ کي گڏ ڪري هڪ جامع حڪمتِ عملي اختيار ڪئي وئي آهي ان جو مقصد هڪ طرف ڪتي جي چڪ جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن کي بروقت ۽ معياري علاج فراهم ڪرڻ، جڏهن ته ٻئي طرف آوارا ڪُتن جي آباديءَ کي انساني سائنسي ۽ پائيدار طريقي سان ڪنٽرول ڪرڻ آهي سنڌ حڪومت جي هلندڙ سال جي 26 مئي تي ڊٽل بريفنگ موجب صوبي ۾ 2025ع دوران 2 لک 85 هزار کان وڌيڪ ڪُتن جي چڪ جا ڪيس رپورٽ ٿيا ۽ وڏين اسپتالن ۾ 22 کان وڌيڪ ريبيز سان لاڳاپيل فوتگيون رڪارڊ ڪيون ويون. 2026ع جي اپريل تائين وڌيڪ 85 هزار 8 سئو 91 ڪيس رپورٽ ٿيا. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي صوبي ۾ ريبيز جي روڪٿام لاءِ مهم ۽ علاج جون سهولتون وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو سنڌ حڪومت پاران سنڌ ريبيز ڪنٽرول پروگرام 2022ع ۾ شروع ڪيو ويو، جنهن جو بنيادي مقصد آوارا ڪُتن جي آباديءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ، ڪُتن کي ريبيز کان بچاءَ جون ويڪسينيشن ڏيڻ neutering/spaying ذريعي انهن جي افزائش کي گهٽائڻ ۽ انساني آباديءَ کي ريبيز جي خطري کان محفوظ بڻائڻ آهي 2026ع ۾ حڪومت ٻڌايو ته پروگرام تحت 20 ضلعن ۾ ڪُتن جي ويڪسينيشن ۽ آبادي ڪنٽرول جون سرگرميون جاري آهن پروگرام تحت مئي 2026ع تائين 25 هزار 5 سئو کان وڌيڪ ڪُتن کي spay ڪيو ويو، جڏهن ته 36 هزار 9 سئو کان وڌيڪ ڪُتن کي ريبيز جي ويڪسين ڏني وئي ڪراچي، مٽياري، دادو، ٽنڊو الهيار ۽ ٻين ضلعن ۾ ريبيز ڪنٽرول پروگرام جا مرڪز ڪم ڪري رهيا آهن سنڌ حڪومت پاران ڪُتي جي چڪ جو شڪار ٿيندڙ ماڻهن کي فوري طبي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ريبيز کان بچاءَ علاج معالجي لاءِ 278 يونٽ WHO-standard Rabies Prevention/Anti-Rabies Units قائم ڪيا ويا آهن انهن يونٽن جو مقصد ڪُتي جي چڪ کان پوءِ متاثر ماڻهن کي بروقت Post-Exposure Prophylaxis (PEP)، اينٽي ريبيز ويڪسين ۽ ضروري طبي مدد فراهم ڪرڻ آهي انهن مان 112 ريفرل سينٽرن کي شديد نوعيت جي ڪيسن لاءِ فعال ڪيو ويو آهي انهن مرڪزن ۾ 24 ڪلاڪ صحت عملي جي موجودگي ۽ ضرورت مطابق Rabies Immunoglobulin (RIG) فراهم ڪرڻ جو انتظام رکيو ويو آهي هيل تائين هلندڙ سال ۾ سنڌ حڪومت پاران ريبيز سان لاڳاپيل فوتگين کان پوءِ علاج جي نظام ۾ موجود خامين جو ڪيس وار جائزو پڻ شروع ڪيو ويو رپورٽ موجب آگسٽ تائين 38 ريبيز سان لاڳاپيل فوتگيون سرڪاري طور سامهون آيون هيون هر فوتگيءَ جو ڪيس فائيل ARV ۽ RIG جي استعمال ۽ طبي طريقيڪار جو جائزو وٺڻ لاءِ مانيٽرنگ جو عمل مضبوط ڪيو ويو ان جو مقصد اهو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ڪيس ۾ زخم جي مناسب صفائي، ويڪسين، RIG يا follow-up ۾ ڪا ڪوتاهي رهي هجي ته ان جي نشاندهي ڪري مستقبل ۾ اهڙين خامين کي روڪيو وڃي ريبيز جي روڪٿام صرف حڪومت جي ذميواري ناهي عوام کي پڻ ذميواري سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو والدين کي گهرجي ته ٻارن کي آوارا يا اڻڄاتل ڪُتن کان پري رکن ڪُتن کي ڇيڙڻ، تنگ ڪرڻ يا انهن جي ويجهو وڃي راند ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪُتو چڪ هڻي يا خارش ٿئي ته زخم کي فوري طور صابڻ ۽ وهندڙ پاڻيءَ سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين ڌوئڻ ضروري آهي علاج ۾ دير نه ڪئي وڃي ۽ ڊاڪٽر جي هدايت مطابق ڪورس مڪمل ڪيو وڃي طبي عملي جي تربيت ۽ عوامي آگاهي مهم سميت مختلف قدم کنيا پيا وڃن ڪُتي جي چڪ کي معمولي نه سمجهو بروقت زخم ڌوئڻ، فوري طبي معائنو ۽ مناسب اينٽي ريبيز علاج زندگي بچائي سگهي ٿو

ڪينجهر جي نوري، منڇر جون لهرون

محمد خان ابڙو

سنڌ جي تاريخ رڳو قلعن، بادشاهن، جنگين ۽ سياسي تحريڪن جي تاريخ ناهي، پر اها پاڻيءَ جي به تاريخ آهي. سنڌو درياهه جي وهڪري هن ڌرتيءَ کي جيئڻ جو سهارو ڏنو درياهه جي ڪنارن تي شهر ۽ ڳوٺ آباد ٿيا، زمينون سرسبز ٿيون، تهذيب وڌي ۽ ڍنڍن مان ڪيترن ئي نسلن کي روزگار ۽ کاڌو مليو. ان ڪري هڪ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ پاڻي رڳو هڪ قدرتي وسيلو ناهي پر پنهنجي ڌرتي، سڃاڻپ، معيشت ۽ ايندڙ نسلن جي زندگيءَ جو سوال آهي. اڄ جڏهن اسان ڪينجهر، منڇر ۽ ڪراچيءَ کي ڏسون ٿا ته اِهي ٽي الڳ نالا لڳن ٿا، پر حقيقت ۾ اِهي سنڌ جي هڪ ئي مسئلي جا ٽي مختلف روپ آهن. ڪينجهر رڳو ٺٽي جي هڪ ڍنڍ ناهي. اها نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي محبت جي ڪهاڻيءَ سان جڙيل آهي، سنڌ جي لوڪ ڏاهپ ۽ ثقافت جي علامت آهي ۽ ڪراچيءَ جي ماڻهن جي پياس اجهائڻ لاءِ پاڻيءَ جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جنهن نوريءَ کي عزت، سادگي ۽ عاجزيءَ جي علامت بڻايو، اڄ اُن ئي نوريءَ سان لاڳاپيل ڪينجهر ڍنڍ اسان کان پنهنجي حفاظت ڪرڻ جو سوال ڪري رهي آهي. اسان ڪينجهر مان پاڻي وٺندا رهيا آهيون، پر ڇا اسان ڪڏهن سنجيدگيءَ سان اِهو سوچيو آهي ته ڪينجهر کي زنده ۽ محفوظ رکڻ لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟

هيءُ سوال ڪنهن به شهر جي خلاف ناهي. ڪراچي سنڌ جي گاديءَ جو شهر آهي، هن ڌرتيءَ جو سڀ کان وڏو شهر آهي ۽ لکين پورهيت خاندانن جو گهر آهي. ڪراچيءَ جو هر ماڻهو، ڀلي اهو ڪهڙي به ٻولي ڳالهائيندو هجي، صاف پاڻي حاصل ڪرڻ جو حق رکي ٿو. پر ڪراچيءَ کي پاڻي ڏيڻ جو اِهو مطلب به نه هجڻ گهرجي ته ڪينجهر ڍنڍ جي قدرتي حالت، ٺٽي جي ماڻهن يا مقامي مهاڻن کي نظرانداز ڪري ڇڏجي. اسان کي اصل ۾ اهڙو انصاف وارو نظام ناهڻ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ڪراچيءَ جا ماڻهو به پاڻيءَ لاءِ پريشان نه ٿين ۽ ڪينجهر به سُڪي يا تباهه نه ٿئي ۽ پوءِ منڇر ڍنڍ به آهي. هڪ وقت هو جڏهن منڇر سنڌ جي وڏين ۽ اهم ڍنڍن ۾ شمار ٿيندي هئي، پر اڄ اها اسان جي گڏيل بي ڌياني ۽ لاپرواهيءَ جي شاهدي ڏئي رهي آهي. منڇر جي پاڻيءَ تي ڪيترن ئي نسلن کان مهاڻن جون بستيون آباد هيون. ٻيڙي ئي انهن جو گهر هئي، ڍنڍ ئي انهن جي زمين هئي ۽ مڇي ئي انهن جي روزي هئي. مطلب ته منڇر انهن لاءِ رڳو پاڻيءَ جو ذريعو نه هئي، پر سندن مڪمل زندگي، ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو حصو هئي. جڏهن منڇر جو پاڻي گندو ۽ آلوده ٿيڻ لڳو، مڇي گهٽجي وئي ۽ ڍنڍ جو قدرتي ماحول ۽ توازن خراب ٿي ويو، ته رڳو ماحول کي نقصان نه پهتو، پر ماڻهن جون زندگيون ۽ روزگار به برباد ٿيڻ لڳا.

جيڪڏهن اسان سنڌي پنهنجي ثقافت تي فخر ڪريون ٿا ته اسان کي پاڻ کان اِهو سوال ضرور پڇڻ گهرجي ته آخر ثقافت ڇا آهي؟ ڇا رڳو اجرڪ پائڻ، سنڌي ٽوپيءَ جو ڏينهن ملهائڻ ۽ شاهه لطيف جا بيت پڙهڻ ئي سنڌ سان محبت جو مڪمل اظهار آهي؟ جيڪڏهن منڇر جو مهاڻو پنهنجي اباڻي ڍنڍ ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃي، ڪينجهر جو پاڻي خطري ۾ پئجي وڃي ۽ سنڌ جو هاري پاڻيءَ لاءِ آسمان ڏانهن نهاريندو رهي ته پوءِ اسان جي ثقافت سان محبت اڌوري آهي. منهنجي نظر ۾ سنڌي قومپرستيءَ جو اصل مطلب ڪنهن ٻي قوم، ٻولي يا انسان سان نفرت ڪرڻ ناهي. اُن جو اصل مقصد پنهنجي ڌرتيءَ جي وسيلن، تاريخي سڃاڻپ ۽ پنهنجي ماڻهن جي جائز حقن جي حفاظت ڪرڻ هجڻ گهرجي. سنڌ سان محبت جو مطلب اهو آهي ته ڪراچيءَ جي ٻار کي صاف پاڻي ملي، ٺٽي جي مهاڻي جو روزگار محفوظ رهي، منڇر جي ڪناري رهندڙ خاندان کي پنهنجي زمين ۽ گهر ڇڏڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي ۽ سنڌو درياهه جو پاڻي سمنڊ تائين پهچي، جيئن سنڌ جو ڊيلٽا زنده رهي سگهي.

ڪراچيءَ جي موجوده پاڻيءَ جي صورتحال به هڪ ڳنڀير سوال آهي سمنڊ جي ڪناري آباد هيءُ وڏو شهر اڄ پاڻيءَ جي مسئلي کي هڪ بنيادي شهري مسئلي طور منهن ڏئي رهيو آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ ماڻهو پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور آهن. ڪٿي ماڻهو ٽينڪر جو انتظار ڪن ٿا، ڪٿي پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽ هجڻ جي شڪايت آهي ۽ ڪٿي پاڻيءَ جي معيار بابت سوال اٿن ٿا. اها صورتحال رڳو ڪراچيءَ جي ماڻهن لاءِ پريشانيءَ جي ڳالهه ناهي، پر سڄي سنڌ جي انتظامي نظام لاءِ به هڪ امتحان آهي. جنهن صوبي وٽ سنڌو درياهه، ڪينجهر، منڇر ۽ وڏي ساموندي پٽي جهڙو قدرتي خزانو موجود هجي، اتي گاديءَ جي شهر جي ماڻهن جو صاف پاڻيءَ لاءِ پريشان ٿيڻ اسان سڀني لاءِ سوچڻ جي ڳالهه هجڻ گهرجي. پاڻيءَ جي مسئلي کي رڳو نيون پاڻيءَ جون لائينون وڇائڻ ۽ نوان منصوبا ناهڻ تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. اسان کي اِهو به ڏسڻو پوندو ته پاڻي ڪٿي ضايع ٿي رهيو آهي، ڪٿي گندو ٿي رهيو آهي، ڪٿي غيرقانوني طريقي سان استعمال ٿي رهيو آهي ۽ ڪهڙي هنڌ انتظامي ڪمزوري سبب عام ماڻهوءَ جو پاڻيءَ وارو حق متاثر ٿي رهيو آهي. ڪينجهر کان ڪراچيءَ تائين پاڻيءَ جي مقدار ۽ معيار تي جديد ڊجيٽل نظام ذريعي مسلسل نظر رکڻ گهرجي. ان نگرانيءَ جا نتيجا به عوام آڏو آڻڻ گهرجن، جيئن ماڻهن جو پاڻيءَ جي نظام تي اعتماد قائم رهي.

منڇر لاءِ به رڳو عارضي يا ٿوري وقت وارا قدم ڪافي نه آهن. ڍنڍ ۾ ايندڙ گندي پاڻيءَ جي مسلسل نگراني ٿيڻ گهرجي. پاڻي نيڪال ڪرڻ وارو نظام بهتر ڪيو وڃي، ڍنڍ جو قدرتي پاڻيءَ وارو وهڪرو بحال ڪيو وڃي، مهاڻن جي روزگار کي محفوظ رکيو وڃي ۽ پاڻيءَ جي سائنسي طريقي سان باقاعده جاچ ڪئي وڃي. اهي سڀ ڪم حڪومت جي مستقل ذميواري هجڻ گهرجن. سڀ کان اهم ڳالهه اِها آهي ته منڇر بابت فيصلا رڳو آفيسن ۾ ويهي نه ڪيا وڃن. انهن ماڻهن کي به فيصلا ڪرڻ واري ميز تي جاءِ ملڻ گهرجي، جن جون ڪيترين ئي نسلون منڇر سان گڏ پيدا ٿيون، اتي وڏيون ٿيون ۽ اتي ئي پوڙهيون ٿيون. اسان کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته سنڌ جو پاڻيءَ وارو مسئلو الڳ الڳ حصن ۾ حل نٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن سنڌو درياهه ڪمزور ٿيندو ته ڪينجهر متاثر ٿيندي، جيڪڏهن ڍنڍون متاثر ٿينديون ته مقامي ماڻهن جو روزگار ۽ معيشت ڪمزور ٿيندي. جيڪڏهن ڊيلٽا کي پاڻي نه ملندو ته سمنڊ اڳتي وڌي زمين کي نقصان پهچائيندو ۽ جيڪڏهن ڪراچيءَ جو پاڻيءَ وارو نظام بهتر نه ٿيو ته وڌندڙ آباديءَ سبب موجوده وسيلن تي وڌيڪ بار پوندو. يعني هي سڀ مسئلا هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن. هڪ مسئلو ٻئي مسئلي تي اثر وجهي ٿو.

سنڌ هميشه پنهنجا دروازا کليل رکيا آهن. هن ڌرتيءَ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن کي پنهنجن شهرن ۾ رهڻ، روزگار حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ ناهڻ جو موقعو ڏنو آهي. اڄ انهيءَ سنڌ کي پنهنجي پاڻيءَ جي مسئلي لاءِ سمجهه، مضبوط ارادي ۽ انصاف واري سوچ سان آواز اٿارڻ جي ضرورت آهي. ڪينجهر کي رڳو پاڻيءَ جو ذخيرو سمجهڻ جي غلطي نه ڪريون. منڇر کي رڳو هڪ ڍنڍ ۽ ڪراچيءَ کي رڳو هڪ شهر نه سمجهون. ڪينجهر اسان جي يادگيري آهي، منڇر اسان جي تهذيب آهي ۽ ڪراچي سنڌ جو ڌڙڪندڙ دل آهي. جيڪڏهن اسان جون ڍنڍون ختم ٿي ويون ۽ پاڻي گندو ٿي ويو، ته نقشي تي سنڌ ضرور موجود رهندي، پر اِها ساڳي سنڌ نه رهندي جيڪا اسان کي پنهنجن وڏن کان ورثي ۾ ملي هئي. ايندڙ نسل اسان کان رڳو اِهو سوال پڇندو ته جڏهن سنڌ جون ڍنڍون مدد لاءِ سڏي رهيون هيون، تڏهن اسان ڪٿي هئاسين؟

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ ۾ صنعتن جي تباهي ۽ بيروزگاري جو وڌندڙ بحران

سنڌ قدرتي وسيلن، زرعي پيداوار، ساموندي پٽي، بندرگاهن ۽ انساني وسيلن جي لحاظ کان پاڪستان جي اهم صوبن مان هڪ آهي پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته انهن وسيلن باوجود سنڌ ۾ صنعتي سرگرميون گهربل رفتار سان اڳتي وڌڻ بدران ڪيترن ئي شعبن ۾ زوال جو شڪار آهن صنعتن جي ڪمزور ٿيندڙ حالت جو سنئون اثر روزگار، ڪاروبار ۽ عام ماڻهوءَ جي معاشي زندگيءَ تي پئجي رهيو آهي ڪنهن به سماج جي معاشي ترقيءَ لاءِ اتي موجود صنعتون ريڙهه جي هڏيءَ جي حيثيت رکن ٿيون ڇو ته جڏهن صنعتون هلن ٿيون ته مزدورن کي روزگار ملي ٿو ننڍا ڪاروبار وڌن ٿا، ٽرانسپورٽ ۽ واپار ۾ سرگرمي پيدا ٿئي ٿي ۽ حڪومت کي ٽيڪس جي صورت ۾ آمدني حاصل ٿئي ٿي پر جڏهن ڪارخانا بند ٿين ٿا يا پنهنجي گنجائش کان گهٽ پيداوار ڪن ٿا ته ان جو اثر رڳو انهن سيٺين تي نه پوي ٿو سنڌ جي ڪيترن ئي صنعتي علائقن ۾ بجلي ۽ گئس جي فراهمي، توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن، ٽيڪسن، خام مال جي مهانگائي، انتظامي پيچيدگين ۽ ڪاروباري ماحول بابت شڪايتون سامهون اينديون رهيون آهن صنعتڪار جڏهن وڌندڙ خرچن کي منهن ڏين ٿا ته پيداوار جي لاڳت وڌي وڃي ٿي، جنهن سان مقامي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ مقابلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو نتيجي ۾ ڪجهه صنعتون پنهنجي پيداوار گهٽائڻ، مزدورن جو انگ گهٽ ڪرڻ يا ڪاروبار بند ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿيون صورتحال جو سڀ کان خطرناڪ پاسو بيروزگاري آهي هڪ نوجوان جڏهن تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ روزگار جي ڳولا ۾ نڪري ٿو ۽ ڪيس مناسب موقعو نٿو ملي ته مايوسي پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي روزگار جا محدود موقعا ته رڳو نوجوانن جي معاشي مستقبل کي متاثر ڪن ٿا پر انهن جي خاندانن تي به اضافي بار وجهن ٿا. سنڌ جي شهرن سان گڏوگڏ ٻهراڙين ۾ به روزگار جا موقعا محدود هجڻ سبب ڪيترائي ماڻهو وڏن شهرن ڏانهن لڏپلاڻ ڪن ٿا. بيروزگاريءَ جو مسئلو رڳو نوڪريون پيدا ڪرڻ سان حل نه ٿيندو پر ان لاءِ صنعت، زراعت، فني تعليم ۽ ننڍي ڪاروبار کي هڪ ئي معاشي حڪمت عمليءَ جو حصو بڻائڻو پوندو سنڌ ۾ اهڙين صنعتن وڌائڻ جي ضرورت آهي جيڪي مقامي خام مال استعمال ڪن ۽ وڏي تعداد ۾ روزگار پيدا ڪن ڪپهه، چمڙو، خوراڪ، مڇي، زرعي پيداوار جي پراسيسنگ ۽ ٻين شعبن ۾ وڏي صلاحيت موجود آهي پر ان صلاحيت کي جديد ٽيڪنالاجي، بهتر انفراسٽرڪچر ۽ مناسب پاليسين جي ضرورت آهي ساڳئي وقت صنعتڪارن جي به ذميواري آهي ته اهي مزدورن جي حقن، پگهار، ڪم جي محفوظ ماحول ۽ قانوني گهرجن کي نظرانداز نه ڪن. پائيدار صنعتي ترقي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن حڪومت، صنعتڪار ۽ مزدور ٽنهي جا مفاد هڪ متوازن نظام ۾ محفوظ هجن جيڪڏهن صنعتي زوال ۽ بيروزگاريءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن ته سنڌ جي معاشي منظرنامي کي تبديل ڪري سگهجي ٿو پر جيڪڏهن مسئلي کي صرف انگ اکرن تائين محدود رکيو ويو ته بيروزگاريءَ جو بحران ايندڙ وقت ۾ وڌيڪ پيچيده صورت اختيار ڪري سگهي ٿو **(محمد اسماعيل لانگاهه)**

آڪٽوبر: موسم تبديل ٿيندي يا سياسي منظرنامو؟

محمد فاروق راجپوت

سيپٽمبر جون آخري شامون هميشه پنهنجي اندر هڪ عجيب ڪيفيت کڻي اينديون آهن موسم رُخ بدلائڻ لڳندي آهي گرميءَ جي شدت ۾ گهٽتائي ايندي آهي، راتيون ڪجهه ڍڪيون ۽ صبح وري ڪجهه ٿڌا محسوس ٿيڻ لڳندا آهن پر هن ڀيري پاڪستان ۾ شايد موسم کان وڌيڪ سياست جي بدلجندڙ موسم ڌيان جو مرڪز بڻجڻ واري آهي آڪٽوبر اڃا آيو ناهي پر ان جا سياسي قدم ايوانن، سياسي پارٽين جي اجلاسن، پردي پويان ٿيندڙ رابطن ۽ مخالف ڌر جي سرگرمين ۾ ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي آهي ائين محسوس ٿئي ٿو ته سيءَ جي شروعاتي لهر کان اڳ سياسي گرمي پد وڌڻ جو امڪان آهي پاڪستان جي سياست ۾ آڪٽوبر ڪو غيرمعمولي مهينو ناهي پر موجوده حلقن ۾ ايندڙ آڪٽوبر ان ڪري اهم نظر اچي رهيو آهي ته هڪڙي پاسي پارلياماني سطح تي آئيني معاملن تي بحث ٿيڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن ته ٻئي طرف مخالف ڌر پارٽيون هڪ ٻئي سان رابطا وڌائي رهيون آهن جڏهن ته پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي ايندڙ سياسي قدم لاءِ حلقن جو غور سان جائزو وٺي رهي آهي سياست ۾ ڪڏهن ڪڏهن اصل ڪهاڻي ايوان ۾ ٿيندڙ تقريرن کان وڌيڪ انهن ملاقاتن ۾ لڪيل ٿي جيڪي ڪئميرا جي اک کان پري ٿينديون آهن اهو ئي سبب آهي ته آڪٽوبر جي امڪاني سياسي منظرنامي کي رڳو حڪومت ۽ مخالف ڌر جي ڇڪتاڻ طور ڏسڻ شايد ڪافي نه هوندو ان ۾ آئيني سڌارا، وفاق ۽ صوبن جا لاڳاپا، مڪاني حڪومتن جو نظام، چونڊ سڌارا، سياسي اتحاد ۽ سڀ کان وڌيڪ پارلياماني انگن اکرن جي سياست هڪ ٻئي سان ڳنڍيل نظر اچي سگهي ٿي

اسلام آباد جي سياسي حلقن ۾ 28هين آئيني ترميم بابت ڳالهين جو ذڪر ٿي رهيو آهي، اطلاعن موجب امڪاني مسودي ۾ قومي ماليتي ڪميشن، يعني اين ايف سي ايوارڊ، مڪاني حڪومتن جا اختيار، آئين جي آرٽيڪل 140- اي تي عملدرآمد، اليڪشن ڪميشن بابت سڌارا، نون صوبن يا انتظامي يونٽن ۽ چونڊ سڌارن جهڙا معاملا غور هيٺ اچي سگهن ٿا. بهرحال هتي هڪ بنيادي فرق سمجهڻ ضروري آهي، ڪنهن آئيني ترميم بابت سياسي حلقن ۾ مشاورت يا پردي پويان رابطا ٿيڻ هڪ اهم ڳالهه آهي ۽ پارليامينٽ ۾ باضابطا مسودو پيش ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. سينيٽ جي سرڪاري فهرست ۾ هن وقت 27هين آئيني ترميم تائين جو رڪارڊ موجود آهي، تنهنڪري 28هين ترميم بابت گردش ڪندڙ نقطن کي حتمي آئيني تبديلي قرار ڏيڻ وقت کان اڳ هوندو. پر جيڪڏهن واقعي آئيني سڌارن تي مشاورت جاري آهي ته ان جا ڪجهه نقطا معمولي نوعيت جا ناهن خاص طور تي اين ايف سي ايوارڊ ۽ آرٽيڪل 140-اي اهڙا معاملا آهن، جن جو سڌو تعلق وفاق، صوبن ۽ مڪاني حڪومتن وچ ۾ اختيارن ۽ وسيلن جي ورهاست سان آهي. پاڪستان ۾ 18هين ترميم کان پوءِ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال سياسي ۽ آئيني بحث جو مستقل حصو بڻجي چڪو آهي. سينيٽ جي پنهنجي دستاويزن ۾ به 7هين اين ايف سي ايوارڊ کي 18هين ترميم سان گڏ مالي اختيارن جي ورڇ جي اهم حصي طور بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مستقبل ۾ اين ايف سي، مڪاني حڪومتن جي اختيارن يا آرٽيڪل 140-اي بابت ڪا آئيني تبديلي سامهون اچي ٿي ته ان جو اثر رڳو اسلام آباد جي سياسي ماحول تائين محدود نه رهندو پر چئني ئي صوبن، خاص طور تي وڏن شهرن جي انتظامي ۽ مالي ڍانچي تي به پئجي سگهي ٿو. پاڪستان جي سياست ۾ دلچسپ صورتحال اها آهي ته هر دور ۾ اختيار هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي ويندي آهي پر جڏهن عملي اختيار، وسيلا ۽ مالي حصو منتقل ڪرڻ جو مرحلو اچي ٿو ته معاملو پيچيده ٿي وڃي ٿو. آرٽيڪل 140- اي مڪاني حڪومتن جي قيام ۽ انهن کي سياسي، انتظامي ۽ مالي ذميوارين سان بااختيار بڻائڻ بابت آهي. هن شق تي بحث نئون ناهي، سينيٽ ۾ به آرٽيڪل 140-اي ۾ ترميم بابت نجي ميمبر جو بل اڳ ۾ غور هيٺ اچي چڪو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته مڪاني اختيارن جو معاملو پارلياماني سطح تي اڳ ئي بحث هيٺ رهيو آهي. جيڪڏهن 28هين ترميم جي امڪاني پيڪيج ۾ واقعي به مڪاني حڪومتن کي مضبوط بڻائڻ جي ڪا تجويز شامل ٿئي ٿي ته اصل سوال اهو هوندو ته اختيار رڳو ڪاغذن تي منتقل ٿين ٿا يا وسيلا ۽ فيصلا ڪرڻ جو اختيار به هيٺين سطح تائين پهچي ٿو. پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ پاڻي، صفائي، ٽرانسپورٽ، قبضا، انفراسٽرڪچر ۽ شهري منصوبابندي جهڙا مسئلا به انهيءَ سوال سان ڳنڍيل آهن.

4 آڪٽوبر جو ڏينهن به سياسي ڪئلينڊر ۾ اهميت اختيار ڪري چڪو آهي مخالف ڌر حلقن طرفان احتجاج ۽ سياسي سرگرمين لاءِ مختلف پارٽين سان رابطن جا اطلاع آهن. پيپلز پارٽيءَ سان به رابطن جي ڳالهه سامهون اچي رهي آهي هتي اصل سوال اهو ناهي ته ڪير ڪنهن احتجاج ۾ شامل ٿئي ٿو؟ پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا مختلف سياسي پارٽيون پنهنجي پنهنجي مطالبن کي هڪ گڏيل سياسي ايجنڊا ۾ تبديل ڪري سگهن ٿيون يا نه. جيڪڏهن مخالف ڌر جون پارٽيون مختلف رُخن ۾ پنهنجي پنهنجي سياست ڪنديون رهن ٿيون ته حڪومت تي دٻاءُ محدود ٿي سگهي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اهي ڪجهه واضح نقطن تي گڏيل موقف اختيار ڪن ٿيون ته پارليامينٽ اندر ۽ ٻاهر سياسي دٻاءُ جي نوعيت مختلف ٿي سگهي ٿي پر احتجاجي سياست سان گڏ هڪ ٻي حقيقت به جڙيل آهي روڊ جي سياست ۽ پارلياماني سياست هڪ ٻئي جو متبادل ناهن پارليامينٽ ۾ قانونسازيءَ لاءِ انگ اکر گهربل هوندا آهن جڏهن ته روڊن تي سياسي طاقت ڏيکارڻ لاءِ ڪارڪنن، تنظيم ۽ عوامي حمايت جي ضرورت هوندي آهي هڪ پارٽيءَ وٽ انهن مان هڪڙي طاقت ٿي سگهي ٿي ته ٻي پارٽيءَ وٽ ٻي.

حڪومت لاءِ ايندڙ ڏينهن جو چئلينج رڳو مخالف ڌر جو احتجاج نه هوندو. جيڪڏهن آئيني ترميمن جو ڪو مسودو سامهون اچي ٿو ته ان لاءِ پارليامينٽ ۾ وسيع سياسي مشاورت به ضروري هوندي. آئيني ترميم عام قانونسازيءَ کان مختلف هوندي آهي. ان لاءِ سياسي اتفاقِ راءِ ۽ پارلياماني انگ اکر ٻئي اهم هوندا آهن. اهو ئي مقام آهي، جتي اتحادي پارٽين جي اهميت وڌي وڃي ٿي ۽ هر سياسي جماعت جي پارلياماني طاقت ڳالهين جي ميز تي اهميت اختيار ڪري ٿي. جيڪڏهن واقعي به 28هين آئيني ترميم غور هيٺ آهي ته حڪومت کي واضح ڪرڻو پوندو ته ان جا مقصد ڪهڙا آهن؟ ڪهڙين آئيني شقن ۾ تبديلي گهربل آهي؟ صوبن جو موقف ڪهڙو آهي؟ مخالف ڌر کي ان عمل ۾ ڪيتري حد تائين شامل ڪيو ويندو؟ ٻئي طرف مخالف ڌر لاءِ به ضروري هوندو ته رڳو مخالفت ڪرڻ بدران هر تجويز ڪيل شق تي پنهنجو متبادل موقف عوام جي سامهون رکي. پاڪستان ۾ سياسي افواهه اڪثر اصل فيصلن کان اڳ ماحول ناهيندڙ آهن. ڪڏهن هڪ ملاقات کي وڏي تبديليءَ جو اشارو سمجهيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن هڪ بيان کي سياسي اتحاد جو بنياد قرار ڏنو ويندو آهي. صحافت جو ڪم انهن قياس آرائين کي خبر بڻائڻ نه پر انهن وچ ۾ موجود حقيقت کي الڳ ڪرڻ آهي. جيڪڏهن آڪٽوبر ۾ سينيٽ جو اجلاس ٿئي ٿو ۽ آئيني سڌارن جو ڪو باضابطا مسودو سامهون اچي ٿو ته ان ڪانپوءِ اصل بحث شروع ٿيندو. ان وقت تائين 28هين آئيني ترميم بابت گردش ڪندڙ اطلاعن کي امڪان ۽ سياسي مشاورت جي دائري ۾ رکڻ ئي محتاط عمل هوندو. پر پاڪستان جي سياست ۾ آخري فيصلو هميشه اڳڪٿيون نه پر پارلياماني عمل، سياسي ڳالهيون ۽ سامهون ايندڙ فيصلا هوندا آهن. اهو ئي اهو مرحلو هوندو جتي آڪٽوبر جي سياسي گرميءَ کي حقيقي رُخ ملندو.

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 30 سيپٽمبر

حاجي پيرو محمد سائل هالائي

هيءُ بزرگ بلند پائي جو شاعر، اديب ۽ قومي خدمتگار هو سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل ڪتاب "ڪليات سائل هالائي" ۾ هن جي ولادت جي تاريخ 30 سيپٽمبر 1884ع لکيل آهي، جڏهن ته سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 19 فيبروري 1884ع لکيل آهي هن پنهنجي جنم واري شهر هالا جي عالمن کان قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪئي هو ٻارن کي قرآن شريف پڙهائيندو هو ۽ سلائي مشينن جي مرمت ڪري پنهنجو گذرسفر ڪندو هو هن مولانا عبيدالله سنڌيءَ واري ريشمي رومال تحريڪ ۾ حصو ورتو، ان ڪري ڪيس سکر جيل ۾ قيد جون سختيون برداشت ڪرڻيون پيون هو هڪ قادرلڪلام شاعر هو سندس شاعري گهڻو ڪري ديني ۽ اصلاحي آهي هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "ڪليات سائل"، "سفرنامه حج" ۽ "ڪليات سائل هالائي" شامل آهن هن بزرگ شاعر 19 آڪٽوبر 1959ع تي وفات ڪئي

مير هزار خان کوسو

اڄ پاڪستان جي مشهور قانوندان مير هزار خان کوسي جي جنم جو ڏينهن آهي هو بلوچستان صوبي جي جعفرآباد ضلعي جي ڳوٺ اعظم خان ۾ 30 سيپٽمبر 1929ع تي پيدا ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي هن 1957ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي 1966ع کان 1976ع تائين جيڪب آباد ضلعي جي پبلڪ پراسيڪيوٽر طور ڪم ڪيائين ڪجهه عرصو لا ڪاليج ڪوئيٽا ۾ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنائين 1977ع ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو 1989ع ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مقرر ٿيو 25 جون 1990ع کان 12 جولاءِ 1990ع تائين ۽ 13 مارچ 1991ع کان 13 جولاءِ 1991ع تائين گورنر بلوچستان جو عهدو سنڀاليائين هن فيڊرل شريعت ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ بلوچستان صوبي جي زڪوات ڪائونسل جي چيئرمين طور به ذميداريون سنڀاليون 1986ع کان 2001ع تائين فيڊرل سروس ڪميشن جو ميمبر پڻ رهيو هن 25 مارچ 2013ع کان 5 جون 2013ع تائين پاڪستان جي نگران وزيراعظم طور به خدمتون سرانجام ڏنيون هن پاڪستان جي نگران پرڏيهي معاملن ۽ دفاع واري وزير طور پڻ ڪم ڪيو مير هزار خان کوسي 26 جون 2021ع تي وفات ڪئي

لال بخش جماري

اڄ لاڙ جي مشهور شاعر ۽ استاد لال بخش جماريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 30 سيپٽمبر 1932ع تي ٺٽي ضلعي جي مشهور شهر جهرڪ ويجهو ڳوٺ الهبچايو جماريءَ ۾ ٿيو هن جهرڪ ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪئي ۽ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو هو 1978ع ۾ انهيءَ نوڪريءَ تان رٽائر ٿيو هو هوميوپيٿڪ علاج جو به ماهر ۽ هڪ بهترين خطاط پڻ هو ذاتي زندگيءَ ۾ انتهائي پرهيزگار ۽ نيڪ نمازي هو شاعريءَ ۾ پهريائين آصف تخلص اختيار ڪيائين پر پوءِ لاڙ جهرڪائيءَ جي نالي سان شاعري ڪيائين ۽ انهيءَ تخلص سان ڪافي مشهوري ماڻيائين هن جا لکيل ٻه ڪتاب "رنيءَ جي رهاڻ" ۽ "موتي ماڳ نه آيا" ڇپجي چڪا آهن جڏهن ته ڪجهه ڪتاب اڃا ڇپجي نه سگهيا آهن سندس اڻڇپيل ڪتابن ۾ "قلسيءَ کان اڳ"، "گنڊرن جي تاريخ"، "ڪينجهر ۽ آسپاس جا علائقا" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن 5 مارچ 2015ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو

حاجي منور علي عباسي

هن مشهور سياستدان جو جنم 30 سيپٽمبر 1944ع تي لاڙڪاڻي تعلقي جي ڳوٺ وليد ۾ حاجي خان محمد عباسيءَ جي گهر ۾ ٿيو هن سموري تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي ۽ بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون شاگرديءَ واري زماني ۾ هو ڪرڪيٽ جو سٺو ڪيڏاڙي هو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي توڙي ڊويزن جي ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جو صدر رهيو هو سنڌ اسپورٽس بورڊ ۽ بورڊ آف ڪرڪيٽ ڪنٽرول آف پاڪستان جو پڻ ميمبر رهيو هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت سان ڪئي هو پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقي لاڙڪاڻي جو صدر، ضلعي لاڙڪاڻي جو جنرل سيڪريٽري، لاڙڪاڻي ميونسپلٽيءَ جو چيئرمين ۽ ٻين اهم پارٽي عهدن تي فائز رهيو 1988ع کان 2007ع جي وچ ۾ 5 ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو 1988ع ۾ سنڌ جي ٽرانسپورٽ، ڀهبود آبادي ۽ بلديات جو وزير پڻ رهيو ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ به ڀرپور بهرو ورتائين هو محترمه بينظير ڀٽو جو پوليٽيڪل سيڪريٽري پڻ رهيو محترمه بينظير ڀٽي جي شهادت کان پوءِ هن جا پارٽيءَ جي عهديدارن سان سخت اختلاف ٿي پيا ۽ 2013ع ۾ پيپلز پارٽي ڇڏي ڏنائين هن جون 2020ع ۾ وفات ڪئي

مهيش چندر

اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور ڪلاڪار مهيش چندر جي جنم جو ڏينهن آهي مهيش چندر مشهور راڳيءَ ماسٽر چندر جو پٽ آهي هن جو جنم 30 سيپٽمبر 1947ع تي نوشهري فيروز جي شهر نارو شاهه ۾ ٿيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن جو ڪٽنب ممبئيءَ ۾ وڃي ٿانيڪو ٿيو هن کي موسيقيءَ ۽ ڳائڻ سان دلچسپي پنهنجي پيءُ کان ورثي ۾ ملي ننڍي هوندي ماستر چندر هن کي موسيقيءَ جي محفلن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو اڳتي هلي هن پاڻ به ڳائڻ شروع ڪيو هن ڪيترائي سنڌي ڪلام، لوڪ گيت ۽ غزل ڳايا آهن گلوڪار اردوءَ ۾ پڻ خوبصورت غزل ڳايا اٿس ڪيس ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان به گهڻي دلچسپي رهي آهي

سيد فدا حسين شاهه

فلمي دنيا بابت جن ليکڪن سنڌيءَ ۾ مواد عوام آڏو پهچايو آهي تن ۾ سيد فدا حسين شاهه جو نالو نمايان نظر اچي ٿو هو 30 سيپٽمبر 1965ع تي مٽياريءَ ۾ ڄائو هن سڀ کان پهريائين "روزاني عبرت" ۾ فلمي دنيا بابت ليک لکڻ شروع ڪيا. اڳتي هلي "سهڻي رسالي"، "روزاني ڪاوش اخبار" ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن جي فلمي صفحي ۾ سندس لکڻيون ڇپجڻ لڳيون اردو رسالن ۾ پڻ لکندو رهيو آهي ان کان علاوه ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي شوز سان واسطو رکندڙ پروگرامن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي شاهه صاحب کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي

مختيار آتڙ

حاڪم گل مهر

هن نامور شاعر ۽ مضمون نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1975ع ۾ شڪارپور ضلعي جي شهر چڪ ويجهو ڳوٺ ملهي مهر ۾ ٿيو هن جي والد جو نالو عبدالحليم مهر آهي هن 1982ع ۾ ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو هو هڪ سٺو شاعر آهي سندس شاعريءَ ۾ بيت، وايون، نظم ۽ غزل وغيره شامل آهن ٻارن لاءِ به شاندار نظم لکندو رهيو آهي شاعريءَ ۾ راشد مورائي سندس استاد آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "راشد جي رهاڻ" ۽ "خواب مرڪي پيا" (شاعري) شامل آهن

ڪامريڊ عبدالقادر انڊڙ

اڄ مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ عبدالقادر انڊڙ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هارين جي حقن لاءِ سڄي عمر پاڻ پتوڙيندڙ هن انمول انسان 16 اپريل 1924ع تي هليجي شريف ۾ ميان جان محمد جي گهر پنهنجي زندگيءَ جي سفر جي شروعات ڪئي هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي هن ڪجهه وقت انگريزي فوج ۾ ۽ ان کان پوءِ رينجرس ۽ پوليس ۾ نوڪري ڪئي پر اهي نوڪريون سندس مزاج سان ٺهڪندڙ نه هيون، ان ڪري اڳتي هلي اهي نوڪريون ڇڏي ڏنائين ڪامريڊ نذير حسين ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان سندس دوستي هئي ۽ انهن جي صحبت جو اثر وٺندي 1958ع ڌاري سنڌي هاري ڪميٽيءَ جو حصو بڻجي ويو هن سنڌي هاري ڪميٽيءَ جي پليٽ فارم تي هارين جي حقن ۽ سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ هلندڙ هر تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو هن گڏو بئراج جي زمينن جي الاٽمينٽ، ڪوٽڙي ڪليمن خلاف هلچل ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ ڇپرائڻ واري تحريڪ، ون يونٽ خلاف تحريڪ ۽ اهڙين ٻين تحريڪن ۾ ڀرپور حصو ورتو پاڻ نيشنل عوامي پارٽي ضلعي سکر جو صدر رهيو سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ به اهم عهدن تي رهي ڪم ڪيائين هن 30 سيپٽمبر 1978ع تي وفات ڪئي

تيرٿ بسنت

اڄ مشهور ليکڪ، صحافي ۽ سماج سڌارڪ تيرٿ بسنت جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 7 سيپٽمبر 1909ع تي خيرپور ميرس شهر جي لقمان واري علائقي ۾ ڄائو اڃا سال ڪن جو مس هو جو سندس والده وفات ڪري وئي، جنهن ڪري هن جي پرورش هن جي ڏاڏيءَ جي هٿن ۾ ٿي ماءُ جي شفقت کان محروم هجڻ ڪري هو مناسب تعليم حاصل نه ڪري سگهيو هن سورهن سالن جي عمر ۾ فلمن ۾ اداڪار بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي پر گهڻي ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو ان ئي دور ۾ هن ايران ۽ بصري جو سير ڪيو ۽ فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي چڱي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي سنڌ موٽڻ بعد هو حيدرآباد ميونسپلٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هاري حقدار تحريڪ ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتائين ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي هئس ۽ انگريزي توڙي سنڌيءَ ۾ مضمون لکي پنهنجي ادبي سفر جي شروعات ڪيائين هن ڪراچيءَ مان ايڊوانس انڊيا نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 1949ع ۾ سنڌ ڇڏي اجمير ۾ وڃي رهيو هندستان ۾ هو هڪ بلند پائي جو اديب ۽ صحافي بڻجي اڀريو هو هڪ مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، سوانح نگار، ناٽڪ نگار ۽ شاعر طور مشهور آهي هن چاليهن کان وڌيڪ ڪتاب لکي سنڌي ادب جي خزاني کي مالامال ڪيو تيرٿ بسنت 30 سيپٽمبر 1994ع تي هن فاني دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو

عبدالفتاح ميمڻ

هن مشهور قانوندان ۽ سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1932ع ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ڀريا ۾ ٿيو هن مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان قانون جي سند وٺڻ بعد وڪالت جو پيشو اختيار ڪيو هن جو شمار سنڌ جي انتهائي ساک وارن وڪيلن ۾ ٿيندو هو. خاص طور تي فوجداري ڪيسن تي وڏي مهارت حاصل هئس هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات 1960ع ڌاري عوامي نيشنل پارٽيءَ ۾ شموليت سان ڪئي هو ڪجهه عرصو انهيءَ پارٽيءَ جو نواب شاهه ضلعي جو صدر رهيو 1964ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. 1965ع ۾ مقامي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيائين 1968ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو 1977ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو جنرل ضياءَ الحق واري مارشل لا واري دور ۾ ڪيترائي ڀيرا ڪيس قيد ڪري جيل اماڻيو ويو عمر جي آخري حصي ۾ سياست ڇڏي ٻيهر وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين هن 30 سيپٽمبر 1999ع تي وفات ڪئي

پروفيسر لياقت عزيز سولنگي



پروفيسر لياقت عزيز جو جنم 9 جولاءِ 1949ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ٿيو هن انٽرميڊيئيٽ تائين تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هو 1972ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ لڳ ڀڳ 40 سال نوڪري ڪري ايسوسيئيٽ پروفيسر طور رٽائر ڪيائين هن ننڍي هوندي کان ئي سماجي ۽ عام ڀلي جي ڪمن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هن ٽنڊي محمد خان جي مزدورن جي ٽريڊ يونين قائم ڪئي ۽ انهيءَ يونين پاران جدوجهد ڪري اتان جي شگرمل ۾ مقامي ماڻهو ڀرتي ڪرايا هن ٽالپر ٽيڪسٽائيل ملز ٽنڊو محمد خان، ٻيڙي ورڪرس يونين، ٽانگا ورڪرس يونين ۽ اهڙي قسم جي ٻين يونينن جي قيام ۾ به مکيه ڪردار ادا ڪيو هو سنڌ پروفيسرس ۽ ليڪچررس يونين جي باني ميمبرن مان هڪ هو ۽ انهيءَ يونين جو مرڪزي عهديدار پڻ رهيو هو هڪ نليوارو ليکڪ ۽ ڪالم نگار پڻ هو سندس ڪالمن جو هڪ مجموعو "قومي غدار ۽ حساب ڪتاب" جي نالي سان ڇپيل آهي هن 30 سيپٽمبر 2018ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج 12 حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1034 سال 2026

مسمات شيرين ناصر ولد خليل الرحمن .. پلينٽف..بخلاف.. عتيق الرحمن ولد خليل الرحمن رهندڙ گهر نمبر G-751/5 رحمانيه مسجد ٻومڻ واهه روڊ حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ ميڊيڪل لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 09-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج 12 حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد
سول اپيل نمبر 286 سال 2025

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ شاهين عباسي معرفت قانوني وارث .. ايپليڪينٽ..بخلاف.. حاجي ڪرير ڏنو ۽ ٻيا..ريسپونڊنٽس اسد علي ولد علي غلام رهندڙ گهر نمبر C-38 اسٽيٽ لائف ڪالوني قاسم آباد ...ايپليڪينٽ.(3) محمد انيس ولد محمد عبدالعزيز رهندڙ گهر نمبر 508 بلاڪ سي آدمجي نگر ڪراچي

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ اسد علي ولد علي غلام زير قلم (2)12 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ/ ڊڪري تاريخ 16-04-2026 خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڊسٽرڪٽ جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات دعا ڌيءُ جاويد علي زال سلمان علي ذات ميمڻ رهندڙ گهر نمبر 1872 ميمڻ پاڙو تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف.بخلاف.. سلمان علي ولد محمد سليم تاهيون رهندڙ گهر نمبر 265 سوناره پاڙو ٽنڊو الهيار سيل نمبر 03717579717..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ فيملي جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان
فيملي سوٽ نمبر 110 سال 2026

مسمات روزينا ڌيءُ بابو ذات سولنگي رهندڙ شوڪت ڪالوني ٽنڊو محمد خان ..پلينٽف.بخلاف.. شير محمد ولد عباس ذات سولنگي رهندڙ ڳوٺ عمر شيدي پي او ڪريو گهنڊڙ تعلقو شهيد فاضل راهو ضلعو بدين ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ۽ ڏاجي آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج I عمرڪوٽ
(روبرو جناب عمران علي ملڪ صاحب)
سول سوٽ نمبر 09 سال 2026
سول ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 14 سال 2023
ايف سي سوٽ نمبر 167 سال 2017

جانل بيبي حسين شاهه جي بيواهه پنهنجي خاص مختيارنامي واري حبيب الله شاهه ولد حسين علي شاهه معرفت ڊڪري هولڊر خلاف، حاجي ولد مهراب، محمد ايوب ولد پنڌي عبدالله ولد خير محمد ڪيريو هاشم ولد ولد خير محمد علي شير ولد فيض محمد شفيع محمد ولد سومار محمد حسين ولد فيض محمد رمضان ولد مهراب، مير حسن ولد فيض محمد وارث ولد هاشم، رحمت الله ولد امام بخش مهر شير محمد ولد ديام، احمد نواز خدابخش ولد غلام حيدر محمد عمر ولد محمد ذات ماڇي مسلم رهندڙ وارڊ نمبر 315 عمرڪوٽ، مختيارڪار، ڊي سي سٽي سرويئر عمرڪوٽ، پراوينس آف سنڌ معرفت سيڪريٽري روينيو سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچي مدعاليه جاڻايل مدعاليه نمبر 8.6.5 ۽ 11 کان 15 تائين ۽ سرڪار مدعاليه نمبر 20 کي هن نوٽيس ذريعي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿين ڊڪري هولڊر توهان خلاف هن عدالت ۾ هيٺيون درخواستون داخل ڪيون آهن (1) ميسن پراڦٽس (منافعي استعمال جي معاوضي) جي رقم ادا نه ڪرڻ جي بنياد تي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪرڻ ۽ سول حراست ۾ رکڻ لاءِ درخواست Order xxi Rules 30. 40. 38. 37۽ Cpc41 پڙهڻي سيڪشن 151 CPC سان (2) پوليس ۽ روينيو کاتي جي مدد سان قبضي جو حڪم جاري ڪرڻ لاءِ درخواست Order xxi Rule 35۽ 97 کان 101 CPC پڙهڻي سيڪشن 151 CPCسان (3) عدالت جي حڪم جي نافرماني ڪرڻ تي توهين عدالت جي ڪارروائي شروع ڪرڻ لاءِ درخواست سيڪشن 3 ۽ 4 تحت ان کان علاوه ڊڪري هولڊر طرفان MIT هاءِ ڪورٽ آف سنڌ آڏو داخل ڪيل شڪايت بابت سندس جواب گذارشون ۽ ڊڪري هولڊر جي اٽارني طرفان ڏنل بيان ۽ ڊڪري جي ايجا تائين مڪمل طور تسڪين نه ٿيڻ ۽ قبضي جي حڪم تي وڌيڪ عمل نه ڪرائڻ بابت ڊڪري هولڊر جو بيان عدالت جي سامهون موجود مٿين معاملن کي ٻڌڻ لاءِ درخواستن جي ٻڌڻي 09-10-2026 تي صبح جو 08:30 بجي مقرر ڪئي وئي آهي توهان کي سمن پهچائڻ ممڪن ناهي هن اشاعت ذريعي لاڳاپيل ڌرين کي اطلاع ٿو ڏجي ته اهي ٻڌڻي تي پاڻ وڪيل معرفت لازمي طور تي حاضر جواب داخل ڪرائين غير حاضري جي صورت ۾ معاملو ٻڌي فيصلو ڪري سگهجي ٿو عدالت جي مهر ۽ منهنجي صحيح سان جاري ٿيو 22-09-2026 تي

زاور علي لغاري سي او سي سول ڪورٽ عمرڪوٽ

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

سنيل ولد Poonoon هندو بالغ ذات ڪولهي رهندڙ ڳوٺ امام واهه ديهه 320 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ..پلينٽف.بخلاف.. Raichand ڌي Shagiya ذات ڪولهي رهندڙ ڪولهي دڙا جي شرما چوڪ عمرڪوٽ سيل 03463777602 ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II ڏگهڙي
فيملي سوٽ نمبر 65 سال 2026

شريمتي چيمي ڌيءُ پومن زال عيسر مل هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ مير راحيل ديهه 151 تعلقو ڏگهڙي ..پلينٽف.بخلاف.. عيسر مل ولد ڪرشن رهندڙ ڳوٺ فيض الله ٽالپر ڪوٽ غلام محمد ديهه 86 ضلعو ميرپورخاص سيل 03033247626 ..ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي اير II ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج ڄامشورو
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

ثاقب ..ايپليڪينٽ.بخلاف.. (1) مسمات زينت بيگم بيواهه اسلم پرويز قريشي (2) مس مرڪ (3) مس مهوش (4) شاهه جهان (5) مس عليزه سڀ پٽ ڌيئرون اسلم پرويز قريشي رهندڙ پاڙو پٽائي ڪالوني نزد پوسٽ آفيس ٻهار ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو حال رهندڙ گهر نمبر B-47 مريم گارڊن ڪوٽڙي ..اپونٽنس (1) عليزه ڌيءُ اسلم پرويز قريشي قانوني وارث مرحوم اسلم پرويز قريشي. مائنر

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج ڄامشورو

نالي جي درستي

جيئن ته منهنجي تعليمي رڪارڊ ۾ غلطي سان نالو اشوڪ ڪمار ولد پانچو مل لکجي ويو آهي جنهن کي درست ڪري صحيح نالو اشوڪ ڪمار ولد پانچو لکيو ۽ پڙهيو وڃي

اشوڪ ڪمار ولد پانچو
شناختي ڪارڊ نمبر 4420317694093
رهندڙ پيرومل تعلقو ضلعو سانگهڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين درخواست نمبر 146 سال 2026

مسمات مهناز خاتون بيواهه مرحوم سڪندر علي رهندڙ گهر نمبر HA-837/203 گوليمار نوابشاهه .. ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات امينا (2) مس تبسم (3) مس صفيه (4) مس بشرا (5) مس Shukrana (6) مس عروج سڀ ڌي پٽ مرحوم سڪندر علي (7) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپونٽنس

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن (1) غلام مصطفيٰ (2) غلام مجتبيٰ جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 12-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين درخواست نمبر 147 سال 2026

مسمات خورشيدان بيواهه ارشد حسين رهندڙ ڳوٺ محمد خان چانڊيو نوابشاهه .. ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) نثار احمد (2) محمد عثمان (3) مسمات تبسم (4) مسمات روزينا سڀ پٽ ڌيئرون ارشد حسين (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپونٽنس

.مٿين اپونٽنس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن (1) محمد اقبال (2) طوبيٰ (3) بيبي شفا جي گارڊين جي مقرري بابت سندن حصي جي فروخت جي اجازت بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار تاج محمد ولد لهجابيو رهندڙ موري منگر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي احمد خان ولد دائود ٿيبو تاريخ 01-01-1978 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 66،210،211 ٻيا حصي موجب ديهه ٽماچاڻي جاگير / رعيتي ٽپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) لهجابيو (پٽ) جيڪو مورخه 25-01-2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) تاج محمد (پٽ) (2) احمد خان (پٽ) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪنسولِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار فيصل علي رند ولد ڏنل رهندڙ ڳوٺ يارو خان رند تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ڏنل ولد امام علي رند تاريخ 08-11-2019 تيفوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر2/99، 2.5/109، 4/110،2.3 ٻيا حصي موجب ديهه ٽيهر ٽپو مولان تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) فيصل علي رند (پٽ) (2) ادريس (پٽ) (3) آصف (پٽ) (4) سلميٰ (ڌي) (5) نعيم (ڌي) (6) سيما (ڌي) (7) مسمات صاحبزادي (بيواهه) مسمات صاحبزادي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل ساڳيا آهن جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪنسولِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات امنت ڌي صاحب خان لغاري درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي صاحب خان ولد سهراب لغاري جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ساند کي تعلقي تلهار ۾ بلاڪ نمبر 1.2/ 85 ۽ ٻين ۾ ايراضي حصي موجب 20 ايڪڙ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ پنهو لغاري تعلقا تلهار ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) صاحب خان ولد سهراب لغاري جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 جان محمد عرف جاني پٽ فوتي جو 2 انور علي پٽ فوتي جو 3 آمنت ڌي فوتي جي 4 ملي بي بي زال نواب خان ڌي فوتي جي 5 ملوڪان زال فوتي جي تفصيل فوتڻ (2) نالي مسمات ملوڪان زال صاحب خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 جان محمد عرف جاني پٽ فوتڻ جو 2 انور علي پٽ فوتڻ جو 3 آمنت ڌي فوتڻ جي 4 ملي بي بي زال نواب خان ڌي فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو تلهار

عام اطلاع

هرعام وخاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته ديهه سيپوٽائي ٽپو ميرانپور تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان زرعي زمين سروي نمبر 232 (2ايڪڙ 38 گهنٽا) 233(5 ايڪڙ 05 گهنٽا) 252(2 ايڪڙ 19 گهنٽا) 253 (ايڪڙ 30 گهنٽا) 354 (2 ايڪڙ 24 گهنٽا) 355(5 ايڪڙ 11 گهنٽا) ڪل ايراضي 19 ايڪڙ 31 گهنٽا (جنهن کي اڳتي وڪري واري زمين چيو ويندو بابت هيٺين سيل ايگريمينٽ ذريعي خريداري ڪئي وئي آهي (1) سيل ايگريمينٽ بتاريخ 15-09-2026 وڪرو ڪندڙ مسمات غلام فاطمه منگريو ۽ وقار حيدر ولد محمد اسماعيل منگريو خريد ڪندڙ محمد عارف حسين ولد عرب ولد محمد حسين دائود عرب خريد ڪيل ايراضي 09 ايڪڙ 31گهنٽا (2) سيل ايگريمينٽ تاريخ 18-05-2026 وڪرو ڪندڙ منظور علي ولد محمد عمر منگريو خريد ڪندڙ محمد عارف حسين عرب ولد محمد حسين دائود عرب خريد ڪيل ايراضي 10 ايڪڙجيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي مٿي ڄاڻايل وڪري واري زمين يا ان جي ڪنهن حصي بابت ڪو حق دعويٰ اعتراض هجي يا ڪو قانوني رڪاوٽ هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو

ايڊوڪيٽ ساگر علي سليو (گل محمد اينڊ ڪمپني ايڊوڪيٽس) آفيس نمبر 1 عبدالله چيمبر ٽنڊو محمد خان سيل نمبر 03332811857

[redacted]

واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال ڪنڌڪوٽ منتقل ڪيو ويو جتي مقتول نوجوان محمد خان ٻنگوار جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي قعوراڻ مچي ويو ٻئي ڌريون مورچا بند ٿي ويون آهن ڪنهن به وقت خونريزي وڌڻ جو خدشو ظاهر ڪيو پيو وڃي ذريعن موجب ته ياد رهي ته ٻه سال اڳ سبزوئي برادري جو نوجوان چوري دوران مارجي ويو هو جنهن جو ٻنگوار ۽ ڪجهه ساٿين تي شڪ ڪيو ويو هو ۽ فيصلو به ڪيو ويو هو ٻنگوار تي الزام هنيو ويو هو فيصلي دوران مٿان 36 لک روپيا ڏنڊ مقرر ڪيو ويو ٻنگوار برادري جي ڌر پاران پئسا ڀيارڻ جي باوجود به پلاٽ ۾ ٻنگوار برادري جو نوجوان قتل کي قتل ڪري ڇڏيو هي واقعو پيش آيو آهي واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ۽ نه وري واقعي جا جوابدار گرفتار ٿي سگهيا آهن

[redacted]

23 سال جندو ڪلوئي سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت زخمين کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو ويو جتان ابتدائي طبي امداد ڏيڻ ڪانپوءِ ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ٻنهي کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پوليس موجب ڪلوئي برادري جي ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو زميني تڪرار هلندڙ هو اڄ به زمين واري معاملي تان جهيڙو ٿيو جنهن ۾ ٻه عورتون زخمي ٿي پيون آهن جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

[redacted]

گلزار پتو تي فائرنگ جو اعتراف ڪيو آهي ڪيس ۾ اڳ ئي نامزد 3 جوابدار احد پتو علي گل پتو ۽ دانيا پتو گرفتار آهن

[redacted]

، ٽن ڏينهن اندر احتجاجي ڌرڻي جو ڇيداءُ ڏئي ڇڏيو آهي . پوليس انجنيئر فيصل گلزار پتو واقعي ۾ پوليس اسان مٿان

مسلسل ڌياءَ وجهي پنهنجي مرضي جا نالا ڪيس ۾ ڏياري رهي آهي جيڪي پوليس رند برادري جا ماڻهون گرفتار ڪيا آهن انهن سان اسان جو ڪو به واسطو تعلق ناهي . وارثن چيو ته اسان جي نوجوان جي خون جا قاتل اسان جا پنهنجا آهن باقي پوليس اسان جي نوجوان جي قتل ۾ مختلف ماڻهن کي ڦاسائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي وارثن آءِ جي سنڌ گهرو وزير ۽ بين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف انڪوائري ڪري ڪيس ۾ جيڪي ڪوڙا نالا ظاهر ڪيا ويا آهن اهي ختم ڪيا وڃن ، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

[redacted]

ڪندي دادو شهر طرف اينڊ گٽڪا چاليه سان ڀريل آلٽو ڪار نمبر BLK-350 تحويل ۾ وٺي ڇڏي، پوليس موجب ڪار ۾ سوار ٻه جوابدار گرفتاري کان بچڻ لاءِ ڪار ڇڏي فرار ٿي ويا، جن جي سڃاڻپ مبينا طور نصير عرف ٽنڊو پند ۽ نعيم ولد غلام نبي پند طور ٿي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته تحويل ۾ ورتل ڪار مان Z-21 گٽڪا چاليه جا 6 بورا هٿ آيا، جن ۾ 270 پيڪٽ چاليه موجود هئا، واقعي جو ڪيس گٽڪا مين پڙي ايڪٽ تحت فرار جوابدارن خلاف داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته انهن جي گرفتاري لاءِ وڌيڪ ڇاپن جو سلسلو جاري آهي هوڏانهن ڦلجي اسٽيشن ۽ خداآباد ٿاڻن جي حدن ۾ پڻ پوليس ڪارروايون ڪندي گٽڪا رکرو ڪرڻ جي الزام ۾ ٻن جوابدارن انور ابڙو ۽ الاهي بخش عرف الاهيو ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان Z-21 گٽڪا چاليه جا ٻه پيڪٽ هٿ ڪيا ويا مٿن الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

[redacted]

روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا واپاري سيٺارجا ٿاڻي تي ڦر واقعي جي اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي علائقي ۾ وڌندڙ بدامني تي شهرين ۾ سخت تشويش آهي ايس ايس پي خيرپور کان نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي

[redacted]

ادارن وٽ موجود معلومات تائين شهرين جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ موجود طريقيڪار ۽ ضابطن بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي وفد جو استقبال سنڌ انفارميشن ڪميشن جي انفارميشن ڪمشنرن محمد سليم خان ۽ نور محمد دايو ۽ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ذوالفقار علي شيخ ڪيو وفد ۾ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي پروگرام آفيسر محترمه ازا اڪبراني ۽ پراجيڪٽ آفيسر محترمه گيتا آيا اتيڪاه شامل هيون جڏهن ته ساڻن گڏ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر محترمه نسرين ميمڻ پروگرام ايسوسيئيٽ محترمه فريحا فاطمه ۽ اسسٽنٽ پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر افان فهيم پڻ موجود هئا ملاقات دوران سنڌ انفارميشن ڪميشن جي نمائندن مهمان وفد کي سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 جي اهم شقن، ڪميشن جي مينڊيٽ ۽ ذميوارين ۽ شهرين پاران صوبي جي سرڪاري کاتن توڙي بين عوامي ادارن کان معلومات حاصل ڪرڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وفد کي شفافيت، جوابدهي بهتر حڪمراني ۽ عوام جي معلومات تائين رسائي کي هٿي وٺرائڻ ۾ سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪردار بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار گهربل معلومات فراهم نه ٿيڻ جي صورت ۾ شهرين لاءِ موجود قانوني ۽ اداري واري طريقيڪار ۽ معلومات تائين رسائي بابت شڪايتن جي ازالي لاءِ ڪميشن کي حاصل اختيارن بابت پڻ تفصيل سان آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي انفارميشن ڪمشنر محمد سليم خان عوامي ادارن پاران معلومات جي ازخود فراهمي (Proactive Disclosure) جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته معلومات جي حق واري قانون تحت شهرين ۽ سرڪاري عملدارن ۾ سندن لاڳاپيل حقن ۽ ذميوارين بابت وڌيڪ آگاهي پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي انفارميشن ڪمشنر نور محمد دايو چيو ته هن ملاقات ٻنهي ڌرين کي معلومات جي حق بابت قانوني فريم ورڪ تي عملدرآمد ۽ شفافيت توڙي عوام جي معلومات تائين رسائي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ اداري واري طريقيڪار بابت پنهنجا تجربا ۽ نقطه نظر هڪ ٻئي سان ونڊڻ جو اهم موقعو فراهم ڪيو سنڌ انفارميشن ڪميشن ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي وفد جي دوري کي ساراهيندي شفافيت، جوابدهي ۽ معلومات جي حق واري قانوني فريم ورڪ تي اثرائتي عملدرآمد کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جي مسلسل سهڪار ۽ رابطن کي پڻ ساراهيو ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي وفد سنڌ انفارميشن ڪميشن جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل جي منصوبن کي ساراهيو وفد اميد ظاهر ڪئي ته ڪميشن جي مسلسل ڪوششن سان سنڌ جي عوامي ادارن ۽ شهرين ۾ سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 بابت آگاهي ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو بعد ۾ وفد جي ميمبرن کي سنڌ جي روايتي ثقافتي سوکڙي اجرڪ پڻ پارايا ويا

[redacted]

۾ قائم سرڪاري اسڪولن جي مجموعي صورتحال موجود بنيادي سهولتن ۽ درپيش مسئلن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ضلعي جي فعال ۽ غير فعال اسڪولن جي صورتحال، خسته حال اسڪول عمارتن، فرنيچر جي کوٽ، چارديواري، ضروري مرمت تعمير ۽ بحالي ۽ بين بنيادي سهولتن تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ان موقعي تي تعليم کاتي جي آفيسرن اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي ضلعي جي مختلف اسڪولن جي موجوده صورتحال ۽ درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ويو ته جن اسڪولن جون عمارتون زبون حالت ۾ آهن انهن جي ضروري مرمت ۽ بحالي لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم کنيا وڃن جڏهن ته جتي فرنيچر، چارديواريون، ڪلاس روم يا بين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي اتي موجود وسيلن مطابق ضروري قدم کنيا وڃن ته جيئن شاگردن کي بهتر ۽ محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪري سگهجي شرڪت ڪندڙن ڪچي آبادي وارن علائقن ۾ قائم اسڪولن جي صورتحال تي به خاص ڌيان ڏنو ۽ اتي ٻارن کي درپيش تعليمي ۽ بنيادي سهولتن جي مسئلن جو جائزو ورتو اجلاس ۾ بحث ڪيو ويو ته ڊورانهن ۽ ڪچي آبادي وارن علائقن ۾ قائم تعليمي ادارن کي بين علائقن جي برابر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مربوط قدم کنيا وڃن ته جيئن انهن علائقن جا ٻار به تعليم جا بهتر موقعا حاصل ڪري سگهن چيئرمين ضلعي ڪائونسل سکر سيد ڪامل حيدر شاهه اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ٻارن کي معياري، محفوظ ۽ سازگار تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي ضلعي ڪائونسل جي دائري اختيار ۾ ايندڙ اسڪولن جي ضرورتن جو جامع جائزو وٺڻ کان پوءِ موجود وسيلن کي موثر طريقي سان استعمال ڪيو ويندو ۽ تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا هن چيو ته اسڪولن جي عمارتن، فرنيچر، چارديوارين ۽ بين ضروري سهولتن سان لاڳاپيل مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي جڏهن ته ڊورانهن ۽ ڊورانهن علائقن جي اسڪولن تي خاص ڌيان ڏنو ويندو ته جيئن اتي پڙهندڙ ٻارن کي بهتر تعليمي سهولتون فراهم ڪري سگهجن ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر خان شهزاد ضلعي ۾ تعليمي ادارن جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ اسڪولن کي گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ موثر هم آهنگي جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو اجلاس ۾ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل، فوڪل پرسن سنڌ جي مقامي حڪومت جو وزير عرفان علي پوڙو چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل لالا ظفر اقبال مغل، چيئرمين ضلعي ڪائونسل ايجوڪيشن ڪميٽي رفيق سومرو، ڊائريڪٽر ايجوڪيشن سکر شهابدين انڍان ڊي او ايليمينٽري، ڊي او پرائمري، ڊي او فيميل ڊي او بوائز ۽ تعليم کاتي جا ٻيا آفيسر شرڪت ڪئي اجلاس دوران سکر ضلعي ۾ تعليمي ادارن جي بهتري، شاگردن کي بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ اسڪول جي مسئلن جي حل لاءِ مختلف تجويزن تي پڻ غور ڪيو ويو

[redacted]

آشرم کي رنگ برنگي بلبن توڙي لائيٽن سان ڪنوار جيان سينگاريو ويو آهي ڪال شام جو پ پ جي ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي ڊاڪٽر رميش وانڪواني ن ليگ ايم اين اي درشن لال ايم پي اي ڊاڪٽر اشوڪ رتناڻي ايم پي اي ڊاڪٽر انيل ڪمار ڪائون چيئرمين

ڪمليش آڳوني ناظم گهنشام داس واپاري اڳواڻ ڪلاديپ پارواڻي ۽ ٻين گڏيل طور تي چادر چاڙهي ميلي جو افتتاح ڪيو.

[redacted]

گذريل ڪيترن ئي سالن کان غريب ماڻهن کي صحت جون سهوليتون مهيا ڪرڻ ڪرڻ لاءِ سنت نيٽورام چيريٽيبل اسپتال به قائم ڪيل آهي جتي اينڊڙ مريضن کي مفت ۾ تپاسڻ سان گڏ ٽيسٽون توڙي مفت دوائون به ڏنيون وينديون آهن ۽ اينٽي ٽي بي سينٽر به هلنڙ آهي جتي ٽي بي جي مريضن کي به دوائون ڏنيون وينديون آهن ۽ جاڻايل اسپتال ۾ ٽي دفعا هيپاٽائيٽس کان بچاءَ جي ويڪسين لڳائڻ جون ڪافي ڪئمپون به لڳي چڪيون آهن ۽ هر سال ميلي دوران هڪ روزه مفت طبعي ڪئمپ به لڳائي ويندي آهي جنهن ۾ سنڌ جا نالي وارا ڊاڪٽر اچي مريضن کي تپاسي مفت دوائون ڏيندا آهن جڏهن ته تندلال تندن ڪنيا پاٺشالا ۾ سلائي جي سکيا جو سينٽر هلايو ويندو آهي جتي شهر جي ڇوڪرين کي عورتون سلائي مشين تي ڪپڙا سبڻ جي سکيا ڏينديون آهن جيڪي بعد ۾ پنهنجي گهرن ۾ ڪپڙا سلائي ڪري پنهنجي گهر جو گاڏو هلائن ٿيون

[redacted]

روزانو سون جي تعداد ۾ علائقي جي مفلس مجبور ۽ لاچار انسانن کي بنا ڪنهن مت ڀيد ۽ ذات پات جي لنگر ڪرايو ويندو آهي ۽ هزارين جي تعداد ۾ چوپايو مال کي پاڻي پيارايو ويندو آهي ۽ هزارن جي تعداد ۾ پکين کي داڻو کارايو ويندو آهي جنهن سبب مختلف قسمن جي پکين پنهنجا آکيرا به اڏي ڇڏيا آهن جتي سوين ڪلو اناج هر روز پکين کي ڏنو ويندو آهي انهي سلسلي ۾ آشرم جي شواداري ڪاڪا خوشحالداس ۽ مکي لڇمڻداس ٻڌايو ته سنت نيٽورام جي آشرم تي انسان سان محبت ۽ پسو پکي سان پيار جو درس ڏنو ويندو آهي اهو ئي سبب آهي جو هتي آشرم ۾ اينڊڙ هندو توڙي مسلمان گڏجي کاڌو کائيندا آهن سنت جي حياتي کان هلنڊڙ پرم پرا کي قائم رکندي اڄ به علائقي جا سوين غريب جن ۾ مزدوري ڪندڙ پورهيت اسڪولي شاگرد توڙي اسپتال ۾ اينڊڙ مريضن ۽ ڏڪار سبب لڏپلاڻ ڪري ويندڙ ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي ٻئي ٽائيم لنگر ڪرايو ويندو آهي ۽ روزانو هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال کي پاڻي پيارايو ويندو آهي ۽ شهر جي غريب آبادي جنهن وٽ واٽر سپلاءِ جي سهوليت ميسر نه آهي آهي به هتان اچي پاڻي ڀريندا آهن انهي لاءِ هڪ وڏو ٽيوب ويل ۽ ٽمر پمپ لڳايو ويو آهي جڏهن ته ساڳي نموني هزارين پکي جن ۾ ڪانءَ ڪبوتر ڳيرو جهرڪي ۽ مور سميت ٻين پکين کي روزانو سوين ڪلو اناج (داڻو) آشرم جي طرفان کارايو ويندو آهي ۽ آشرم اينڊڙ سوين شهري به پکين لاءِ داڻا ۽ مٺائي پاڻ سان گڏ کڻي ايندا آهن جيڪي به پکين کي ڏنا ويندا آهن

[redacted]

ڊاڪٽرن جي ٽيم ٻارڙن جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر بختيار احمد پنهور سميت ٽيم مقرر ڪئي وئي آهي جيڪا علاج ڪري پئي هن وڌيڪ چيو ته معصوم ٽينگري جا سيمپل ورتا ويا آهن ۽ ٽيسٽيون جلدي اچي وينديون ۽ پوري ڪوشش ڪيون پيا ته معصوم ٽينگري جي زندگي بچايون ۽ معصوم ٽينگري جي فيملي جا به سيمپل ورتا ويا آهن جيئن بيماري تي ڪنٽرول ڪري سگهجي.

[redacted]

جوابدارن عبدالرزاق بوهڙ عرفان علي بوهڙ جميل الزمان بوهڙ کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻه نوسرباز ثناءالله بوهڙ ۽ دلدار علي ملاح فرار ٿي ويا آهن ابتدائي جاچ ۾ معلوم ٿيو آهي ته جوابدار ٻهراڙين جي ابوجهه عورتن مردن کي مالي فائدا ڏيارڻ جو ليڪو ڏيئي سندن نالي سان مختلف بينڪن ۾ کولي اڪائونٽ نوسربازي لاءِ استعمال ڪيا ويندا هئا جوابدارن جي موبائيل فونن مان ڪيترن ئي بينڪ اڪائونٽن جا تفصيل ۽ واٽس ايپ گروپ به هٿ آيا آهن جن ۾ اڪائونٽن جي خريد فروخت متعلق مواد شيئر ڪيو ويندو هو ۽ انهن اڪائونٽن کي آن لائن فراڊ ٺڳي ۽ نوسربازي ۽ غير قانوني مالي معاملن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو ۽ فراڊ ذريعي حاصل ڪيل روقمون انهن اڪائونٽن ۾ منتقل ڪيون وينديون هيون پوليس طرفان گرفتار ڪيل جوابدارن برآمد ڪيل موبائيل فون سمن اي ٽي ايم ڪاردن ۽ ٻين ڊجيٽل شاهدين بابت جانچ شروع ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ بدين ماڊل ٿاڻي تي مٿن ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي

[redacted]

غيرقانوني استعمال خلاف ڪارروائي ڪئي وئي جنهن دوران 28 گاڏيون ضبط ڪيون ويون سيڪريٽري آر ٽي اي حسنين رضا موجب ڪارروائي دوران ضبط ڪيل سموريون گاڏيون غيرقانوني وين اڏن تي بيٺل هيون هن چيو ته شهر ۾ غيرقانوني وين اڏا قائم ڪرڻ ۽ گاڏين ۾ سلينڊر استعمال ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي هن لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته ٽريفڪ قانونن ۽ مقرر ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ گاڏين خلاف قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي سيڪريٽري آر ٽي اي واضح ڪيو ته حيدرآباد ۾ غيرقانوني وين اڏن ۽ سلينڊر استعمال ڪندڙ گاڏين خلاف بنا فرق ڪارروائي جو سلسلو جاري رکيو ويندو ته جيئن مسافرن جي تحفظ ۽ ٽريفڪ جي منظم نظام کي يقيني بڻائي سگهجي

[redacted]

سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳنڀير جوکي حالت حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندس حالت سڌرندڙ آهي جڏهن ته فوتي نوجوان عابد چانڊيو کي سوين آلين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو

[redacted]

خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ شهر ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي پنهنجي ڳڻتي جو اظهار ڪيو احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي مولانا عبيدالله پتافي عبدالصبور اشفاق مهر زبير فاروقي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي ان موقعي تي مظاهرين ڪاريون اکيون پٽيون ۽ پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو مظاهرين چيو ته سکر ۾ ڦُر، چوري، موٽرسائيڪل ڇنڻ ۽ چوري جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن جڏهن ته شهرين کي فائرنگ ڪري گوليون هڻڻ، زخمي ڪرڻ ۽ قتل ڪرڻ جا واقعا به خطرناڪ حد تائين وڌي ويا آهن مظاهرين سکر ۾ وڌندڙ بدامني، چوري، ڦُر ۽ ڦُر جي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ "ايس ايس پي سکر کي هٽايو" جا نعرا پڻ هنيا شهري اتحاد جي اڳواڻن چيو ته سکر جا شهري ۽ واپاري پنهنجن گهرن دڪانن ۽ شاهراهن تي پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيا آهن روزانو ڦُر ۽ چوري جي واقعن سبب شهرين ۾ خوف ۽ پريشاني آهي اڳواڻن چيو ته ڌوهاري عنصر عوام ۾ موٽرسائيڪلون ڦرڻ ۽ چوري ڪرڻ ۾ مصروف آهن جڏهن ته هٿياربند جوابدار واقعن دوران مزاحمت ڪندڙ شهرين تي فائرنگ ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويندا آهن هن چيو ته ڏوهن ۾ مسلسل واڌ جي ڪري ڪاروباري برادري ۽ عام شهري سخت پريشاني ۾ آهن ۽ اهي پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت لاءِ پريشان آهن مظاهرين الزام لڳايو ته پوليس شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي جنهن جي ڪري سکر ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي هن چيو ته شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ انتظاميه ۽ پوليس جي بنيادي ذميواري آهي پر موجوده صورتحال ۾ شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن سول الائنس جي اڳواڻن آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته سکر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ لاقانونيت جو فوري طور تي نوٽيس وٺن، شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي، ڌاڙي، چوري ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي

[redacted]

ڪرڻ تي زور ڏنو جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو دل جي بيمارين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي گمس گمبٽ اسپتال جي ڪارڊيالوجي شعبي پاران دل جي بيمارين بابت عوام ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ خصوصي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ماهر ڊاڪٽرن طبي عملي ۽ شعبي جي اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. هن موقعي تي ڊاڪٽر نريش ڪمار ڊاڪٽر سيد غلام جعفر شاهه ڊاڪٽر نياز عباسي

ڊاڪٽر هوش محمد ٻگهيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن اسپتال جي مختلف حصن جو گشت ڪندي دل جي بيمارين کان بچاءَ صحتمند طرزِ زندگي اختيار ڪرڻ ۽ بروقت طبي معائني جي اهميت بابت آگاهي ڏني ۽ هٿن ۾ دل جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان پمفليٽ کڻي هن ڏينهن جي اهميت تي زور ڏنو ان موقعي تي ماهر ڊاڪٽرن چيو ته دل جي بيمارين کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون متوازن غذا، باقاعده جسماني سرگرمي ۽ بروقت طبي معائني بابت عوامي شعور اجاگر ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.

[redacted]

اٿيفت ٿان ڪرين هيلان اچي خودڪشي ڪئي

[redacted]

گوٺ سونو جتوئي ۽ لهر وٽ لنڪ روڊ جي ڪناري تان گوليون لڳل 27 ورهين جي نوجوان جو لاش هٿ اچڻ بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو پوليس موجب لنڪ روڊ جي ڪناري تان نوجوان جو لاش مليس جنهن کي گوليون لڳل هيون پوليس واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال جو جائزو وٺڻ بعد لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتي قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم وارو عمل مڪمل ڪيو ويو پوليس طرفان لاش جي سڃاڻپ لاءِ ڪيل ڪارروائي دوران مقتول نوجوان جي ڪپڙن مان شناختي ڪارڊ مليس جنهن ذريعي سندس سڃاڻپ محمد پيارل ولد علي گل ميربحر عمر 27 سال رهواسي ڳوٺ الهندو ميربحر طور ٿي آهي نوجوان جو گوليون لڳل لاش ڳوٺاڻن کي لنڪ روڊ جي ڪناري تي نظر آيو جنهن بعد پوليس کي اطلاع ڏنو ويو واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ ورتو ۽ وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي هوڏانهن واقعي جي سنگين جاچ کي نظر ۾ رکندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان مغل واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي پوليس کان واقعي بابت تفصيلي معلومات ۽ جاچ جي اڳڀرائي بابت رپورٽ طلب ڪئي وئي آهي

[redacted]

13 ورهين جو رشيد گهلو فوت ٿي ويو. فوتي ڳوٺ ڪوڙو گهلو جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي. حادثي بعد لاش ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو.

[redacted]

سيلزمين ريڙي جي دڪاندارن ظهور پنهور ۽ دڪاندار رزاق ڪلهوڙو جو سامان کڻڻ لاءِ گمبٽ شهر وڃي رهيو هيو واقعي خلاف واپارين اڳواڻن محمد علي شيخ رزاق ڪلهوڙو ضميراحمد پنهور نويداحمد نعيم احمد اويس پنهور نظير پنهور ۽ ٻين سول سوسائٽي جي ماڻهن ٿاڻن کي باهيون ڏئي شٽرينڊ هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو اڳواڻن جو چيو ته تعلقي گمبٽ جي علائقن ريڙي ۽ ٻهارو ۾ چورين ڦرن جو آزا وڌي ويو آهي جنهن ڪري واپاري ڪاروبار ڪرڻ کان لنوائي رهيا آهن سندن چوڻ هو ته جيڪڏهن 24 ڪلاڪ گذرڻ جي باوجود ٻهارو پوليس ڪک پيچي بيٺو نه ڪيو آهي ڦر ٿيل روڪ رقم واپس نه ٿي ته ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي احتجاج ڪنداسين مظاهرين ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيو ته ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ تعلقي گمبٽ جي علائقن ريڙي ٻهارو ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي.

[redacted]

علي شيخ کي گرفتار ڪيو جن جي قبضي مان 6 بوتلون شراب ۽ نشي آور سپاريون هٿ ڪيون ويون ٻنهي خلاف الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا .ٿاڻو بوزدار وڏا پوليس ڪارروائي دوران منشيات فروش آفتاب ۽ عرفان منگلهار کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان نشي آور سپارين جا پيڪٽ هٿ ڪيا جڏهن ته ٻنهي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا ايس ايچ او گمبٽ گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات فروش سهيل سيال کي گرفتار ڪيو جنهن جي قبضي مان نشي آور سپاريون هٿ ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو ٻئي طرف منشيات سيلاءِ ڪندڙن خلاف ڪارروائين ۾ هنگورجا پوليس منشيات سيلاءِ ڪندڙ امتياز علي دايو کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 2010 گرام چرس هٿ ڪئي جنهن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو سوراهه پوليس ڪارروائي ڪندي منشيات سيلاءِ ڪندڙ عاشق شيخ کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1470 گرام چرس هٿ ڪئي ۽ ڪيس داخل ڪيو ايس ايچ او ميرواهه گشت دوران ڪارروائي ڪندي منشيات سيلاءِ ڪندڙ فرحان عرف فمن جوڳي کي گرفتار ڪيس جنهن جي قبضي مان 1810 گرام پنگ هٿ ڪئي وئي ۽ ڪيس داخل ڪيو ويو. پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

[redacted]

رپيا روڪ رقم موجود هئي اها به نوجوان وٽان کڻي وئي آهي جيڪا ٽريڪٽر ٽرالي خريد ڪرڻ لاءِ کڻي وڃي رهيا هئا، پر ڪيس رستي سان گرفتار ڪيو ويو ڳوٺاڻن الزام هنيو ته مومن گجو سان سندن اڳ کان به زميني تڪرار هلندڙ آهي ۽ مختلف ڪيس عدالتن ۾ هلندڙ آهن احتجاج ڪندڙن موجب، مومن تي اڳ ۾ هڪ قتل بابت الزام هو ڳوٺاڻن موجب اسان کي خدشو آهي ته اسانجي ٽن حراست ۾ ورتل ماڻهن کي ڪٿي هاف فراءِ يا فل فراءِ ڪري ماريو نه وڃي احتجاج ڪندڙن چونڊيل نمائيندن پوليس کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي مومن گجو جي گرفتاري بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي

[redacted]

جي مرڪزي ڊپٽي چيف آرگنائيزر عبدالرشيد ڏيٺو قومي تحريڪ جي متحرڪ ڪردار شهيد عرفان مهدي جي وڏي ڀاءُ هالا پريس ڪلب جي نائب صدر رئيس مسعود مهدي ملاقات ڪئي ملاقات دوران سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال، قومي تحريڪ سان لاڳاپيل معاملن ۽ سنڌ کي درپيش مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اڳواڻن سنڌ جي سياسي حالتن تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي عوامي سجاڳي، قومي شعور ۽ جمهوري جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ان موقعي تي مختلف تنظيمي معاملن تي پڻ صلاح مشورا ڪيا ويا ۽ سنڌ جي عوام جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

[redacted]

وزيرن پاران نون صوبن جي نالي ۾ سنڌ کي ورهائڻ جي مهم هلائڻ ۽ خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ آمريتي عمل آهي اڳواڻن چيو آهي ته وفاقي حڪمران ملڪ جي ايڪائين کي پنهنجي فتح ڪيل جاگير سمجهن ٿا جيڪو عمل ملڪ جي سالميت لاءِ انتهائي خطرناڪ آهي تاريخ گواهه آهي ته بنگال کي زور زبردستي سان ڌار ڪرڻ کان پوءِ به اسٽيبلشمينٽ ڪوبه سبق نه سکيو اڄ به ساڳي جبر واري پاليسي ذريعي ٽنهي صوبن جا حق کسڻ وسيلن تي قبضا ڪرڻ جون سازشون جاري آهن عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو آهي ته وفاقي حڪمرانن جون سازشون ملڪ ۾ شامل ايڪائين جي عوام ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪندو

[redacted]

بحران جو شڪار آهي بلوچستان ۾ باهه ٻري رهي آهي ڪي پي ڪي، ڪشمير ۽ گلگت جون حالتون ٺيڪ ناهن سڄي ملڪ جو عوام انتشار ۽ غير يقيني واري صورتحال ۾ آهي اياز لطيف پليجي چيو ته غريب عوام مٿان روزانون نوان ٽيڪس مڙهيا وڃن ٿا حڪمران طبقو ۽ امير طبقو سمورن وسيلن تي قابض هجڻ سان گڏ ناجائز ڦرلٽ ڪري رهيو آهي اياز لطيف پليجي چيو ته پورهيت طبقو 2 وقت جي ماني لاءِ پريشان آهي صحت، صاف پاڻي، تعليم سميت بنيادي انساني حقن ۽ کان محروم آهي اياز لطيف پليجي چيو ته وفاق سنڌ کي ڪريشن جي ڪالوني بنائي ڇڏيو آهي ڪا به نئين يونيورسٽي اسپتال يا انڊسٽري قائم ناهي ڪئي وئي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ سرڪاري ڪالا ڪريشن جي ڪينسر ۾ ورتل آهن عوام کي هر ڪم لاءِ رشوت تي مجبور ڪيو وڃي ٿو جيڪو ماڻهو رشوت نٿو ڏئي ان جو ڪم نٿو ٿئي اياز لطيف پليجي چيو ته نااهلي، ناڪامي، ڪرپشن ۾ موجود حڪومت گذريل حڪومت جو تسلسل ثابت ٿي آهي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي به نٿو ڏنو وڃي.

[redacted]

ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي _ تقريب ۾ انٽرميڊيئيٽ جي مختلف گروپس ۾ پهرين، ٻئين ۽ ٽئين پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ گولڊ ، سلور ميڊلز ، روڪ رقم ۽ تعارفي سرٽيفڪيٽس ورهايا ويا _ ان موقعي تي ڪاليجن جي پرنسپلز، استادن ۽ ٽاپ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگرديائين جا والدين پڻ موجود هئا تقريب کي خطاب ڪندي ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي پوزيشن هولڊرن سندن والدين ۽ استادن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته شاگردن جي ڪاميابي هڪ اجتماعي ڪاميابي آهي جنهن ۾ شاگردن سان گڏ سندن استاد ۽ والدين جو پڻ مک ڪردار رهيو آهي _ هن چيو ته اها ڪاميابي مستقبل جي چيلنجن کي منهن ڏيڻ جي شروعات آهي_ هن چيو ته والدين،استادن ۽ دوستن کي جيڪيون اميدون ساڻن وابسته آهن انهن تي کين پورو لهڻو پوندو _ هن چيو ته شعبي جي چونڊ انسان پاڻ ڪندو آهي بحرحال پنهنجي منتخب شعبي ۾ ڪاميابي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪري پنهنجو رستو ڳولهڻو پوندو آهي_ هن چيو ته اجوڪي تقريب جو مقصد شاگردن جي هن مهل تائين جي ڪاميابي جو اعتراف ۽ کين مستقبل جي سفر لاءِ سندن همت افزائي ڪرڻ آهي _ هن چيو ته اهي ئي نوجوان مستقبل ۾ ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين اعليٰ عهدن تي فائز ٿي پنهنجي معاشري جي نظام ۾ بهترين ڪردار ادا ڪندا جيڪو سندن والدين، استادن ۽ دوستن لاءِ باعث فخر هوندو تقريب کي خطاب ڪندي چيئرمين تعليمي بورڊ حيدرآباد فقير محمد لاکو چيو ته پوزيشن هولڊر شاگردن ۽ شاگرديائين جي وڌيڪ ڪاميابين لاءِ پڻ انعام رکيا ويا آهن _ هن چيو ته نمايان پوزيشن حاصل ڪرڻ شاگردن جي محنت ۽ صلاحيت جو اعتراف آهي جڏهن ته سندن حوصلا افزائي کين مستقبل ۾ پڻ پنهنجي فيلڊ ۾ وڌيڪ اڳيان وڌڻ ۽ نمايان مقام حاصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي _ تقريب ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙن شاگردن ۾ گولڊ ميڊل ۽ 50 هزار رپيا جڏهن ته ٻي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ سلور ميڊل ۽ 20 هزار رپيا انعام طور ڏنا ويا _ اهڙي طرح پري انجنيئرنگ گروپ ۾ عبدالله گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ٽنڊو غلام علي پهرين پوزيشن حاصل ڪئي جڏهن مناهل ميمڻ گورنمينٽ نذرت گرلز ڪاليج بي ۽ عابده گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول بڪر جمالي ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي انٽرميڊيئيٽ ڪمپيوٽر سائنس گروپ ۾ قرة العين گرنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان پهرين، مريم بي بي گورنمينٽ گرلز زبيده ڪاليج بي ۽ آمنا علي ورڪرز انٽرميڊيئيٽ ڪاليج فار گرلز سائيٽ ڪوٽڙي ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي _ انٽرميڊيئيٽ هيومنٽيز گروپ ۾ پروين گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج سيوهڻ پهرين ، مرڪ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊو محمد خان ٻي ۽ سلميٰ گورنمينٽ کي بي ايم ايس گرلز ڪاليج حيدرآباد ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي

[redacted]

رڻ آهي ان منصوبي جي اصولن مطابق 95 ارب رپين جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي پر هن پي اينڊ ڊي ۽ گهرو کاتي کي هدايت ڪئي ته اهي ان جي ماسٽر پلان جو جائزو وٺن ۽ منصوبي کي منظوري لاءِ لاڳاپيل فورمن تي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجون سفارشون جمع ڪرائين اڳاري ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير گڏيل سيڪيورٽي ڪمپليڪس جي جامع تجويز جو جائزو ورتو ۽ گهرو کاتي پوليس کاتي پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ کاتي ۽ فنانس کاتي کي هدايت ڪئي ته اهي تمام طريقيڪار جي گهرجن کي تيز ڪن ته جيئن منصوبي جو پهريون مرحلو (فيز-I) موجوده مالي سال دوران شروع ٿي سگهي اجلاس ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه سيڪريٽري ناڻو اصغر ميمڻ ۽ پوليس جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي

[redacted]

ابڙو ، رئوف مينگل ، امير علي ٿيبو ، حسين بخش ٿيبو ، خميسو خان پند شامل هئا جن کي SUP جي مرڪزي نائب صدر سيد منير حيدر شاهه پارٽي پاران ڪين سنڌجي ثقافت موجب لنگيون پهرايون ان کان اڳ مرڪزي اڳواڻ منير اي نائچ آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي آيلن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ ٻيا شامل هئا جن ترتيب وار ويچار ونڊيا جڏهن ته SUP ڪارڪن سميت هزارين ماڻهو شريڪ هئا هئا ان موقعي تي علي سومرو ۽ پرويز سومرو اسٽيج جي ذميواري سنڀالي جڏهن ته فلڪ شير اوڏ ، ايوب ڪوسو ، بچل ڏاهيو ، اسرار سومرو جن پنڊال جا | نظام سنڀالي مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو پروگرام جي آخر ۾ SUP جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته سيد امداد محمد شاهه هڪ ڪردار جو نالو آهي پاڻ پوري حياتي سماج جي ڀلائي - لاءِ گذاري اسيمبلي جي اندر ۽ اسيمبلي کان باهر سنڌ سوچ انسانيت جي ڀلائي خاطر چنتا ۾ گذاري سيد امداد شاهه خاص طور تعليم ، صحت ۽ روڊن رستن جي جار وڇائڻ جي حوالي سان اڳين صفن ۾ هوندو هو جڏهن ته سندن زراعت ۾ به دلچسپي هوندي هئي سيد زين شاهه جذباتي انداز ۾ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي ورهائڻ جي ناپاڪ سازش هلي رهي آهي جنهن ۾ پيپلز پارٽي ۽ اسٽيبلشمينٽ شامل آهي پر اسين کين ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته سنڌي اڃا زنده آهن اوهان کي ڪنهن به صورت ۾ نه سنڌ ورهائڻ ڏينداسين ، نه ڪينال ٺاهڻ ڏينداسين ۽ نه روڙي انتظامي حوالن سان سنڌ ۾ ڪو نظام قائم ڪرڻ ڏينداسين ان ڪري اوهان جي دماغ ۾ جيڪا سنڌ ورهائڻ جي ٿڏ ويٺل آهي ان کي ڪڍي ڇڏيو سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته اسان سان مختلف سياسي ، مذهبي ، ادبي ۽ سماجي تنظيمون رابطي ۾ آهن جن جي صلاح مشورن ۽ گڏيل طاقت سان سنڌ جي حقن جي حفاظت ڪنداسين.

ت [redacted]

رهواسي ۽ پاڪ بحريه جو ملازم ٻڌايو وڃي ٿو لاش جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو اتحاد ٽائون ٿاڻي جي حد بلديه قائمخاني محمد بن قاسم چوڪ وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر سبب 23 ورهين جو زڪريا ولد شير محمد فوت ۽ 29 ورهين جو بلال ولد وزير سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو سائيٽ ايريا سيمنس چورنگي وٽ مزدا جي ٽڪر سبب 30 ورهين جو محمد ابراهيم خان سخت زخمي ٿي پيو جنهن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي..

[redacted]

مٽيار فيڊر ٽيچرز ايسوسيئيشن جي ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن غلام مصطفيٰ جاڪرو حيدر پنهور نور حسن جاڪرو محمد عمر درس عبدالغفور لاشاري اياز علي عبدالشڪور جوکيو ۽ ٻين نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ ڳالهائيندي الزام هنيو آهي ته ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ٺٽو ۽ ٽريزري آفيس مڪلي جي عملي پاران ڪاٺڻ پگهارن جا بل پاس ڪرائڻ لاءِ رشوت جي گهر ڪئي پئي وڃي سندن گذريل ٽن مهينن جون پگهارون رولڙي ۾ پيل آهن هنن ٻڌايو ته فنانس کاتي پاران سندن ٽن مهينن جون پگهارون جاري ٿيڻ ۽ تعليم کاتي جي ڊي اي اوز پاران سندن بل ٺاهي ٽريزري آفيس اماڻيا ويا آهن پر مهيني کان وٺي کين رلايو پيو وڃي هنن چيو ته سندن 217 استادن جي هر مهيني جي پگهار 37 هزار روپيه ٿئي ٿي پگهارون جاري نه ٿيڻ سبب معاشر استاد فاقاڪشي ۾ مبتلا آهن ۽ ٽريزري آفيس ٺٽو جي مختلف ٽيبلن تي ويٺل عملو ڊار ڊار ڪاٺڻ بلن تي صحيحن لاءِ رشوت گهري رهيو آهي جنهنڪري آهي سخت پريشان آهن هنن اعلان ڪيو آهي ته اهي سڀاڻي استاد ۽ استاديائيون ٽريزري عملي جي روپي رشوت طلبي ۽ پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف مڪلي تي نيشنل پريس ڪلب ٺٽو کان احتجاجي ريلي ڪڍي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ٺٽو اڳيان ڌرڻو هڻي سخت احتجاج ڪندا هنن گهر ڪئي آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ڪين پگهارون ڏياريون وڃن ۽ ٽريزري آفيس جي عملي خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

[redacted]

ڌمڪيون ملڻ خلاف صحافين کي وائيس ميسيج اماڻيندي آواز اٿارڻ جي اپيل ڪئي جڏهن ته هن ايس ايس پي ٿرپارڪر کي درخواست ڏئي مريد مڪواڻو پاٽي خان ۽ قادر بخش مڪواڻو خلاف قانوني ڪارروائي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ ۽ ڪيس توڙي سنڌس گهرواري کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي غلام علي باراچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته "مان ڪوٺلي جي ڊيوٽي تي ويندو آهيان جيڪڏهن مون کي ڪو نقصان پهتو ته ان جا ذميوار مريد مڪواڻو ۽ سنڌس پٽ هوندا" هن ته ڪيس مخالف ڌر پاران مسلسل مبينا طور تي موٽمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن جنهن سبب هو ۽ سندس گهرواري سخت خوف ۾ مبتلا آهن ايس ايس پي ٿرپارڪر کي ڏنل درخواست ۾ غلام علي باراچ موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس گهرواري مسمات رضوانه شاديءَ جي سلسلي ۾ هن سان گڏ رهائش پذير آهي جنهن معاملي تان مخالف ڌر سان تڪرار پيدا ٿيو آهي سندس چوڻ موجب مخالف ڌر پاران ڪيس مسلسل ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ڪيس خدشو آهي ته ڪيس يا سندس گهرواري کي ڪنهن به وقت نقصان پهچائي سگهجي ٿو درخواستگذار موجب معاملي بابت اڳ ئي عدالت سان پڻ رجوع ڪيو ويو هو جتي عدالت طرفان ڪيس تحفظ فراهم ڪرڻ بابت حڪم پڻ جاري ڪيا ويا پر ان باوجود مبينا ڌمڪين جو سلسلو بند نه ٿيو آهي غلام علي باراچ دعويٰ ڪئي ته ڪيس ملندڙ مبينا ڌمڪين جون آڊيو رڪارڊنگ پڻ رڪس موجود آهن جيڪي ضرورت پوڻ تي لاڳاپيل اختيارين کي پيش ڪري سگهجن ٿيون هن چيو ته هو روزگار جي سلسلي ۾ ڪوٺلي جي ڊيوٽي تي ويندو آهي تنهن ڪري ڪيس پنهنجي جان ۽ گهرواري جي سلامتي بابت ڳڻتي آهي هن ايس ايس پي ٿرپارڪر کان مطالبو ڪيو ته درخواست ۾ نامزد مريد مڪواڻو پاٽي خان ۽ قادر بخش مڪواڻو خلاف مبينا ڌمڪين جي جاچ ڪرائي قانون موجب ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ۽ ڪيس توڙي سنڌس گهرواري کي فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

روزاني عبرت [redacted]

صادق طور ڪئي ويئي انهي سلسلي ۾ لڪي گيسٽ هائوس جي مالڪ ممتاز راهمون موجب پيرسن رات جو دير سان گيسٽ هائوس تي ترسڻ لاءِ پهتو هو ڪمرو بڪ ڪرايائين مون انٽري ڪري پيچا ڳاڇا ڪئي ته سندن چوڻ هو ته آئون ٽرڪول تي ڪم ڪريان ٿو مون کي صبح جو سوير وڃڻو آهي دير تائين نه اٿڻ سبب ملازم ڪمري جو در کولي ڏٺو ته ٻاٿروم جي پرسان فرش تي ڪريو پيو هواسان بروقت پوليس کي اطلاع ڪيو پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيو انهي سلسلي ۾ پوليس موجب فوتي جي وارثن کي اطلاع ڪيو ويو وارثن جي پهچڻ بعد لاش ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو پيرسن بيمار هو سندن جي بسترين تان دوائون پڻ مليون وارثن پڻ تصديق ڪئي ته پيرسن کي دل جي تڪليف رهندي هئي ڊاڪٽرن موجب پيرسن جو موت هارٽ اٽيڪ سبب ٿيو آهي

[redacted]

پيش اينڊ پيشورانہ مسئلن ۽ علائقي جي معاشي، سماجي ۽ ماحولياتي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي قونصليٽ جي ٽيم مقامي صحافين جي تجربن ۽ علائقي جي عوام کي درپيش مسئلن بابت سندن نقطه نظر کان آگاهي حاصل ڪئي صحافين پاڻي جي کوٽ، سنڌو ڊيلٽا ۾ پاڻي جي گهٽتائي، زرعي مسئلن ماحولياتي ۽ آبي آلودگي، بيروزگاري، مهانگائي ۽ بنيادي سهولتن جي صورتحال سميت صحت، تعليم، روڊن ۽ نيڪال واري نظام بابت مسئلن جي نشاندهي ڪئي هنن علائقي ۾ منشيات جي اسمگلنگ ۽ استعمال ۾ واڌ، خاص طور تي آئس (ميٿ ايمفيٽامين) جي وڌندڙ استعمال ۽ ان جي نوجوانن تي پوندڙ اثرن بابت پڻ ڳڻتي جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ مقامي سطح تي صحافت کي درپيش چيلنجن ڊجيٽل ميڊيا جي وڌندڙ ڪردار فيڪٽ چيڪنگ، ڊجيٽل سيڪيورٽي، تحقيقاتي صحافت ۽ مصنوعي ذهانت سميت جديد ميڊيا ٽيڪنالاجي جي ذميوارانه استعمال تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آمريڪي قونصليٽ جي ٽيم بدين جي صحافين پاران مقامي مسئلن جي رپورٽنگ ۾ ادا ٿيندڙ ڪردار کي ساراهيو ۽ پاڪستان ۽ آمريڪا وچ ۾ عوامي رابطن ۽ معلومات جي ڏي وٺ جي اهميت تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ان موقعي تي بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ جنرل سيڪريٽري عبدالشڪور ميمڻ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سينيئر نائب صدر ۽ بدين پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر تنوير احمد آرائين اشرف عبدالله ميمڻ ۽ ٻين سينيئر صحافين مرتضيٰ ميمڻ عمران عباس، خالد عباسي، عطا چانڊيو عطا سنڌيار ۽ ٻين پنهنجا خيال پيش ڪيا ملاقات جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙ صحافين سفارتي ادارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين وچ ۾ رابطن کي مقامي مسئلن کي سمجهڻ ۽ معلومات جي ڏي وٺ لاءِ فائديمند قرار ڏنو

HESCO حيدر آباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

ٽينڊر کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ

اهو اطلاع ٿو ڏنو وڃي ته حيسڪو جي سال 2025-26 لاءِ ترسيل ۽ ورڇ (T&D) جي فني نقصانن جي مطالعي ۽ تخميني جي سلسلي ۾ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪرڻ لاءِ آڇن جي دعوت سان لاڳاپيل اشتهار، جيڪو 02-09-2026 تي روزاني ڊان ڪراچي، روزاني جهانِ پاڪستان ۽ روزاني عبرت حيدرآباد ۾ تصحيح ذريعي PID (H) 59/2026 تحت شايع ڪيو ويو هو، ۾ ڄاڻايل آڇ کولڻ جي تاريخ ۾ واڌ ڪئي وئي آهي.

تنهن ڪري، آڇ کولڻ جي مقرر ڪيل تاريخ 30-09-2026 تي صبح 11:00 وڳي بدران هاڻي 15-10-2026 تي صبح 11:00 وڳي مقرر ڪئي وئي آهي.

چيف انجنيئر (P&E)
حيسڪو حيدر آباد

PID (H) 89/2026

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)
URAAN PAKISTAN

آچون گهرائڻ ٽيون | شين جي خريداري

1. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) مالي سال 2026-27 لاءِ رئيل خريداريءَ لاءِ فنڊز مختص ڪيا آهن. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پروڪيورمينٽ) انهن فنڊز مان حاصل ٽينڊرز رقم جو هڪ حصو هيٺ ڏنل معاهدي تحت واجب الادا رقم جي ادائيگيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي: "T-3027-FA-REQ-1025-1-00166: بي او ڪيو مطابق مڪمل ايئر سائيڊ جي مقامي ڪمن لاءِ سامان جي فراهمي ۽ خدمتن جي هائرنگ، جنهن ۾ سمورن لاڳاپيل سامان، معاون نظام، ڊڪٽنگ، انسوليشن، فينز BMS، جي تنصيب ۽ ٻين لاڳاپيل شين جي فراهمي پڻ شامل آهي." جنهن جو حوالو نمبر "P97735" آهي.
2. پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ (پروڪيورمينٽ)، اهل واڪ ڏيندڙن کان مهربند آچون گهرائي ٿي، ته جيئن EPADS v2.0 تي واڪ دستاويزن ۾ بيان ڪيل شين جي خريداري ڪري سگهجي.
3. جاڻايل خريداريءَ لاءِ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 ۽ اٿارٽيءَ پاران وقت بوقت جاري ڪيل سمورن لاڳاپيل ضابطن، ريگيوليٽري گائيڊز، پروڪيورمينٽ گائيڊ لائينز ۽ هدايتن مطابق هڪ مرحلو هڪ لفافي جو طريقيڪار اختيار ڪندي ليسٽ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (LCBS) ٽيڪنڪ استعمال ڪئي ويندي.
4. سمورين آچن سان گڏ آچ جي ضمانت، واڪ دستاويزن جي بڊ سيڪيورٽي واري حصي ۾ ڏنل رقم مطابق، مقرر طريقيڪار تحت جمع ڪرائڻ لازمي آهي. آچ جي ضمانت لاڳو نه آهي، تنهن هوندي به سمورين آچن سان گڏ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل مقرر فارميٽ مطابق بڊ سيڪيورنگ ڊيڪليئريشن لازمي طور جمع ڪرائي ويندي.
5. اِي-آچ جا دستاويز جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، فني وضاحتون ۽ گهرجون وغيره شامل آهن، اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) تي EPADS v2.0 جي سمورن رجسٽرڊ ۽ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ: https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/97735 تي موجود آهن. واڪ ڏيندڙن لاءِ ضروري آهي ته هو آچ جي عمل ۾ شرڪت لاءِ EPADS v2.0 تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪن.
6. اليڪٽرانڪ آچون، جيڪي اليڪٽرانڪ واڪ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيون ويون هجن، خميس، 15 آڪٽوبر 2026، صبح 11:00 وڳي تائين لازمي طور EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرايون وڃن. اليڪٽرانڪ آچون ساڳئي ڏينهن خميس 15 آڪٽوبر 2026، صبح 11:30 وڳي EPADS v2.0 ذريعي کوليون وينديون. هٿوهٿ جمع ڪرايل آچ جون ڪاپيون قابل قبول نه ڪيون وينديون. اهي سروس فراهم ڪندڙ جن اڃا تائين EPADS v2.0 جي نئين ورزن تي رجسٽريشن ناهي ڪرائي اهي https://vendors.epads.gov.pk تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار جي وضاحت لاءِ تربيتي وڊيو لنڪ https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7Tc تي موجود آهي.
7. پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز، 2004 جي رول 48 مطابق، هن خريداري لاءِ شڪايتن جي ازالي واري ڪميٽي (GRC) جوڙي وئي آهي. جنهن جو نوٽيفڪيشن خريداري ڪندڙ اداري جي ويب سائيٽ، پي پي آر اي جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk ۽ EPADS v2.0 جي ويب سائيٽ تي پڻ موجود آهي.

ڊپٽي جنرل مينيجر (پروڪيورمينٽ)، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ جناح ايونيو ملير هالٽ، ڪراچي
فون: 0000-687-333-92+ اي ميل: furquan.awan@pspc.gov.pk

PID K-1093/26

ڪنڌڪوٽ پرسان هٿياربندن جي فائرنگ، ٻنگوار برادري جو نوجوان قتل

ملير واري علائقي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ محمد خان ٻنگوار ٿڏي تي مارجي ويو

اطلاع پوليس واقعي واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٻنهي ڌريون مورچا بند ٿي ويون، ڪنهن بہ وقت خونريزي وڌڻ جو خدشو ظاهر، واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ملير واري علائقي ڳوٺ قلندر بخش شاهہ لاڙي وٽ موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن ٻنگوار برادري جي نوجوان مٿان جديد هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا اڻاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب نوجوان محمد خان پٽ حافظ عبدالغفور ٻنگوار ٿڏي تي قتل ٿي ويو جڏهن تہ هٿياربند فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا اهڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جو وفد انفارميشن ڪمشنرن سان گڏ بيٺل

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي وفد جو سنڌ انفارميشن ڪميشن جو دورو

درخواستن جي طريقيڪار ۽ شهرين جي قانوني حقن بابت وفد کي بريفنگ

انڊونيشيا جي وفد پاران ڪميشن جي ڪارڪردگي ۽ مستقبل جي منصوبن کي ساراهيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل انڊونيشيا جي هڪ وفد سنڌ انفارميشن ڪميشن (SIC)جو دورو ڪيو جنهن صوبي ۾ سنڌ ٽرانسپيرنسي اينڊ رائيٽ ٽو انفارميشن ايڪٽ 2016 جي لاڳو ٿيڻ تجربن ۽ چاڻ جي مقاصدا، خاص طور تي سنڌ جي سرڪاري کاتن ۽ ٻين عوامي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٻہ عورتون زخمي

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد ڳوٺ مصري شاهہ ۾ زميني تڪرار تان ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب 50 ساله مسمات گل زادي جڏهن تہ مٿي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: فائرنگ ۾ مارجي ويل ڳوٺاڻي جو لاش پيل آهي

ٻارن کي معياري ۽ سازگار تعليمي فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي: ڪامل حيدر

تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا

اسڪولن جو جامع جائزو وٺي موجود وسيلن کي موثر طريقي سان استعمال ڪيو ويندو

سکر (بيوروروپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر ۾ ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪامل حيدر شاهہ ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر خان شهزاد جي صدارت هيٺ ضلعي جي تعليمي معاملن ۽ اسڪولن جي صورتحال بابت هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سکر ضلعي جي مختلف علائقن بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

دادو پوليس جون منشيات سپلائرز خلاف ڪارروايون، گٽڪا ۽ چاليہ هٿ، 2 جوابدار گرفتار

دادو(ڊ ر) دادو پوليس جون منشيات سپلائرز خلاف ڪارروايون وڏي مقدار ۾ گٽڪا ۽ چاليہ هٿ، 2 جوابدار گرفتار، دادو پوليس جون منشيات سپلائرز خلاف ڪارروايون وڏي مقدار ۾ گٽڪا ۽ چاليہ هٿ، 2 جوابدار گرفتار، اي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس سٽيزن شادي هال پرسان ڪارروائي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جي سماج سڌارڪ سنت نيٽورام جو 53 هون ساليانو ميلو شروع

مهيش ڪمار ملاڻي، ڊاڪٽر رميش وانڪواڻي ۽ ٻين چادر چاڙهي ميلي جو افتتاح ڪيو

ميلي جي حوالي سان آشرم توڙي شهر جي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي ٻجير) اسلام ڪوٽ جي ناميارِي سماج سڌارڪ ۽ هندن جي مهان پڳت سنت نيٽورام جو 53 هون ساليانو ميلو ڪالهہ شام کان اسلام ڪوٽ جي پورڻ پارٿي آشرم (آڪاڙو) ۾ شروع ٿي ويو آهي،انهي سلسلي ۾ اسلام ڪوٽ جي هندو پنچائت پاران پورڻ پارٿي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جو سنت نيٽورام آشرم انسانن، پکين ۽ جانورن لاءِ سهارو بڻيل، روزانو لنگر ۽ داڻو وجهڻ جو سلسلو جاري

اسلام ڪوٽ: اسلام ڪوٽ جي سنت نيٽو رام جو آشرم (آڪاڙو) لاچار انسانن پسو ۽ پکين جي لاءِ وڏو سهارو بڻيل آهي،جتي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ سنت نيٽورام جي نالي تي صحت مرڪز توڙي هنري مرڪز بہ قائم ٿيل

اسلام ڪوٽ: اسلام ڪوٽ جي سماج سڌارڪ ۽ هندن جي مهان سنت پڳت نيٽورام جي نالي تي اسلام ڪوٽ ۾ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ميلي دوران ٽئين ڏينهن ملاکڙو جاري رهندو نالي وارا ملهہ پهلوان زور آزمائي ڪندا

اسلام ڪوٽ:سنت نيٽورام جي ميلي وارا ٽئين ڏينهن ملاکڙو بہ جاري رهندو،جنهن ۾ سنڌ جا نالي وارا پهرين جوڙ جا ملهہ پهلوان حصو وٺي هڪ ٻئي کي ملهوڙ ماري شوقينن کي تفريح جو موقعو فراهم ڪندا،انهي لاءِ گرائونڊ بہ صاف ڪيو ويو آهي،جتي ملاکڙو ڪيو ويندو

سکرنڊ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي پاران سيد امداد محمد شاهہ جي 22 هين ورسي تقريب

سنڌ جي ورهائڻ جي ناپاڪ سازش ۾ پيپلز پارٽي ۽ اسٽيبلشمينٽ شامل آهي: زين شاهہ

سنڌي اڃا زنده آهن ڪنهن بہ صورت ۾ نہ سنڌ ورهائڻ ، نہ ڪينال ناهڻ ۽ نہ ڪو نظام قائم ڪرڻ ڏينداسين

تقريب کي سيد ڊاڪٽر سيد ضياء شاهہ ، سيد ظفر علي شاهہ، مجيب ماڇي ، رمضان ٻرڙو ۽ ٻين جو خطاب

سکرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي مرڪزي صدر سيد زين شاهہ جي صدارت هيٺ وحدت سنڌ ۽ برک سياستدان سيد امداد محمد شاهہ جي 22 هين ورسيءَ جو گڏيل پروگرام شهيد جيئي جنگ گرائونڊ تي منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف شهرن مان SUP جا عهديدار ۽ ڪارڪن وڏي انگ ۾ شريڪ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سيد امداد محمد شاهہ
وحدت سنڌ جلسو
سکرنڊ: سيد امداد محمد شاهہ جي 22 هين ورسي جي موقعي تي اڳواڻ اسٽيج تي ويٺل آهن

ڪپرو ۾ ڳوٺاڻن جو ايس ايڇ او ۽ ڊورو نارو جي زيادتين خلاف احتجاج، ٽن ڄڻن کي کڻڻ جا الزام

ڳوٺ لال محمد شر واسين چنيسر شر، رمضان، پيار علي، نبي بخش مائي خان شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او مومن گجو نور علي شر، حسن شر ۽ اسماعيل شر کي ڪار سميت بلاجواز گرفتار ڪيو آهي: مظاهرين

خدشو آهي تہ حراست ۾ ورتل ماڻهن کي ڪٿي هاف فراءِ يا فل فراءِ ڪري ماريو نہ وڃي، انصاف ڪيو وڃي

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ويجهو لال محمد شر جي ڳوٺ جي رهواسين نور علي شر حسن شر ۽ اسماعيل شر جي مبينا گرفتاري خلاف ڳوٺاڻن چنيسر شر رمضان شر پيار علي نبي بخش، مائي خان شر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بيٺنجا ڳوٺاڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو تہ سندن نوجوانن کي ايس ايڇ او ڊورنارو مومن گجو مبينا طور گرفتار ڪري ورتو آهي هنن دعويٰ ڪئي تہ مومن گجو مهراڻ کان موبائل فون ۽ سٺ لک بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بدين: گرفتار ڪيل ڪي جوابدار لاڪپ ۾ بند پيل آهن

حڪمرانن وٽ ملڪ جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي جو ڪو بہ پروگرام ناهي:اياز پليجو

جيڪو ڪم دشمنن کي ڪرڻ گهرجي اهو مسلط ڪيل حڪمران ڪري رهيا آهن

بلوچستان ۾ باهہ ٻري رهي آهي، ڪي پي ڪي، ڪشمير ۽ گلگت جون حالتون ٺيڪ ناهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)قومي عوامي تحريڪ جي سربراهہ اياز لطيف پليجي چيو آهي تہ نااهل حڪمرانن وٽ ملڪ جي ترقي ۽ عوام جي ڀلائي جو ڪو بہ پروگرام ناهي جيڪو ڪم دشمنن کي ڪرڻ گهرجي اهو مسلط ڪيل حڪمران ڪري رهيا آهن سڄو ملڪ سياسي ۽ معاشي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد تعليمي بورڊ جي انٽرميڊيئيٽ پوزيشن هولڊرز ۾ ميڊلز ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

تقريب ۾ ڊويزنل ڪمشنر فياض حسين عباسي خاص مهمان، شاگردن جي حوصلا افزائي

پهرين نمبر حاصل ڪندڙن کي گولڊ ميڊل ۽ 50 هزار، ٻي پوزيشن وارن کي سلور ميڊل ۽ 20 هزار رپيا انعام ڏنو ويو

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد تعليمي بورڊ جي انٽرميڊيئيٽ امتحان جي پوزيشن هولڊرز ۾ ميڊلز روڪ رقم ۽ سرٽيفڪيٽس ورهايا ويا حيدرآباد تعليمي بورڊ جي انٽرميڊيئيٽ جي ساليانی امتحان 2026 جي حوالي سان شهباز هال حيدرآباد ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ ڊويزنل بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: گهٽين جي رستن تي بيٺل پاڻي مان سواريون گذري رهيون آهن

بدين پوليس ڪارروائي، بئنڪ اڪائونٽ کولي فراڊ ڪندڙ ٽولي جا 3 ڄڻا گرفتار

مالي فائدا ڏيڻ جو لالچ ڏئي عورتن ۽ مردن جي نالي تي مختلف بئنڪن ۾ اڪائونٽ کولرائڻ جو انڪشاف

گرفتار جوابدارن جي موبائيل فونن مان بئنڪ اڪائونٽن جا تفصيل ۽ واٽس ايپ گروپ هٿ اچڻ جي دعويٰ

بدين (ڊ ر) بدين پوليس ڀهراڙين جي ماڻهن جا بينڪ اڪائونٽ کولي ساڻن ٺڳيون فراڊ ڪندڙ 5 رڪني ٽولي کي بي نقاب ڪري ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو ڪيس داخل تفصيل موجب ڊي آءِ سي انچارج سب انسپيڪٽر محمد عارف جروار ايس ايڇ او بدين علاول خاصخيلي سي آءِ اي پوليس بدين جي انچارج علن خان عباسي ڀهراڙين جي ماڻهن جا موبائيل زرعي بينڪ اڪائونٽ کولي ساڻن ٺڳيون فراڊ ڪندڙ ٽولي کي بي نقاب ڪري ٽن ڄڻن عبدالرزاق ٻوهڙ عرفان علي ٻوهڙ جميل الزمان ٻوهڙ کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ ٻہ نوسرباز ثناالله ٻوهڙ ۽ دلدار بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت پاران ايس ايس يو هيڊڪوارٽرز ۽ جديد سيڪيورٽي ٽريننگ اڪيڊمي لاءِ 9.5 ارب رپين جي منظوري

منصوبي ۾ 3 هزار کان وڌيڪ مرد ۽ 300 عورت اهلڪارن لاءِ جديد تربيتي رهائشي ۽ انتظامي سهولتون فراهم ڪرڻ جي تجويز

فيز-I لاءِ 4.483 ارب رپين جي لاڳت جو اندازو، فائرنگ رينجز، سيموليشن رومز، K-9 ۽SWAT ٽريننگ سميت جديد سهولتون شامل

ترجيحي بنيادن تي منصوبي جي ٽيڪنيڪل ۽ مالي جاچ مڪمل ڪري ڪيس رپورٽ پيش ڪئي وڃي:مراد علي شاهہ

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ڪراچي جي علائقي چوڪنڊي ۾ تجويز ڪيل جديد ترين اسپيشل سيڪيورٽي يونٽ (SSU) هيڊڪوارٽرز ۽ سيڪيورٽي ٽريننگ اڪيڊمي جو جائزو وٺندي، جنهن جو مقصد سنڌ پوليس جي خصوصي سيڪيورٽي ۽ دهشتگردي جي روڪٿام جي تربيتي صلاحيتن کي قومي ۽ بين الاقوامي معيارن مطابق تبديل ڪ آهي ان منصوبي جي اصولن مطابق 9.5 ارب رپين جي منظوري ڏئي چڪي آهي پر هن پي اينڊ ڊي ۽ گهرو کاتي کي هدايت ڪئي تہ اهي ان جي ماسٽر پلان جو جائزو وٺن ۽ منصوبي کي منظوري لاءِ لاڳاپيل فورمن تي پيش ڪرڻ لاءِ پنهنجون فارشون جمع ڪرائين اڳاري بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

دادو: ايم پي اي پير مجيب صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

گمبٽ: گمس ۾ دل جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ڪوٽڏيجي پوليس پاران فيصل گلزار پٽو قتل الزام ۾ جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدار ڪريم بخش، عبدالحفيظ ۽ احمد رند کي گرفتار ڪيو آهي: پوليس

گرفتار جوابدارن ڦر دوران فيصل گلزار پٽو تي فائرنگ جو اعتراف پڻ ڪيو آهي

گمبٽ (ت.ر) فيصل گلزار پٽو قتل ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي ڪوٽ ڏيجي پوليس ايف آءِ آر ۾ نامعلوم ڄاڻايل 3 جوابدارن ڪريم بخش رند، عبدالحفيظ رند ۽ احمد علي رند کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن تہ عبدالعليم عرف نيو رند فرار آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدارن ڦر جي ارادي سان فيصل بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ قتل ٿيل فيصل گلزار پٽو جي وارثن پاران پوليس بي اعتمادي

پوليس پنهنجي مرضي جا نالا ڪيس ۾ ڏيارڻ لاءِ مسلسل دٻاءُ وجهي رهي آهي: وارث

جيڪي نالا شامل ڪيا ويا آهن اهي ختم ڪري معاملي جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي

خيرپور (ڊ ر)ڪوٽڏيجي ٿاڻي جي حد حسين آباد روڊ تي بہ مهينا اڳ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پٽو واقعي وارو معاملو انجنيئر فيصل گلزار پٽو جي وارثن نثار احمد پٽو ، سارنگ پٽو مقتول جي امڙ پاران اهم پريس ڪانفرنس پوليس مٿان بي اعتمادي ظاهر بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهہ ۽ پرپاسي بدامني تي ضابطو نہ آيو هٿياربند واپاري کان لکين رپيا ڦري ويا

ڳوٺ ماڪن ڪبر سر نالي پرسان ٻن هٿياربندن ڦٽين جي واپاري مشتاق ملاح کي ڏينهن ڏٺي يرغمال بڻايو

هٿياربند لک روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن اين سي داخل ڪرائي آهي انصاف ڪيو وڃي: مشتاق ملاح

ٺري ميرواهہ(رپورٽ گلاب سهتو) سيٺارجا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني باهہ ڏيبارجا واسي واپاري کان 8 لک روڪ رقم ڦر. سيٺارجا پرسان ڳوٺ ماڪن ڪبر سر نالي پرسان روڊ تي بہ نامعلوم ڦورو ڏيبارجا جي رهواسي ڦٽين جي واپاري مشتاق ملاح کان هٿيارن جي زور تي ڏينهن ڏٺي جو 8 لک بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو ويگن ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊو مستي لڳ پيش آيل حادثي ۾ نوجوان نواز لاشاري ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي ويگن ۽ ڊرائيور کي تحويل ۾ وٺي لاش اسپتال منتقل ڪيو

گمبٽ (ت.ر) ٽنڊو مستي لڳ ڳوٺ ٻهارو لاشاري واسي نوجوان جي موٽر سائيڪل کي تيز رفتار مسافر ويگن جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان نواز لاشاري ٿڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ حد جي پوليس مسافر ويگن کي ڊرائيور سميت پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

گمبٽ سٽي اسپتال جي ٻارڙن جي وارڊ ۾ مونڪي باڪس جي ڪيسن ۾ واڌ

20 ڏينهن جي طاهره شيخ ۾ موذي مرض جي امڪان جو ڊائريڪٽر گمس نوٽيس ورتو

پروفيسر ڊاڪٽر بختيار احمد ڀنڀرو جي اڳواڻي ٽيم مقرر ڪري تازي ڄاول ٻارن جا سيمپل ورتا ويا

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ سٽي اسپتال جي ٻارڙن جي وارڊ ۾ مونڪي باڪس جي ڪيسن ۾ واڌ ٿيڻ سبب گهوٽڪي جي معصوم نينگري 20 ڏينهن جي طاهره شيخ کي ظاهر ٿيڻ جا امڪان ٿيا آهن گمس سٽي اسپتال گمبٽ جي ٻارڙن جي آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل 20 ڏينهن جي تازي ڄاول معصوم نينگري طاهره شيخ جي حالت نازڪ آهي جڏهن تہ وڌيڪ نينگري جا سيمپل ورتا ويا آهن تہ جنهن خبر پوي تہ مونڪي باڪس جو وڌيڪ علاج ڪيو وڃي جڏهن گمس گمبٽ اسپتال جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي پاران بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ويجهو مبينا ڪاروڪاري جي معاملي تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

ڳوٺ سونو جتوئي پرسان لهر لنڪ روڊ تان 27 ورهين جي نوجوان جو گوليون لڳل لاش هٿ آيو

پوليس لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو تہ سڃاڻپ محمد پيارل ولد علي گل ميربحر طور ڪئي وئي

واقعو مبينا ڪاروڪاري جي معاملي سان لاڳاپيل ٻڌايو پيو وڃي، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

باقراڻي (رپورٽ خدا بخش ابڙو) باقراڻي تعلقي جي شهيد الاهي بخش سيال ٿاڻي جي حد ڳوٺ سونو جتوئي پرسان لهر لنڪ روڊ تان 27 ورهين جي نوجوان جو گوليون لڳل لاش هٿ، شناخت محمد پيارل ميربحر طور مبينا ڪاروڪاري جو معاملو ايس ايس پي لاڙڪاڻو نوٽيس وٺي رپورٽ طلب ڪري ورتي، رپورٽ موجب باقراڻي پرسان بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد ويجهو ٽريڪٽر جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، نينگر فوت

باءِ پاس وٽ پيش آيل حادثي ۾ 13 ورهين جي رشيد گهلو ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

قاضي احمد (ن ع) باءِ پاس روڊ تي ٽريڪٽر ٽانڪي جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

WORLD HEART DAY
DON'T MISS A BEAT
29 September 2026
USE ♥ FOR EVERY ♥
گمبٽ: دل جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي واڪ ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ صنعان خان قريشي سان عبدالرشيد ڏيٿو ۽ رئيس مسعود مهدي جي ملاقات

سنڌ جي موجوده سياسي حالتن ۽ قومي تحريڪ سان لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

عوامي سجاڳي، قومي شعور ۽ جمهوري جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور

هالا (ت ر) جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي سرواڻ صنعان خان قريشي سان سندس رهائشگاهہ گلشن حديد ڪراچي ۾ جسقم بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

وفاقي حڪمران ملڪ جي ايڪائين کي پنهنجي فتح ڪيل جاگير سمجهن ٿا:عوامي تحريڪ

تاريخ گواهہ آهي تہ بنگال کي زبردستي سان ڌار ڪرڻ بعد بہ اسٽيبلشمينٽ ڪوبہ سبق نہ سکيو

اڄ بہ جبر واري پاليسي ذريعي ننڍين صوبن جا حق کسڻ، وسيلن تي قبضا ڪرڻ جون سازشون جاري آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر ۽ ماهر نور ملاح پنهنجي گڏيل پريس بيان ۾ چيو آهي تہ وفاقي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم لڳ ٻن جوابدارن پاران معصوم نينگر سان مبينا بدفعلي، رپورٽ داخل، هڪ گرفتار

ڳوٺ ڏنڙو شريف ۾ جوابدار وقاص ۽ ڪاشف ملڪ 11 ورهين جي نينگر کي ورغلائي خالي جاءِ ۾ وٺي زيادتي ڪئي

متاثر جي وارثن ٿاڻي پهچي شڪايت ڪئي تہ پوليس اين سي داخل ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم تعلقي ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڏنڙو شريف ۾ ٻن جوابدارن وقاص ملڪ ۽ ڪاشف ملڪ پاران 11 سالن جي نينگر کي ورغلائي خالي جاءِ ۾ وٺي وڃي سانس مبينہ بدفعلي ڪئي ۽ فرار ٿي ويا نينگر پاران وارثن کي ٻڌائڻ بعد پوليس کي اطلاع ڏنو ويو پوليس اين سي داخل ڪري هڪ جوابدار وقاص ملڪ کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن تہ نينگر کي ميڊيڪل چيڪ اپ لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو خبر فائل رهڻ تائين واقعي جو ڪيس داخل ناهي ٿي سگهيو

لاڙڪاڻو: اناج منڊي ٻاهران گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

اسلام ڪوٽ واسي کي مبينا قتل جون ڌمڪيون ملڻ خلاف ايس ايس پي کي درخواست

مريد مڪواڻو ۽ سندس پٽ مسلسل موتمار جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: مظاهرين

مانڊڻ مبينا ڌمڪين جون آڊيو رڪارڊنگ پڻ وٽس موجود آهن، اختياريون نوٽيس وٺن

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ڳوٺ ساجواڻي جي رهواسي غلام علي باراڇ مبينا طور تي جان کان مارڻ جون بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ٺٽي جي 217 اين سي ايڇ ڊي فيڊرل استادن جون ٽن مهينن کان پگهارون بند

متاثر استادن جو ٽريزري آفيس عملي تي بل پاس ڪرائڻ لاءِ مبينا رشوت طلب ڪرڻ جو الزام

پگهارون جاري نہ ٿيڻ سبب فيڊرل استاد مالي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن:مظاهرين

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ضلعي اندر اين سي ايڇ ڊي جي فيڊرل استاد طور فڪس پگهار تي مقرر ڪيل 217 استادن کي ٽن مهينن کان وٺي پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف فيڊرل ٽيچرز ايسوسيئيشن ۽ ايڪشن ڪميٽي پاران سپاٽي ٽريزري آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻي جو اعلان ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ مختلف حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت، 6 زخمي، 6 جوابدار گرفتار

پينس ڪالوني مان عورت جو ڳلو ڪٽيل لاش هٿ، سمنڊ ۾ لانچ ٻڏڻ سبب 3 ماهيگير فوت

پوليس مقابلن ۽ مختلف ڪارروائين ۾ 6 جوابدار گرفتار، هٿيار، ايمونيشن، ڦريل موبائل فون، چانديءَ ۽ گٽڪا ماوا هٿ

بهادرآباد مان ڦريل موٽرسائيڪل هٿ، ٽيڪنيڪي ذريعن ۽ سي سي ٽي وي جي مدد سان گم ٿيل 11 ورهين جو ٻار شاهنواز وارثن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ حادثن، فائرنگ، ڦرلٽ، ذاتي دشمني ۽ ٻين واقعن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 ڄڻا فوت ۽ 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن تہ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائين دوران 6 جوابدار گرفتار ڪيا ويا، جن مان هڪ زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيو مختلف ڪارروائين ۾ هٿيار ايمونيشن، ڦريل موبائل فون، چانديءَ ۽ گٽڪا ماوا هٿ ڪيو ويو جڏهن تہ سمنڊ ۾ لانچ ٻڏڻ سبب 3 ماهيگير فوت ٿي ويا ۽ لاشون هٿ اچڻ ڪاڻ ريسڪيو آپريشن مڪمل ڪيو ويو ٽيپو سلطان ٿاڻي جي حد شارع فيصل تي لال ڪوٺي ويجهو تيز رفتار نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب موٽرسائيڪل سوار طارق ولد يوسف فوت ٿي ويو جيڪو رفاه عام گرين ٽائون جو بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

بدين-لواري شريف روڊ تي موٽرسائيڪل سان حادثو، سماجي ورڪر فوت، هڪ زخمي

ٽئون ڳوٺ اسٽاپ وٽ مبينا طور اوچتو ڪتو سامهون اچڻ سبب موٽر سائيڪل حادثي جو شڪار

حادثي جي نتيجي ۾ عابد چانڊيو موقعي تي فوت، سندس ساٿي حيدر ڪاتيار سخت زخمي

زخمي نوجوان کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام

بدين(ڊ ر) بدين لواري شريف روڊ تي ڪيڏڻ کان بدين طرف موٽر سائيڪل تي ايندڙن بدين واسي نوجوان لواري شريف لڳ ٽئون ڳوٺ اسٽاپ وٽ مبينا طور روڊ تي اوچتو ڪتو اچڻ تي حادثي جو شڪار ٿي ويا جنهن دوران وارڊ 6 آبريگيشن ڪالوني جو رهواسي نوجوان سياسي سماجي طور متحرڪ نوجوان عابد چانڊيو موقعي تي فوت ٿي ويو جڏهن تہ سندس دوست نوجوان سماجي ورڪر سوشل ميڊيا ايڪٽيوسٽ انڊس اسپتال بدين جو ملازم حيدر ڪاتيار بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: ڳوٺ لال محمد شرجا ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

حيدرآباد ۾ غيرقانوني وين اڏن ۽ سلينڊر استعمال ڪندڙ گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون، 28

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ غيرقانوني وين اڏن ۽ سلينڊر استعمال ڪندڙ گاڏين خلاف ڪريڪ ڊائون 28 گاڏيون ضبط سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي (آر ٽي اي) حسنين رضا حيدرآباد شهر جي مختلف علائقن ۾ غيرقانوني وين اڏن ۽ گاڏين ۾ سلينڊر جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

محرابپور: زخمي ٿيل صحافي علاج لاءِ اسپتال ۾ داخل آهي

سکر ۾ وڌندڙ بدامني، لاقانونيت، ڦرلٽ خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين مولانا عبيدالله ڀٽو، عبدالصبور ۽ ٻين اکين تي پٽيون ٻڌي احتجاج ڪيو

ڏوهارين خلاف ڪارروائي ڪري شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ وڌندڙ بدامني، لاقانونيت، ڦرلٽ، چوري، ڌاڙن ۽ قتل جي واقعن خلاف ڪاروا اکين تي پٽيون ٻڌي هڪ منفرد احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو شهري اتحاد جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي تعداد احتجاج ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن تہ مظاهرين پوليس ۽ انتظاميا بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ جي گيسٽ هائوس مان ڪراچي واسي پيرسن جو لاش هٿ، ڪاروائي بعد وارثن حوالي

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ جي لڪي گيسٽ هائوس جي ڪمري مان پيرسن جو لاش هٿ آيو اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو لاش جي سڃاڻپ ڪراچي جي ملير واسي 64 ورهين جي پيرسن سيد آفتاب عالم ولد سيد محمد بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

گمس اسپتال ۾ دل جي عالمي ڏينهن حوالي سان آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ ڊاڪٽر نريش ڪمار، ڊاڪٽر غلام جعفر شاهہ ۽ ٻين ماهر ڊاڪٽرن شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي ڪوشش سان گمس ۾ دل جي بيمارين لاءِ سينٽر آف ايڪسيلنس ۾ تبديل ٿي چڪو آهي: مقرر

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) گمبٽ گمس اسپتال پاران دل جي شعبي جي ماهر ڊاڪٽرن جو صحتمند طرزِ زندگي اختيار بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو نوجوان پاڻ کي ريل آڏو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڪچا ڦاٽڪ وٽ نوجوان آصف علي گڏاڻي [illegible] تان ريل آڏو ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ ڪچا ڦاٽڪ پرسان نوجوان ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو آصف علي گڏاڻي ٽرين هيٺان اچي فوت ٿي ويو، اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو فوتي جي مڙهہ کي وارث گهر کڻائي ويا، وارثن موجب نوجوان گهريلو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

آمريڪي قونصليٽ جي اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشنز ٽيم جو بدين پريس ڪلب جو دورو

پاڙي جي ڪوٽ، سنڌو ڊيلٽا، زرعي ۽ ماحولياتي مسئلن ۽ بنيادي سهولتن بابت صحافين پاران آگاهي

آئس جي نوجوانن تي اثرن بابت ڳڻتي، مقامي صحافت کي درپيش چئلينجن تي بہ خيالن جي ڏي وٺ

ڊجيٽل سيڪيورٽي، تحقيقاتي صحافت ۽ مصنوعي ذهانت جي ذميوارانہ استعمال تي ڳالهہ ٻولهہ

بدين (ڊ ر) آمريڪي قونصليٽ جي اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشنز ٽيم جو بدين پريس ڪلب جو دورو، ميڊيا ۽ مقامي مسئلن تي ڳالهيون آمريڪي قونصليٽ جنرل ڪراچي جي اسٽريٽجڪ ڪميونيڪيشنز ٽيم ٽيم ليڊر سيف جسڪاڻي جي اڳواڻي ۾ بدين پريس ڪلب جو دورو ڪيو ۽ پريس ڪلب جي قيادت ۽ ضلعي جي سينيئر صحافين سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران بدين ۽ هيلين سنڌ جي ميڊيا منظرنامي، مقامي صحافين کي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: رپڙي جا رهواسي بدامني خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گمبٽ لڳ واپاري کان ڦر واقعي خلاف رپڙي شهر ۾ مڪمل شٽربند هڙتال، احتجاجي مظاهرو

گذريل ڏينهن سلز مين ياسين ڪوري کي هٿياربندن يرغمال بڻائي 6 لک روپيا ڦري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف واپارين سياسي سماجي اڳواڻن شهرين شٽربند هڙتال ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪيو

24 ڪلاڪ گذرڻ جي باوجود پوليس ڪک پڃي پٽڙو نہ ڪيو آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي رقم واپس ڪرائين: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) تعلقي گمبٽ جي علائقي رپڙي ۾ گذريل ڏينهن ڪارگو ڊرائيور کي هٿياربندن پاران يرغمال بڻائي 6 لک روپيہ ڦرڪرڻ خلاف واپارين سياسي سماجي اڳواڻن شهرين ۽ ڳوٺاڻن پاران رپڙي شهر ۾ شٽربند هڙتال ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو گذريل ڏينهن سلز مين ياسين ڪوري کان کهڙا لنڪ روڊ وٽ ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن هٿيارن جي زور تي 6 لک روپيہ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هٿا بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جو منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون جاري، 8 جوابدار گرفتار، منشيات برآمد

ضلعي جي مختلف هنڌن تي ڪارروائين ۾ عمران وساڻ، حب شيخ، آفتاب، عرفان منگنهار کي گرفتار ڪيو: پوليس

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات، شراب ۽ نشي آور سپاريون هٿ ڪيون آهن

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور پوليس پاران منشيات فروش ۽ منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي جنهن دوران مختلف ٿاڻن جي پوليس ڪارروايون ڪندي مجموعي طور 8 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات، شراب ۽ نشي آور سپاريون هٿ ڪري ورتيون آهن رانيپور ايس ايڇ او رانيپور ۽ سندس ٽيم گشت دوران مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪندي ٻن منشيات فروشن عمران وساڻ ۽ حب بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-338820351-2026	HIRING OF IWS FOR PASAHKI-15(SLANT)	16.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-LOGISTIC-4527-339117834-2026	SERVICES FOR TRANSPORTATION OF MATERIAL, MACHINERY & EQUIPMENT	16.10.2026 AT 1430 HRS
3.	OGDC-SCM-LBG-CB-CESS-334988397-2026	LANDSCAPING ENHANCEMENT WORKS AT DAKHNI PLANT, TEHSIL JAND, ATTOCK PUNJAB	16.10.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **29.08.2026** and **12.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-RM-4452-334259424-2026	SERVICES FOR OVERHAULING AND REWINDING OF ELECTRICAL MOTORS	07.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-FB-DRLG-D-332255653-2026	WELLHEAD ASSEMBLIES	08.10.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.190/17

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي ، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.